ڍولا - مارو



ڪي

پريم

کهاڻي

جوهڻه

ڍولا مارُو ڪهاڻي

راجستان جي ڍولا - مارُو ڪهاڻي اتهاسڪ پيڙهه تي ٻڌل آهي. ڪرنل ٽاڊ جي نامور ڪتاب، نالي "راجستان جون ڪٿائون ۽ حقيقتون"، منجهه هن ڪهاڻيءَ جو سرسري ذڪر ڪيل آهي، مگر راجستان ۽ سنڌ جي انيڪ چارڻن، منگڻهارن ۽ ڀٽن، پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪلپنا سان، ڪهاڻيءَ کي وڏيڪ سندر بڻايو آهي. جئن سنڌ جي عمر مارئي وارتا، راجستاني ڪهاڻيءَ کان عاهدي آهي تئن، گجرات ۽ پنجاب وارن کي پڻ، پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي آهي جا اتهاس کان ڪي ڪجهه ڦريل آهي، پر اصلي ڪهاڻي پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڍولا - مارُو دوهن هند سنڌ جي ڪوين کي ڪيتري قدر اتساهيو، اهو هن ڪتاب ۾ ثابت ڪري ڏيکاريل آهي. ڀڳت ڪبير، ميران ٻائي ۽ اسانجي شاهاڻي شاهه تي ڍولا - مارُو دوهن جو ڪيترو اثر پيو، اهو، پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻيءَ، حوالا ڏيئي، هن ڪتاب ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اصلي دوها، جنمان اٽڪل ٣٠٠ ٿيندي، هن ڪتاب ۾ وڌا ويا آهن، سي اعلي درجي جي شاعريءَ جو مثال آهن.

هن ڪتاب ۾ ڏنل ڍولا - مارُو وارتا جا فوٽا، هز هائنيس مهاراجا جوڌپور پاڻ وٽ رکيل پراچين آلبم مان ونڊ ڏنا آهن، جنهن لاءِ سنڌس تهدل شڪرگذاري ٿي ڪجي.

ڍولا-مارُو

ليکڪ:
پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي

هندستان ساهتيه مالا - بمبئي



ڪونجڙين کي ڏسي، مارئي پنهنجي حال تي ٿي روئي

”قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهه

ڪنهنجو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هيٺ ڀر.“

[صفحو ٢٠]

فهرست

هندستان ساهتيہ مالا ـ سال ٢: پستڪ ٩

ڀهريون ڇاپو: مئي ١٩٥٦

❀

قيمت ٠-٠-٢ روپيہ

❀

ملڻ جو هنڌ:

هندستان ڪتاب گهر

١٣ حمام سٽريٽ، فورٽ، بمبئي - ١

❀

Printed by :Mansing Chuhermal at the Navrashtra Press, 23 Hamam Street, Fort, Bombay-1 & Published by him for the Hindustan Sahitya Malla, 13 Hamam Street, Fort, Bombay-1

مهاڳ

اَٽڪل ست سال ٿيا ته هڪڙي ڏينهن اِندور جي توبخاني رستي تان لنگهندي، فٽ پاٿ تي هڪ ڪتب فروش جا جهونا هندي ڪتاب پکيڙيل ڏٺم. هونءَ ته لنگهي وڃان ها پر منهنجي نظر وڃي هڪ چونپڙيءَ تي پيئي جنهنجو نالو هو ”ڍولا-مارُو“. شاهه جي رسالي ۾ درج ڪيل ”سر ڍول مارئي“ اَچي ياد پيم، سو ٻيهي رهيس ۽ ٻن آنن ۾ اها چونپڙي خريد ڪري گهر کڻي آيس. منجهس نڪا ڪا ڪهاڻي هئي ۽ نه وري ڪو مهاڳُ ئي هو؛ فقط ٧٦ دوها درج ٿيل هئا. پس پيش، دوهن جي هيٺين ٽڪن منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو:

١- آڊا ڊُونگر، ٻُونءَ گهڻي، آڊا گهڻا پلاس
٢- پنٿي! ايڪ سنديسڙءُ، لڳ ڍولئه پهچاءِ
٣- ٻاڍي! ايڪ سنديسڙءُ، پريتم ڪهيا جاءِ
٤- سيڻي لو! ول واليان، سيهين ڪي گل هار

انهن ٽڪن ڏي ڌيان هنڪري ڇڪيم جو، پڙهندي، شاهه عبداللطيف جو هيٺيون مصرعون اچي ياد پيم:

١- آڏا ڏونگر لڪيون، سوُريون سڄڻ سيل
٢- پانڌي! پاراڀو، ڏجاءِ ڀانئي ڍول کي
٣- ڏجاءِ ڀانئي! ڍول کي سنيهو ساري
٤- سيڻئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار

هيءَ مشابهت، مضمون توڙي عبارت جي، ڍولا-مارُو دوهن ۽ شاهه جي شعر جي وچ ۾ ڏسي، اُٺ تڪ ٿيم ته ڍولا-مارُو دوهن جو اُونهو اڀياس ڪريان ۽ خاطري ڪريان ته اِها مشابهت اِتفاقي آهي ڪين اِرادتي. پر، اُن وقت، مون

د وهن ۽ جيسلمير جي هڪ آڳاٽي ڪويءَ ناليءَ ڪشلاڀ جي
چـوپاين مان ڳولي ڪڍيم. ٽاڊ جي مشهور شاهڪار
"Annals & Antiquities of Rajasthan" مان ڪي حقيقتون
مليم جي به ڪهاڻيءَ ۾ درج ڪيون اٿم. ڪٿي ڪٿي، تواريخ
نويسن ۽ هندي ساهتڪارن منجهه اختلاف هئڻ سبب، ۽
ڪي واقعا اڻ نهڪندڙ ۽ اسميوءَ جاڻي، وارتا کي ڪجهه
پنهنجي نموني ۾ لکڻي پيئي اٿم. هن سلسلي ۾، پروفيسر
منگهارام ملڪاڻيءَ کان وقت به وقت مدد پئي ورتي اٿم.

ستن سالن جي ڪوشش جو نتيجو هيءُ ڪتاب آهي.
انهن ڪوشش جو ڦل جيڪو نڪتو آهي سو سنڌي ساهتيه
ڪاڻ لائيڪ آهي يا نه، اُن بابت فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن.
آءٌ پنهنجي سر انهيءَ راءِ جو آهيان ته ساهتيه جي مهراڻ مان،
موتين سنڌيون سپون ڳولي لهڻ، مون لاءِ محال آهي، باقي
ستيئرا ئي هٿ آيا اٿم جي پڙهندڙن اڳيان پيش رکانئو.

پڙهندڙن کي، منهنجي راءِ موجب، هن ڪتاب مان
ورو لطف شايد تڏهن ايندو جڏهن هو اول ڍولا-مارو وارتا
ڪتاب ۾ ڏنل نقشو نظر مان ڪڍي، لس ئي لس پڙهي
ويندا، پوءِ دوهن اڳيان ڏنل پُوڪا خيال سان پڙهي،
وارتا مٿان کان وٺي وري پڙهڻ شروع ڪندا ۽ گڏوگڏ،
اڳيا پيل دوها، ارٿ ۽ حوالن سميت، پڙهندا ويندا. انهيءَ ريت،
تين خبر پوندي ته ڍولا-مارو دوهن ۾ ڪهڙي مٺيا آهي
انهن ڀارتي ڪوين ۽ اسانجي شاهاڻي شاهه کي اُتساهيو.

بمبئي، ١، مئي ١٩٥٦ع. — جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي

آڏو وڏي مشڪلات هيءَ هئي جو هندي ٻولي اُچا تن
ڏينهين، رواجي ٻال ٻوڌ ذريعي سکڻ شروع ڪئي هيم. انهيءَ
مشڪلات ۽ ٻين مشغولين سبب، جيتوٽيڪ هن وشيہ جو
اڀياس آهستي ٿي ڪيم، تہ بہ، منهنجي دلچسپي
ڏينهون ٻوءِ ويئي وڌندي ۽ جڏهن ٻوءِ لڳن، ڍولا–مارو دوهن
بابت وڌيڪ ڪتاب پڙهندو هوس ۽ جڏهن، ڪرسمانگي،
راجستان طرف ويندو هوس تڏهن اُتي، ڍولا–مارو دوهن
۽ وارتا بابت پڇو ڳاڇو ڪي نہ ڪي کوجنائون ڪندو هوس. مکيہ
مدد مونکي، جيسلمير ۾ رکيل هڪ قلمي نسخي ۽ ڪاشي
ناگري پرچارڻي سڀا وارن جي ڇپايل ڪتاب "ڍولا–مارو دها"
مان ملي، پر ٻيا بہ ڪيترائي قلمي نسخا ۽ ڇپيل ڪتاب پڙهنا
پيم، جن مان مکيہ ڪتاب، هن پستڪ جي انت ۾ ڏنل
يادداشت ۾ ڄاڻايا اٿم.

شاهہ جي شعر تي ڍولا–مارو دوهن جو ڪيتري قدر
پرڀاءُ پيل آهي، اُنجو اندازو لڳائڻ لاءِ، شاهہ جو رسالو،
اول کان آخر تائين، ڪيترائي ڀيرا، ست ست ڪري پڙهيو
اٿم ۽ حوالن ڳولڻ ۾، پنهنجي مترن ڪليائڻ آڏواڻيءَ کان بہ مدد
ورتي اٿم. ميران بائيءَ جي "پداولي" وارا سمورا پد بہ
ست ست ڪري پڙهي، منجهانئن حوالا ڪڍيا اٿم. ڪبير
جا حوالا، ڪيترا تہ ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا وارن جي
ڪتاب ۾ ڏنل هئا، تہ بہ ڪبير جي ڪوتائن جا ڪتاب
پنهنجي سر نظر مان ڪڍيم ۽ منجهانئن وڌيڪ حوالا هٿ آيم.
سُورداس جو گرنٿ "سُورساگر" بہ پڙهيم پر ڏسجي ٿو تہ
سُورداس جي ڪوتائن تي، ڍولا–مارو دوهن جو پرڀاءُ،
ڀڳت ڪبير، ميران بائيءَ ۽ شاهہ لطيف جي ڀيٽ ۾، گهٽو
گهٽ پيل آهي.

ڍولا–مارو وارتا، سلسلي وار ڪنهن بہ نثر جي ڪتاب ۾
هٿ ڪانہ آيم؛ انهيءَ ڪري ڪهاڻيءَ جا واقعا ڍولا–مارو

۱- ڊولا- مارُو وارتا

ڀلنامو


صفحو	هنڌ	غلطي	درستي
١٥	ٽيرهين سٽ	"ڪشلاپ"	ڪاٽي ڇڏيو
٢٢	ٽري ۾	"يا نہ اُداس"	"يا نہ آهي اُداس"
٤٤	چوٿين سٽ	"جلدي ٿي"	"جلدي ٿو"
٥٢	وچہ جيڪو بيت آهي سو صفحہ جي ٽري ۾ هئڻ گهرجي		
٦٣	ڀهرين سٽ	"مارئيءَ جي"	"مارئيءَ جي ڀهرجي"
٨٣	دوها !	"اُپنٽي"	"اُپني"
٩٧	شاهہ ١	"سجڻ"	"سڄڻ"
١١١	دوها ٨٨ هيٺان، سوُرداس واري ٽڪ، ڪبير جي بينءِ ٽڪ سان مٽايو		
١١٩	دوها ١١٤	"دٺيان ري"	"ٺيان دري"
١٢٠	دوها ١١٨ ارڌ	"بوٽو"	"ٽوبو"
١٢١	دوها ١٢٣	"پرنت"	"پرنم"
١٢٤	شاهہ ٥	"ڏنهہ"	"ڏيهہ"
١٢٩	دوها ١٤٧	"پري"	"پري"
١٣١	دوها ١٥٤	"آچہ"	"آچہ"
١٣٧	دوها ١٧٣	"لاگرهہ"	"لاج گرهہ"
١٣٧	يارهين سٽ	"وارووٽي ويا"	"شاهہ-١- وارو! ور وٽي ويا"
١٤٠	دوها ١٨٤	"ڪسيہ"	"ڪسيہ"
١٤٧	دوها ٢٠٧	"چلنتا چلنتا"	"چلنتا"
١٥١	دوها ٢٢١ ارڌ	"چوٿدان"	"چونڊا"
١٦٤	دوها ٢٦٠	"ڪارٽہ"	"ڪارٽہ"
١٦٥	شاهہ ٢-	"پت"	"پيمت"
١٦٧	دوها ٢٦٩ مٿان	"ٽور اڇط"	"پوُ گل اڇط"
١٦٨	دوها نمبر	"٢٦٨"	"٢٧٨"
١٦٨	دوها ٢٧٨	"رالي"	"رال"

وارتا

هيءَ ڪا ساڌارڻ، جهڙي تهڙي وارتا ڪانه آهي. هيءَ
ها اَنُوپ پريم ڪهاڻي آهي جنهن انيڪ آتمڪ شڪتين
کي اُتساهيو. آهي اصلي هڪ دنيوي پريم ڪهاڻي پر سندس
پر ڀاءُ انيڪ ڪوين جي اُڪت تي پيو. ڀڳت ڪبير، ميران،
سـور داس ۽ هندستان پر جا ٻيا ڀڳت، تن جون دليون
هن ڪهاڻيءَ ۽ ان تي جوڙيل دوهن سبب گهڻو پنيون ۽
سندن ڪوتائن هن ڪهاڻيءَ جي دوهن مان بيحد رس پراپت
ڪيو. اسانجي شاهاڻي شاهه جي اعليٰ شعر تي به ڍولا-مارُو
دوهن جو اثر گهٽ ڪين پيو. ڍولا-مارُو وارتا جي هڪ
هڪ گهڻنا پڙهندي، اسانجي نيڻن آڏو، شاهه جي رسالي جو
هڪ هڪ سر اچيو بيهي ۽ ڍولا-مارُو دوها پڙهندي،
نت نت ائين پيو ڀاسجي ته سندن مضمون توڙي عبارت،
شاهه جي شعر دوارا، اسان جي نس نس ۾ اڳيئي پيئل آهن.

ڍولا-مارُو ڪهاڻي، هڪ سچي اِتهاسڪ ڪهاڻي آهي،
ر هڪ هزار ورهيه جهوني ڪهاڻي هئڻ سبب، سياويڪ
آهي جو ڪن واقعن بنسبت، تواريخ نويسن وچ ۾ اِختلاف
آهن. ڪهاڻيءَ جا مکيه ڪردار چار آهن: ڍولا، مارئي،
مالوڻي ۽ اومر. چارئي اِتهاسڪ ويڪتيون آهن پر ڇئن ئي
جي اصل نسل بابت، اتهاسڪن جا ويچار علحدا علحدا آهن.
ڪهاڻيءَ جي واقعن توڙي شخصيتن بابت اختلافن جا ڪارڻ
هيٺيان آهن:

(١) هڪ هزار ورهيه اڳ جي ٻين به انيڪ اتهاسڪ
وارداتن تي گهٽي لت چڙهيل آهي تنهنڪري الڳ الڳ
کوجنا ڪندڙ الڳ الڳ نتيجي تي پهتا آهن؛



ڍولا-مارُونقشو
ماپ: ١ انچ = ١٦ يوجن = ١٢٨ ميل
{انگ وارا تا جا صفحا ڏيکارين ٿا}
راجا پنگل جو سفر ١١
نَرور - پُوگل ٢٥-٥٨
رٿڊول جو سفر ... ١١-١٢
چمپاوتيءَ جو ڀڄڻ ... ١٨-٢٠
رٿڊول جو لشڪر ١٢
چتوڙ هٿ نيا پو ... ٤٧
اُٺ کي پاڻي پيارڻ ٤٨
چارڻ جي حرڪت ٤٨-٤٩
ويسُوَجي گڏجاڻي ٤٩-٥٣
مارُئيءَ جو مَري جيئڻ ٥٩-٦١
اُومرا جي حرڪت ٦٢-٦٥
پنجاب
(پاڪستان)
بيڪانير
پُوگل
(مارُئي)
پنجاب
(ڀارت)
سنڌ
جيسلمير
اُومرا سُمرا
اُومرڪوٽ
مارواڙ
ٿرڪوٽي
امبر
(جيپور)
اَرَاولي پهاڙ
اجمير
جالور
آبُو
گجرات
اُڌيپور
ڪوٽا
ٻُونديء
چنديري
گواليار
نَرور
(ڍولا)
ڀوپال
(مالوڻي)
مالوا

عمر مارئيءَ جي ڪهاڻي هڪ اعليٰ درجي جي روحاني ڪهاڻي آهي. پراڻڪ رياءَ سبب، مول آکاڻيءَ بابت، سپاويڪ، ورونڌي رايا آهن ئي آهن.

ڍولا، هڪ تواريخي شخص هو؛ هو ٻه ڄالون پرڻيو هئو، هڪ مارئي ۽ ٻي مالوڻي؛ مالوڻيءَ جو ڍولا لاءِ اَتي پريم هو؛ مارئيءَ جو به ڍولا لاءِ اَتي پريم هو؛ ڍولا جو ٻنهين لاءِ اَتي پريم هو؛- اِهي سڀ تواريخي حقيقتون آهن، سچيون حقيقتون آهن؛ پر، ڪهاڻيءَ جي وچور وار احوال ۾ ڪيتري صداقت ۽ صحت آهي تنهن بابت خاطري هئڻ جي ضرورت به نه آهي. اِها ڳالهه بس آهي ته وچور وار ڪهاڻي به بيحد رس ڀري آهي.

ڍولا

اٽڪل هڪ هزار ورهيه ٿيندا جو ڍولا جو پيءُ راجا نل، نرور ديس ۾ راڄ ڪندو هو. هوُ 'ڪڇواها' ڪل جو راجپوت هو.

ڪڇواها ڪل، راجپوتن جو هڪ پرسڌ ڪل آهي. ڪرنل ٽاڊ جو چوڻ آهي ته "ڪڇواها يا ڪڇوا ڪل، اصلي سري رامچندر جي ٻئي پٽ ڪش جو اولاد آهي. (پڙهندڙن کي خبر آهي ته) سري رامچندر ڪوشلا ديس جو راجا هو، جنهنجي گاديءَ جو هنڌ ايوڌيا هو. ڪش پاڻ يا سندس ڪنهن ويجهي اولاد، اباڻو ديس ڇڏي، سون نديءَ تي هاڪارو روهتاس جو ڪوٽ اڏايو جتان ڪيترين ئي صدين بعد، انهيءَ ڪل جو ناليرو راجا نل (دميتنيءَ جو ڀتار) سن ٢٩٥ع ۾ لڏي اولهه طرف ويو، جتي، گواليار ڀرسان، نرور جو ڪوٽ اڏائي، هن نرور گهراڻي جو پايو وڌو. انهيءَ راجا نل جي ٽيٽيهينءَ پيڙهيءَ ۾ سوُراسنگه تخت تي ويٺو، جنهنجي پٽ ڍولا راءِ کي سن ٩٦٧ع ڌاري، پنهنجو اباڻو آستان ڇڏڻو پيو." (ٽاڊ، II-٢٥)

(۲) وارتا جي وچور وار سامگري گھڻي قدر ڍولا - مارو
دوھن مان ملي سگھي آھي پر ڍولا - مارو دوھا ڪنھن
ھڪ ڪويءَ جا چيل نہ آھن. درحقيقت، ڪو بہ دوھو
ڪنھن بہ نالي ڏنل ڪويءَ جو جوڙيل نہ ڄاتو ويو آھي.
دوھا، لوڪ ڪوتائون آھن ۽ جڏھن ڪٿي نہ سندن
جوڙيندڙ، لوڪ آھن. انيڪ ڀٽ، چارڻ، مڱڻھار
چارڻ وغيره، جن جي اُپج، ھي دوھا آھن، تن پنھنجي
پنھنجي اُمنگ سان، وارتا کي بہ پنھنجو پنھنجو رنگ
ڏنو ھوندو، سا ڳالھہ وسھڻ جوڳي آھي. (ھتي مڪي
ڪوي، جنھنجو ذڪر ڪرڻ ضروري آھي سو آھي
"ڪشلاپ" جو پندرھين صديءَ جي آخر ۾ يا سورھين
صديءَ جي شروعات ۾ ٿي گذريو آھي. ھو جيسلمير
رھندو ھو. ھن ڪويءَ، ڍولا - مارو دوھا، جي پاڻ قبول
ڪيو اٿس تہ ان وقت بہ پراچين سمجھڻ ۾ ايندا ھئا، سي
ڪٺي، منجھن پنھنجون جوڙيل چوپايون ۽ بيا چند گڏي
ڍولا - مارو ڪھاڻي سلسلہ وار ڪئي. ڪشلاپ جو ھڪ قلمي
نسخو سورھين صديءَ جي شروعات جو لکيل آھي.)
(۳) ھيءَ وارتا انھي وقت جي آھي جڏھن راجستان
ڪڇ، ڪاٺياواڙ، سوراشٽر، گجرات، سنڌ ۽ اولھہ پنجاب
جو راجنيتڪ توڙي پنگتي ناتو پاڻ ۾ گھرو ھو ۽ انھن ديس
جي ٻولي بہ لڳ ڀڳ ساڳي ھئي. مول ڪھاڻي، گھڻي ڀاڱي
جنھن ھتي ڏني وڃي ٿي لڳن آھي پر ھر ھڪ ديس
ھن سنڌر وارتا تي پنھنجو پنھنجو اثر ڪار ڄمايو آھي
ڪھاڻيءَ جي وارداتن توڙي ڪردارن کي رڱڻ پنھنجي
پنھنجي طرف ڪيو آھي. نہ فقط ايترو پر ڪن ديسن
تہ مارئيءَ جي ڪھاڻي گھڻي ڀاڱي، ھت ڏنل ڪھاڻي
کان نياري آھي. سواء سنڌ جي، ٻين مڙني ھنڌ
ھيءَ وارتا، دنيوي پريم جي وارتا آھي. سنڌ ۾ ئي

مارئي

تن ڏينهن، مارواڙ ديس ۾ پرمار ڪل جا راجپوت راجائون راج ڪندا هئا.

ڪرنل ٽاڊ جو چوڻ آهي ته پرمار راجپوتن جون پنجٽيهه شاخون هيون. (ٽاڊ، I–٧٨). اِنهن پنجٽيهن شاخن ۾ ٽي شاخون آهن جن جو هن وارتا سان خاص سنٻنڌ آهي:

هڪڙا آهن 'موري'. ٽاڊ موجب، اهي چندرگپت موريا جا پويان آهن. چيو وڃي ٿو ته 'موري' پرمارن تان ئي 'مارو' يا 'مارواڙ ديس' جو نالو پيو ۽ پوءِ، مارواڙ ۾ رهندڙ سڀيئي پرمار، 'مارو' سڏبا آيا. پر، ڪن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي ته "مارو" ديس معنيٰ مؤت جو ملڪ!

ٻيا آهن. 'سوڍا'، جي سڪندر (سوگڊي) جا پويان چيا وڃن ٿا. اِهي سوڍا جنهن ڀاڱي ۾ اصل رهندڙ ۽ راج ڪندڙ هئا، تنهن کي ڍٽ چوندا هئا. هاڻوڪو عمرڪوٽ، ڇاڇرو ۽ ڏيپلو تعلقا به انهيءَ ڍٽ ديس ۾ هئا.

هتي، سوڍن جي هڪ شاخ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي: اُن شاخ جو نالو هو **"اُومرا سُومرا"**. ٽاڊ ۽ ٻين ڪن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي ته هاڻوڪو **عمرڪوٽ**، اصل **اُومرڪوٽ** سڏبو هو، يعني اُومرن جو ڪوٽ. پوءِ انهيءَ **اُومرڪوٽ** کي ڪڇ ڀرائي، راڻي اَمرسنگهه وري ٺهرايو ۽ تڏهن سندس نالو **اَمرڪوٽ** ٿيو. ٽاڊ ۽ ٻين جو هيءُ به چوڻ آهي ته مارواڙ جي مکيه راڄڌاني، هن کهاڻيءَ جي وقت ۾، اَبوءَ پرسان هئي ۽ مارواڙ راج تن ڏينهن ايڏي اوج تي هو جو سندس نوَ ڏن ڀريندڙ اپ-راجائون هئا. تن ڏينهن مارواڙ کي چوندا ئي هئا "نوَ ڪوٽي مارواڙ". سوڍن جو اُومرڪوٽ (يا اَمرڪوٽ) انهن نوَن ڪوٽن مان هڪ هو. (ٽاڊ، II–٥٣)

ڪي تواريخ نويس ٽاڊ جي هن ڳالهه کي غلط ٺهرائين ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته نل - دميئنتيءَ وارو راجا نل، پراڻن واري سمي ۾ راڄ ڪندو هو ۽ اُهو وقت، سن ٢٩٥ع کان ڪي صديون اڳي هو. هنن جو چوڻ آهي ته نل، جنهن نرور راڄ جو پايو وڌو، سوهڻيءُ نل، ڍولا جو پتا ئي هو. راجستان جي ڪيترن تواريخ نويسن کوجنائون ڪري، ثابت ڪيو آهي ته ڪرنل ٽاڊ جو مٿيون رايو غلط آهي. ٻئي طرف، اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ڪن پارتي انهاسڪن، عيسوي سن کان ٦٠٠ ورهيه اڳ کان وٺي، عيسوي سن کان ٤٠٠ ورهيه پوءِ وارو عرصو، پراڻڪ عرصو ٻڌايو آهي، يعني ته فقط ڪرنل ٽاڊ جو ڏنل سن ٢٩٥ع، سندس ڏنل راءِ کي غلط نٿو ڪري.

ڍولا جي پتا جو نالو ڪرنال ٽاڊ 'سوُراسنگهه' ڏنو آهي پر ڍولا- مارو دوهن ۽ ٻئي سموري ساهتيه ۾، ڍولا جي پتا جو نالو 'نل' ڄاڻايل آهي. ٿي سگهيٿو ته ٻئي نالا هجنس. ڍولا جي ماتا جو نالو راڻي چمپاوتي هو.

چاڪاڻ ڍولا کي پنهنجو اباڻو آستان ڇڏڻو پيو ۽ ڪئين هو پنهنجي ديس واپس وريو، انجو ذڪر پوءِ ٿو ڪجي. اول ڍولا بابت ٻين ڪن اهم حقيقتن جو ورنن ڪرڻ ضروري آهي:

ڍولا جي پتا راجا نل (يا سوُراسنگهه) کي اوُلاد ٻچندوئي ڪين هو. ڏاڍيءَ در آرآذ نا ڪيائين ته ”داتار! هڪ پٽ بخشينم ۽ ڪيس وڏي آور جا پڙ بخش ڪر. جي پٽ ڄائم ۽ ٽي سال جيئرو رهيو ته وسهندس جو منهنجي هيءَ ويلتي اَگهي آهي ۽ پوءِ پشڪر تيرٿ تي وڃي تنهنجي مهما ڌام ڌوُم سان ڳائيندس ۽ ڌام ڌوُم سان اُتسو منائيندس.“ ڏاڍيءَ اُنس مهر ڪئي، کيس پٽ ڄائو، جنهنجو نالو سالهڪمار عرف ڍولا رکيائون. هو ٽن ورهين جي ڄمار جو ٿيو ته راجا نل، ڪيل ٻرتگيا موجب، پروار سميت پشڪر آيو.

هنن نه فقط مارئيءَ کي پنهنجو بنايو آهي پر هيءَ هڪ وڌيڪ
دلچسپ حقيقت آهي ته اڄ اجمير ۾ سال بسال، هڪ سواري
نڪرندي هئي جنهنکي چوندا هئا 'ڍولا-مارو' سواري.
انهيءَ اٺن تي ڙالون مڙسن کي پادر ڦهڪائي هڻنديون
هيون، ياد ڏيارڻ کان ته پنهنجي استري کڏهن
نه پلڃي وڃڻ نه گهرجي. پنجاب جي ڍولا-مارو ڪهاڻيءَ ۾
ري مارئي هڪ پنجاٻڻ آهي!]

راجا پنگل اڃا پرڻيو ڪين هو تڏهن پوُگل جي گاديءَ
تي وينو. هڪ ڏينهن شڪار تي نڪتو. وات تي ڪيس پائوُ
نالي هڪڙو پٽ گڏيو. اُنهن ڏينهن ۾ پٽن جاڄڪن جو گهڻو
مان هوندو هو. راج دربار ۾، ڪوي ۽ سنگيتڪار اوچ
پدوي ماڻيندا هئا. راجا پنگل پائوءَ کي ساڻ ڪيو. پائوُ پٽ،
راجا جي سونهن ۽ سورمتا ڏسي، کيس چيو ته "هي راجن!
راجائي تڏهن سونهين جڏهن راجا سان گڏ، راڻي براجمان
هجي. *جالوڙ جي راجا سامنتسيءَ جي ڪنيا اماد يوي بتيهه

---

*مارئيءَ جي ماتا آما ۽ اُما جي پتا سامنتسيءَ بنسبت
به تواريخ نويسن ۾ متفق راءِ نه آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته
جالوڙ ۾، سامنتسيءَ نالي راجا، نرور واري نل راجا کان گهڻو
اڳي راڄ ڪندو هو ۽ پنگل جي وواهه جو قصو ڍولا-مارو
ڪهاڻيءَ ۾ پوءِ جو ڳنڍيل آهي جڏهن سچيءَ وارتا جي وچووار
حقيقتن تي لت چڙهي ويئي هئي. مارئيءَ جي ماتا جو نالو
برابر اُما هئو، سا ڳالهه اوائلي دوهن مان به ثابت ٿئي ٿي،
پر اُما جالوڙ جي راجا سامنتسيءَ جي ڪنيا هئي سا ڳالهه
ڪشلاپ جي چؤپاين ۾ ئي جاٽايل آهي. ائين ڏسجي ٿو ته
جالوڙ وارن به وارتا تي ڪجهه پنهنجو اَڌڪار ڄمائڻ لاءِ، اِها
هام هنئين آهي ته مارئيءَ جهڙي خنجر نئڻي، ڪيڻ ڪٽ
ڪنيا، سنڌ ديس جي اُماد يويءَ مان ئي اپني!

ڪن تواريخ نويسن جو اهو ٻڌ چوڻ آهي تہ محمد بن قاسم
جي ڪاهہ بعد جيتوڻيڪ بکر وارو طرف عربن جي هٿ
هيٺ آيو ۽ پوءِ دائود پوٽا پڻ ڏکڻ سنڌ ۾ آيو، تہ بہ ٿر
۽ اُومرا - سمرا پرڳڻي جو ٿر وارو ڀاڱو سوڍن جي هٿ هيٺ ئي
رهندو آيو. سو رهين صديءَ بعد ئي سوڍن جو زور اول ٿاٽوڪي
عمرڪوٽ ۾ ۽ پوءِ آهستي آهستي ٻين هنڌان ٽٽڻ لڳو.
اها عالم آشڪار ڳالهہ آهي تہ همايون بادشاه جڏهن سن ١٥٤٠ع
۾، شيرشاه کان هارائي ڀڳو هو، تڏهن هاٽوڪي عمرڪوٽ
جو نالو اَمرڪوٽ هو ۽ اُتي جي سوڍي راڻي پرشاد اَمرڪوٽ
جو قلعو خالي ڪرائي کيس رهڻ لاءِ ڏنو هو.
هن کهاڻيءَ سان، پرمارن جي ٽيئن تعلق رکندڙ شاخ جو
نالو هو 'سانڪلا' پرمار. اُهي مارواڙ جي پوُگل ديس ۾ راڄ
ڪندا هئا. پوُگل ديس ٻيڪانير کان اٽڪل ٥٠ ميل اتر اولهہ
طرف آهي. ٿو ڪوٽي مارواڙ جي نون ڏن ڀريندڙن ۾ پوُگل
راجيہ بہ هڪ هو. انگريزن جي وقت ۾ پوُگل هڪ ننڍڙي
رياست هوندي هئي. 'سانڪلا' نالي جو ارٿ، ڪن اِتهاسڪن
۽ ساهتڪارن "سانگي" ڏنو آهي، يعني اُهي مالدار راجپوت
جيڪي مال جي سانگي، برسات جي سانگي، ڀيا لڏيندا هئا.
پر عام طرح، سانڪلا پرمار سڏ بائي مارو هئا ڇو تہ گهڻين
ڳالهين ۾ مارواڙ سان ڳنڍيل هئا.
هن کهاڻيءَ جي مکيہ سوُرمي، مارئي، پوُگل جي راجا
نالي پنگل جي ڪنيا هئي.
ڪرنل ٽاڊ جو چوڻ آهي تہ "ماروڻي (Maroni) اجمير
جي راجا جي ڪنيا هئي." (ٽاڊ، II-٢٨٢). پارٿي اِتهاسڪن
۽ ساهتڪارن، کوجنا ڪري، ثابت ڪيو آهي تہ ڪرنل ٽاڊ
غلط هو. انهن جو چوڻ آهي تہ اجمير - ميرواڙا وارن وٽ
وري پنهنجي ڍولا - مارو کهاڻي آهي ۽ ان کهاڻيءَ ۾
رياءِ سبب، اَجمير وارن مارئي کي پنهنجي ڪئي آهي

ڪرڻ ۾ آسان هئا. راجا سامنتسيءَ جون جنهن مهل جيسل
ان ڳالهيون پئي هليون اُن مهل سنڌس راڻي ۾ حاضر هئي.
اڻيءَ کي رٺوڙ جو سڱ پسند نه هو. هوءَ اِنهي ويچار جي
ئي ته ”ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.“ جالوڙ
، پوُڳَل جيان، نوَڪوٽي مارواڙ جو هڪ اپ - راجيه هو.
ري جو پردان جيسل، راجا پنگل جي سونهن ۽ سورمتا جا
ڪ ٻُڌي پريا، سو راڻي هرڪي ته ڪنهن نموني، اما جو وواهه
نگل سان ڪرائجي ۾ ضرور، پر ساڳئي وقت، راجا اَد پچند
ي ڪروڌ کان بچجي به ضرور! نيٺ، راڻيءَ پاڻ هڪ سنباءِ
ٺيو جو سيني کي پسند پيو: اما جي وواهه جي تاريخ ٺٺ
و مهورت ڪيائي، رٺوڙ کي اهڙي ٽنگ وقت ۾ جاڻ
ڪجي جو سنڌس لاءِ وقت سر پهچڻ مشڪل ٿي پوي؛
اڳئي وقت، راجا پنگل پشڪر تيرٿ ڏي ويندي اچي
الوڙ مان لانگهائو ٿئي؛ مائٽ اِنتظار ۾ هجن ته ڪنوار ٻا
ات سوڻ ڪيل، شڀ ويلا ٿي ٽري پر دولهه جو پتو ئي
ڪينهي؛ اهڙين حالتن هيٺ، جڻ ته مجبور ٿي، اما جو وواهه
اجا پنگل سان ڪرائي ڇڏجي!

پردان جيسل، سموري حقيقت اچي راجا پنگل سان
ڪئي. نيڪ وقت تي، راجا پنگل پشڪر تيرٿ ڏي وڃڻ
ي بهاني اَچي جالوڙ مان لانگهائو ٿيو، جتي راجڪماري
ا جي ايندڙ وواهه جي تياري گهٽي پئي ڏني، پر انتظار
گهٽو پئي ڏنو ڇو جو گهوٽ راجا جيڪو گجرات کان اچڻو
و سو اڃا ڪين آيو هو! راجا پنگل کي نيڪ نيڪ مهمان
ور، زور ڪري ترسايائون. جڏن وقت گذري ٿئن ڪنوار ڀنن
ي اڻ تڻ نيڪ پيئي وڌي. هاڻ، ڪنوار لائن ۾،
ات سوڻ سڀ تيار، منيون مڙيئي مضبوط، پر شڀ ويلا
ي ٽري، هيءَ ڳالهه نهي؟ پوءِ ساڳي راڻي ٿي مهمانن جي
يءَ سپا ۾ چوي ته ”پرديسي گهانگل گهڻا آهن. ڪهڙو

اڇڙي ۽ چٽيھ - ڳڻي آھي. اھڙي سندر ڪنيا تہ جھڙي ناھوڪي ۽ جوڏي راجا جي ئي پٽ راڻي ٿيڻ لائق آھي." اِھو چئي، دستور موجب، ڀائو اڇي راڳ ۾ چٽڪيو جنھن ۾ اُما جو ورڻن ڪري ٻڌايائينس:

رمڻي گمڻي رُوپ رتن،
نرڪي ايڪا ايڪ اَسنپ،
تڻ جالوڙ نگر پدمڻي،
ديئي ڳڻڪ، جاڻ دامني؛
اَٿ اَديت سنسار اڻ، نارِي رُوپ رتن،
ڪنجر نٽڻي، ڪيڻ ڪٽ، ڪُمرس ڪنچن- ورن.

(ڪشلاپ)

راجا، ڀائوَ ڀات جي حقيقت سڻي، ڪيس ساڻ ڪري، محل ۾ موٽي آيو جتي ڀائوءَ جو ھيڪاري وڏيڪ سنمان ٿيو. ڪجھ ڏينھن بعد، راجا پنھنجي پرڌان جيسل کي جالوڙ روانو ڪيو. جيسل وڃي سامنتسيءَ کان راجا پدگل ڪاڻ، اُما جو سڱ گھريو. ھاڻ اُما تہ اڳيئي* گجرات جي راجا اَديچند جي پٽ رٽڌوَل سان مڱايل ھئي. اِھو اَديچند پنھنجيءَ ڳالھ وارو ھو. ڪيس ڪروڙ ڏيارڻ بہ آسان ھو تہ اُنجا اَگرا نتيجا

* تاريخن جي اڳہ پوءِ (anachronism) گجرات جي راجا اَديچند واريءَ ڳالھ سان بہ لاڳو آھي. اِتھاسڪن جو چوڻ آھي تہ گجرات ۾، تڪي نل واري وقت ۾، تڪي سامنتسيءَ واري سمي ۾، اَديچند نالي ڪو بہ راجا راڄ ڪندو ھو. ڪن جو چوڻ آھي تہ گجرات وارن، مارئيءَ کي گجرائڻ بڻائي، پنھنجي گرجر- مارُو کھاڻي جوڙي، لنھنجي ساڙ وچان، مارواڙ وارن ھيءَ ملامت گجرات وارن تي ھنئين تہ ڪين ماڳھين، مارئيءَ جي ماءُ اُما ئي نصيب ڪاڻ ٿي ھئي، سو مارئي وري سندن ڪٿان ٿي؟

اِهو ته ڪيس ڪن ماتر به ويچار ڪونه ٿيو ته اما کي ماڳهين ٻئي هنڌ پرڻائي به ڇڏيو هوندائون؛ تنهنڪري، رڻدول کي سنيڙائي، ڄڃ سان جالوڙ رواني ڪيائين. رڻدول جالوڙ کان اڃا ڪجهه پنڌ اورتي هو ته واٽ تي هڪ چاڄڪ ڳڏيس تنهن چيس ته:

موڙا آويءَ هوَ ڪرڻ ڪاج،
پروهت ٽڪيءَ دوس مهاراج؛
لڳن ويلا لڳ جوئي واٽ،
نايا تمهين ٿيءَ اڇاٽ؛
نيهه لڳن جءَ ڪم هي ٽلئي،
ولنٿ ورس پنج نو ملئي؛
ترڻ ويلا پُوڳل نهٰ ڏٺي،
جانرا جاٿ پشڪر لٺي؛
تب هئہ اڻ ٽڻي سب وار،
پرڻيا وئه ڪر منگلچار.

(ڪشلاپ)

رڻدول هيءُ سماچار سڻي، سڙي ويو. اڳتي ڪين وڌيو، اتيئي ترسي پنهنجي پتا کي چوائي موڪليائين ۽ آگيا گهريائينس ته هاڻي ڇا ڪجي. اد پچند ڪوپ ۾ پيرجي ويو. سئنا تيار ڪري رڻدول ڏي رواني ڪيائين ته جالوڙ تي چڙهائي ڪري، پنهنجي مڱ ڪئن به ڪڍي آءُ.

هوڏانهن سامنتسي به سڄاڳ هو، تنهن اَمالڪ پنگل ڏي چوائي موڪليو ته ”تون پنهنجي ڪنوار ڪئن به ڪڍي وڃ، اسانجو ڀاڱو اسان سان.“ پنگل ته اول ڀاڻ به سئنا تيار ڪرڻ لڳو پر پردان جيسل وينتي ڪيس ته ”هي راجن! يد ۾ ڪٽجي اُد پچند جي سئنا کي جيتيندا سين پر تنهن وچ ۾ اما جي سلامتي جوکي ۾ پوندي، سو، جئن سامنتسيءَ چوائي موڪليو آهي، تئن اول اما کي الان ڪڍجي ۽ پوءِ جيئي يد جي

پروسو آهي پرديسي سيٺن ۾؟ اسان جو مارو ديس سهاوڻو،
مارو ديس جا ماڻهو مهل تي پورا، باقي سڀ مهل لئي ڪوڙا.“
هاڻ مهمان مڙيئي هجن مارواڙ جا؛ مڙيئي ڪيا هجن جالوڙ جي
مال جا جاوا، سو؛ سيپيئي پيا ڪن ”نيڪ نيڪ.“ نيڪ
موقعي تي، راجا پنگل اٿي ڪڙو ٿيو ۽ آکڻ لڳو ته ”مهمان
معنيٰ مها مان، مهمان جيڪي چون سو نيڪ؛ مون به
پنهنجي سر ته انهن تي سمجهو ته پرديسي گهانگهل گهڻا؛
مون پاڻ به اڳي راجڪماري اما جو سڱ گهريو هو؛ هاڻ جي
هيءَ اڃي نؤبت بڻي آهي ته آءٌ وري به وينتي ٿو ڪريان
ته جي وينڌن جي مڇنا ملي ۽ راجا سامنتسي راضي ٿي، لائق
واري ڪنيا مونکي دان ڪري ته آءٌ پنهنجا فرض هر طرح
پالن ڪندس.“ مهمانن وري ڳالهه ڇڏي راڻيءَ تي. راڻي
چوي ته ”آءٌ جيڪر هن گهڙيءَ پنگل جهڙو ناٿي ڪريان پر
هيءُ فيصلو ٻن ڳالهين تي منحصر آهي: هڪڙي ته پنگل کي
ڪنيا تڏهن دان ڪبي جڏهن مهمان انهن چوندا ۽ ٻي ته،
پوءِ به شپ ويلا جي ٻنهه پوئين گهڙيءَ تائين ترسبو ۽ جي
رڻڌول آيو ته اول حق انهيءَ جو، ڇو ته ”ڌرت پٽيئي،
ڌرم نه ڇوڙيئي!“ مهمانن ته وري به چيو ”نيڪ نيڪ.“
شپ لڳن جي آخرين گهڙيءَ تائين به رڻڌول نڪي پهچڻو
هو نڪي پهتو، سو اما جو وواهه اهڙين لاچاريءَ (!) جي
حالتن هيٺ پنگل سان ڪيو ويو.

ريت رسم پٽاندر، راجا پنگل اما کي ٿوري وقت لاءِ
مائٽن ۾ ڇڏي، پاڻ پشڪر جو تيرٿ ڪندو واپس پوگل ويو.

هوڏانهن راجا سامنتيءَ جو پروهت، تاريخ لنش ڪٽي، راجا
اديچند وٽ ٻنهه لڳن واريءَ ويلا وقت وڃي پهتو ۽ ڏير
جو ڪارڻ هيءُ ٻڌايائين ته واٽ تي بخار اچي ويو هوم! راجا
اديچند انهن جاتو ته سامنتسيءَ کي ڪا مجال نه ٿيندي جو
ويلا ٽري وڃڻ سبب، اما جو سڱ ئي ٽوڙي ڇڏيندو،

ڪارو ٿي ويو. پر، هاڻ ڇا ٿيندو؟ شڪار هٿن مان ويو هليو، ماڙين جي سڌنا، ترجي واريءَ ۾ ڪٿن هلندي ۽ پوگل ڪٿن رسندي؟ سو ويچارو سڌنا وٺي، واپس گجرات ڏي راهي ٿيو. بلا ٽري!

هيڏانهن پوگل ۾ واڌايون ورهيون. اما ته ڏاڍي پرسن ٿي.

پت راڻي پنگل تڻي، اپڇر نه اُٿهار،
آچه اُما ديوڙي، 'سندر اڻ سنسار'؛
سندر سول سنگار سج، سيج پڌاري سجهه،
پراڻنات پريتم مليه، اُرسر ٿٽنه منجهه.
انهيءَ اما منجهان، راجا پنگل کي ڄائي مارئي.
ماٿه ذوئي ميت، ايي سورج سامهين،
تاهه اپني پيت، موهڻ ويلي مارئي.
(ڪشلاپ)

اما، مٿو ميت سان ذوئي، سورج سامهون ايي هئي. وار بي موهيائين، نپوڙي سڪايائين. تنهن ويل مارئي سندس پيت مان اپني، پيدا ٿي.

ڍولا-مارُو وواهه

مارئي اڃا ڏيڍ سال جي هئي ته پوگل ۾ اچي سخت آڪال، ڏڪار پيو، ڇو ته "ديوَ نه وو نه ديس"، مارو ديس ۾ برسات ئي ڪانه پيئي. مارو لوڪ، مال سانگي لڏي ويا. راجا پنگل به ديس ڇڏي، پروار سميت نڪتو. ڪٿي ديرو ڄمائبو اهو نه ٿيو اَن جل جي اختيار. حالي هلندا هلندا اچي پشڪر تيرٿ تي نڪتا. اتي

نيلا ذر نه نرمل نير
پرذل ان گهڻا ڏڌ کير؛

(ڪشلاپ)

ضرورت ٿي ته منهن ڏيو." راڄا اها ڳالهه مڃي. جيسل پوءِ هڪ ٻيلن جي جوڙي ڇڪڙي ۾ جوٽائي. ٻيل ڪين هوا، اڏامندڙ باز هوا. هڪ ڪراڙي جو ويس پهري، ڇڪڙي کي ڇيڪ ڇڏيندو، ڀڄائيندو هليو. گهٽين ۾ پوين مان لنگهڻو هوس، سو:

سيٺي پومءِ اَوَرءِ نام،
کهءِ اَور مجهه اَوري ڪام؛

(ڪشلاپ)

جتان لنگهي اتي ڀنڀنجو نالو ٻيو ٻيو ٻڌائي، جيڪو پڇيس تنهنکي ڪم ٻيو ٻيو ٻڌائي.

سانجهه سمءِ ٿي پاگيءِ جوڙ،
جايءِ اُتريءِ جالوڙ؛

(ڪشلاپ)

سانجهيءَ سمي تائين لکو ڀڄندو ويو ۽ وڃي جالوڙ ۾ اتريو. اتان اما کي، هڪ ڪراڙيءَ جو ويس پهرائي، ڇڪڙي ۾ وهاري، وري واپس اڏاڻو ۽:

کهءِ اُڏءِ پنکي اَڪاس،
پرگٽيءِ آيا پوگل پاس؛

(ڪشلاپ)

وات تان ائين اڏاڻو جڻ آڪاس ۾ پکي ۽ ترت پوگل ۾ اچي پرگٽيو!

جيسل جنهن وقت اما کي کڻي واپس پوگل وڃي رهيو هو تنهن وقت رٽدول سڻنا سميت، جالوڙ کان گهٽو اوري، رات پوڻ سبب، چانوڻي هڻي لٿل هو. جيسل ۽ اما، ٻئي ڳوناٽي ويس ۾، چانوڻيءَ وچان ٿي لنگهي ويا ۽ ان وقت ته ڪنهن کي سهڪ ٿي ڪانه پيئي ته ڇڪڙي ۾ اها ڇوڪري آهي جنهن ڪاڻ هيءَ سمورو ڇيتڪ ٿيو آهي يا پوءِ، جاسوسن اچي رٽدول کي ڄاڻ ڪيو. رٽدول اهو سڻي،

گھانگھل گھڻا' جاڻي، رڳڙول ڪئي رهتي، سندس وواهه راجا پنگل سان ڪيو هو، سو هاڻي پاڻ وري ڪئن پنهنجي مارئي پرديسين کي پرڻائي؟ راجا پنگل کي پنهنجي منشا سڻائين ته انهيءَ ۾ ڇيس ته 'پرديسي گھانگھل گھڻا'، جوڙي برابر سارنگي ٿيندي. ڀائوءَ ڀاٽ سان صلاح ڪيائون. هو چوڻي ته "راجا نل برابر پرديسي آهي، پر لڪشي آڻي اوهانکي هٿ ڪيو آهي سو انهيءَ ۾ به ڪو راز آهي. جوڙي سارنگي آهي ۽ آستان شپ آهي. سوڻ سڀيئي سٺا آهن. هن ناتي جو قبل تمام سٺو ٿڪرندو ۽ سمي پٺي، ڍولا-مارو جو سنيهه اوس جڳ ۾ پرسڌ ٿيندو." راجا پنگل سوچيو ته سندس آنند جو ڪارڻ به اهو ڀائو ڀاٽ ئي هئو ۽ ڪيس پنهنجي وواهه سمي جنسي باهه مان لنگهڻو پيو هو ته به ڪا لهس ڪانه آئي هيس. انهيءَ ڪري، ڀائو ڀاٽ ئي ويسهه ڪري، پنگل ۽ اما پنهنجي سر ته ناتو جوڙڻ لاءِ تيار ٿيا. پر چمپاوتي جي من ۾ به ساڳيائي ويچار هجن. هوءَ به پنهنجي پتار کي چوي ته "جوڙي سارنگي ڀٽبي." اهي به صلاح تا ڪن ڀائو ڀاٽ سان ۽ ڀائو ته مارئيءَ جي سونهن جا ڍڪ پرڻ ٿو لڳي. وري جو تنهن رات پاوس اچي ٿي پرگھٽي، ورڪا اچي ٿي وسي ۽ چوطرف وڄ ڀڪي، سو ٻنهين ڌرين سوچيو ته ڪرتار پاڻ اهي اهڃاڻ مڪا آهن. انهين، هيءُ آديت ناتو جڙيو. ڌام ڌوم سان وواهه ٿيو.

ڍولڻ مارو پرڻيا، ور دل هوءَ اڇاهه،
آ پوگل ڇپي پدمڻي، اءُ نرور ڇه ناهه؛

ڍولا مارو پرڻيا. ٻنهين ڪلن ۾ گھڻو اُتساهه پيدا ٿيو. هوءَ پوگل جي پدمڻي ۽ هو نرور جو راجڪمار، اڏ پٽي! اَتي آنند ٿيو. هڪ پاسي نل ۽ پنگل، ٻئي پاسي چمپا ۽ اما-ڪير ڪنڊ ٿي ويا. وواهه بعد، پنگل جي پروار کي نل ۽ چمپا پاڻمسان نرور وٺي ويا جتي به سندن پريت گھڻي وڌي. پوءِ

پوکه سبب ڌرتي نيلي هئي، ۽ ڀاڄي نرمل هو. ان، ڏڌ ۽ کير جا وڏا دل هئا، سو لهي پيا. اِڇا مالڪ جي، هن ڀيري ۾ ڀائُو ڀات اچي پشڪر نڪتو ۽ راجا پنگل کي مليو. راجا کيس ڏسي ڀ. سڀاويڪ ئي آنند ۾ ڀرجي ويو ۽ ڀاڻ وٽ وهاريائينس.

هيءُ اهوئي اوسر هو جڏهن نروَر ديس جو راجا نل، پنهنجي پروار سميت پنهنجي ٽن ورهين جي ڪمار ڍولا جو اتسوءَ منائڻ ڪاڻ پشڪر آيل هو. ٻه راجائون اچي هڪڙي تيرٿ تي هڪڙي وقت نڪرن ۽ ٻئي هجن نام ڪنيا، سو هڪٻئي جي اچڻ جي سڌ ۾ ٽرت پين. ڀائو ڀات، راجا پنگل سان ڳالهه ڪئي ته: ”راجن! اوهانجي هيڏانهن اچڻ جي جاڻ ته مونکي ڪانه هئي پر آءٌ آيو آهيان راجا نل وٽ، ڇو ته ڪن ڏينهن کان آءٌ سندس راجيه درٻاري ڪوي آهيان. اوهانجي آگيا پٽاندڙ اوهان وٽ لٿس، هاڻ اوهين آگيا ڏيو ته هن اتسوءَ تي راجا نل وٽ وڃي پنهنجو پد سنڀاليان.“ راجا پنگل کيس گهڻا ڏان ڏيئي، رها ڪيو.

ڀائوءَ جي من ۾ وچان ٿي ڪا ٻي هئي. اما جي هنج ۾ مارئي ڏنائين. اها هنج ۾ ئي ٻهڪي. هوڏانهن ڇمپاوتيءَ کي ڍولا ته سندس هٿن ۾ ئي ڄائو هو سو انجي سونهن جي ۾ سڌ هيس. سو ڇيائين ته هيءَ جوڙي ساريڪي ٻڻبي. انهيءَ اُڻ تڻ سان، ويو راجا نل وٽ! ڍولا جي اتسوَ تي، راجا نل کان، راجا پنگل کي پروار سميت ڪوٺ ڏيارائين. نروَر وارن، پوگل وارن جو گهڻو آدرستڪار ڪيو. ٻنهين ڪلن جو ڀاڱيه گهاٽو پريم ٿيو. راڻي اما ڍولا کي ڏٺو ۽ سندس روپ ڏسي ڏاڍو ريجهي. مارئيءَ کي ڍولا ڀرسان ڏسندي دل ۾ چوندي هئي ته ”ڏس وڌاتا ڪام!“، ورڌاتا، ڏس آهي تنهنجو هيءُ ڪم، ڪهڙيءَ جوڙيءَ پيدا ڪرڻ جو! ٻئي طرف وري دل ۾ ڪنڪو پيو پويس ته سندس مائٽن ’پرديسي

مٿي تي رکي، رائوواهه ٽرور مان نڪتي ۽ اوله طرف هلندي
هلندي، نيٺ وڃي هاڻوڪي جيپور نزديڪ، ميڻا راجپوتن
جي نگر کوگانوءَ لڳ پهتي. ٻڪ ۾ ٻاهه ۽ ٽڪل، هن پنهنجو
قيمتي ٻار لاهي پٽ تي رکيو ۽ پاڻ لڳي ڏٿ ڏونرا چونڊڻ.
اوچتو وڃي نظر پيس پنهنجيءَ ٽوڪريءَ تي. ڇا ڏسي، ته
هڪ ٻلا ڦڻ کڍيو، ٽوڪريءَ تي چڙهيو ويٺي آهي. ڪيڪ
ڪري ويس. آواز تي هڪ وانهڙو براهمڻ ڊوڙي آيو. برهمڻ
چيس ته 'اُلڪو نه ڪر. اُلٽو، جشن ڪر. اِها تنهنجي ٻالڪ
جي آئيندي مرتبي جي نشاني آهي.' پر ويچاري ڪيئن ٿيل
ماءُ، جا *اَمبر راڄ جي هئڻهار پائي وجهندڙ جي ماتا هئي،
تنهن اُتر ڏنو ته 'اڳتي ڇا ٿيڻو آهي، تنهنجو اونو هينئر آءٌ
کهڙو ڪريان، جڏهن هن وقت آءٌ ٻڪ ۾ پيٽ پاهه ٿيان؟'
اِنهيءَ تي، برهمڻ کيس کوگانوءَ نگر جي ڏڳ لاتو ۽ چيائينس
ته 'تنهنجي اَڻ سرندي اُتي پوري ٿيندي.' (مطلب ته اُلائجي
ڇا هئس پر هيءَ اَياڳڻ) ٽوڪري مٿي تي کڻي، هلندي
وڃي نگر ۾ پهتي، جنهن جي چوطرف هئا ڏونگر ئي ڏونگر.
اُتي هڪ زال گڏيس جا ميڻا پانڌپ نالي رلنسيءَ جي راڻيءَ
جي ٻانهي ٿي ڏني. اُنڪي، پيٽ انڳ تي ڪجهه پوڙهيو
وئي ڏيڻ لاءِ ويئي ڪيائين. اِها ڳالهه ميڻا راڻيءَ تائين پهتي

---

*اَمبر راڄ، هاڻوڪي جيپور راڄ کي چوندا هئا. اَمبر راڄ
جو پايو، ڍولاراءِ جي پوٽي وڌو، نه ڍولا پاڻ، جنهن ناٿ
چويٿو. پوءِ جي کوجنائن مان ثابت ٿيو آهي ته ڍولاراءِ فقط
پنهنجو ٽرور ديس واپس ورتو. جيپور جو شهر کي صديون
پوءِ اَڏايو ويو ۽ راجا جيسنگهه جنهن اَڏايو تنهنجو مٿس نالو
پيو. اَڃا به ڪي صديون پوءِ، ديس تي نالا سنڌن راجڌانين
جا پيا، جڏهن اَمبر بدلجي جيپور سڏجڻ ۾ آيو ۽ مارواڙ
بدلجي جوڌپور سڏجڻ ۾ آيو.

جڏهن چوڌاري برساتيون وسيون، ڪيترا ساوا ٿيا، تڏهن راجا پنگل، راجا نل وارن کان موڪلائي، پرِوار سميت، پوگل وريو. ڪنوار اڃا بالڪا هئي سو ڪيس ٻه پاڻ سان وٺي پوگل ويو. موڪلائڻ مهل، اُما جي اک ڦري ۽ وري نه ڪڏهن ڪو پيس. ياوي سڀ ٻيلي ڪري، نه ته ”پرديسي گهانگهل گهڻا.“

”لکيو لوح قلم جو، هر ڪو ٿو لوڙي“

ورهيه گذري ويا. ديس جون حالتون ٿي اُلٽيون سلٽيون ٿي وينديون. ڦتل ملڪ وسي ويا، وسيل ملڪ ڦٽي ويا. لڙايون لڳيون. ڪي ديس ڪن هٿان ويا، ڪي ديس ڪن هٿ آيا.

آلگي يوم نه ڪوُ پر لهڻ،
وات گهاٽ پيٺي نو وهڻ،
سماچار نهن سوجهه نه ڪوئي،
آلگي سگهڻ اي پر هوئي. (ڪشلاپ)

پوميون ٿي پنگجي، الڳه ٿي وينديون؛ ڪو ڪٿي وڃي نه سگهي؛ وات گهاٽ ٿي پانڌين جو وهڻ ٿي بند؛ نه سڌ نه سماچار؛ سڳا مائٽ ٻه الڳه ٿي ويا. نرور ۽ پوگل وارن جي آوت جاوت بنهه بند؛ نه پوگل وارن کي نرور وارن جي سڌ، نه نرور وارن کي پوگل وارن جو سماءُ.

ڍئيڊ ورس ري مارويِ، تهن ورسانڙءُ ڪنت،
بالپڻهِ پرڻيان پڇهِ، آنتر پرڙيئه آننت.

ڍيڊ ورهيه جي مارئي، ٽن ورهين جو ڪانڌ. بالپڻ ۾ پرڻيا. آنتر گهڻو پئجي ويو، عرصو وڏو لنگهي ويو. وڇو پئجي ويو!

ٻولا سان جيڪا ٿي گذري هئي، تنهنجي پنگل وارن کي پوري سڌ ڪانه پئجي سگهي هئي. درحقيقت، ”راجا سورا سنگهه (نل) گذاري ويو هئو جنهن بعد، سندس ڀاءُ نرور راڄ هضم ڪيو ۽ بالڪ (ٻولا) جو حق غصب ڪيائين. ٻولا راءِ جي ماتا، غريباڻو وس ڪري، بالڪ کي نوڪريءَ ۾ ڪٽي،

نوٽ:

مٿين حالتن هيٺ، هيءَ پريم ڪهاڻي شروع
ٿي ٿئي. هن بعد، ڪهاڻيءَ ۾، ڪٿي ڪٿي انگ
ڏنل آهن. اِهي انگ، هن ڪتاب ۾ درج ڪيل
ٻولاءِ مارو دوهن جو نمبر ڏيکارين ٿا. هيءَ ڪهاڻي
هن بعد، اول اُس ئي اس پڙهڻ گهرجي ۽ پوءِ،
جي لاڳاپيل دوهن سان گڏ و گڏ پڙهبي تـه
منجهانئس لطف ئي اوُر ايندو.

"ستي لذ م سهڻو، لوئيءَ ۾ ليٽي"

مارئي هاڻ جوڀنوَنت ٿي آهي. منجهس چنُونءَ، ڀنور،
ڪويل، ڪنول، چنڊ، ڪيهر ۽ گج جي جدا جدا انگن جي
سموري سوڀيا سمايل آهي. سندس روُپ-ورنن، اڳتي هلي،
ٻ يسوءَ نالي هڪ مڱڻهار اوهانکي ڪري ٻڌائيندو. هن وقت،
ايترو جاڻڻ بس آهي تہ اهڙي سندر ڪنيا نہ اڳ ڪڏهن
جائي ۽ نہ پوءِ ڪڏهن جائيندي. هن اوَستا ۾، هڪ رات،
هوءَ سيج تي ستي پيئي آهي تہ سهڻي (سپني) ۾ ڪو اَچي
ٿو کيس جاڳائي. ڏڍهن تي سڌ پويس تہ آءٌ پرڻيل آهيان ۽
هيءُ سپني وارو شخص، منهنجو ڀتار سالهڪمار، ڍولا آهي.
سـڌڪا پري ٿي سجاڳہ ٿئي. پريم جا بادل مٿڙي آيا آهن.

لچاري نينگر، مائٽن سان اِها حقيقت ڪئن ڪري؟
ڪئن ڪانئن پڇي تہ ڳالهہ ڇا آهي؟ سکين کي ٿي سڻائي.
سکيون وسمئہ ۾ ٿيون پون. اِئين، اَڻ ڏٺي ساجن سان بہ ڪڏهن
نينهن لڳو آهي؟ مارئي سندن اچرج ڏسي، چوين ٿي تہ:

سسنيهي سمندان پرءِ، وست هيا منجهار،
ڪسنيهي گهر آنگڻئہ، جاڻ سمندان پار.

جنهنجي هدايتن موجب، کيس ٻانهين وٽ رهائڻ جو بندوبست ٿيو. ٻانهين وٽ هوءَ ڇونڪو پورهيو ڪندي هئي. هڪ لڳا، محل جي رسوئڻ بيمار ٿي پيئي، جنهنڪري کيس ڀوڄن تيار ڪرڻ جي آگيا ملي. ويچاري چمپاوتي! لکيئي ساٿس اڃا اِها ويدن ڪئي هئي!! پر، اِهو ڏينهن، ڇما راڻي، مرڻ گهريءَ تائين سنڀاري، سائينءَ جا شڪرانا مڃيندي هئي، ڇو ته اُنهي ڏينهن ڪان وٺي ئي ڀاوي پاڻ پلائڻ لڳي. ڀوڄن جوڙڻ جو ڪم ڏاڍي پتن سان ڪيائين. سنجهه سنائي صفائي ته ڇائي جم جا گڻ هئس پر جيتوڻيڪ جيوت ۾ پهريون ڀيرو هيءُ ئي هئو جڏهن رسوئڻ جو ڪم ڪيائين ته به ڪرتار سندس هٿن ڪي جس ڏنو؛ ڀوڄن جڏهن راجا راڻيءَ اڳيان رکيو ويو، تڏهن ڏسندي ته اُني پرسن ٿيا پر ورتائيندي جنسي گد گد ٿيا. اُنهي ڏينهن، راجا راڻيءَ جي آگيا موجب، هيءَ نئين 'رسوئڻ' محل ۾ سڏائي ويئي؛ ڪانئس حال احوال پڇيو ويو. هاڻ، چمپاوتيءَ پنهنجين آپدائن جو ورنن ڪري ٻڌايو. راجا اِهو ٻڌي، کيس پنهنجي اپ پيڻ ڪيو؛ ديولا کي گود جو پاٽيجو. ٻار جڏهن جوڀنوانت ٿيو تڏهن کيس دهليءَ جي مهاراجا جي دربار ۾، راجا رلنسيءَ جو راج دوت ڪري موڪليو ويو." (ٽاب، II-٢٨١).

ڪجهه ورهين پڇاڻا، ديولا؛ نرور جو راج وري هٿ ڪيو پر هيل تائين جيڪي ٿي گذريو هو تنهنجي پوري ڄاڻ پڙگل وارن کي پئجي ڪانه سگهي هئي.

راجا پنگل ۽ راڻي اما کي جو هيترن ورهين اندر، ديولا بابت ڪو سماچار ئي ملي نه سگهيو، تنهنڪري مارئيءَ کي ٻڌايائون به ڪين ته بالپڻ ۾ سندس وواهه ٿيل هو. گهر جي هرهڪ ڀانيءَ کي سخت تاڪيد ٿيل هئي ته نرور جو ڪو ماڻهو ئي مارئيءَ وٽ وڃڻ نه ڏنو وڃي!

پنگل ۽ اُما جي آنُرتا

سکيون گهٽو ئي تيون مارئيءَ کي سمجهائين پر هوءَ ڪٿان
ي مات ڪري. نيٺ، راڻي اُما سان ٿيون ڳالهه ڪن. ويچاري
ما! پويس. تو اهو ساڳيو اڳيون ڪٿڪو: 'پرديسيءَ گهانگهل گهڻا!'
ڏائي. تي راجا کي. چويس ٿي: "راڄن! اسان تہ لڪائي
گهٽو، پر هن جي سپني کي آهي روشن. ڪرتار کي اڇها
يها وٽي آهي. هاڻ ڪو جتن ڪجي جئن ڍولا کي هٿ
گهرائجي نہ تہ منڌ تي مري." راجا گهٽيئي تو ماڻهو هڪ
ڻي پنيان ڍولا ڏي پٺي؛

نِت نِتُ نوُلا سانڍيا، نت نت نوُلا ساجَ،
پَنگل راجا پانوءَ، ڍولا آڻڻ ڪاج؛

نت نت نوُلا، نوان، سانڍٽي اٺ، مهري اٺ، تنتي
ت نت نوان ساج وچاڙائي، پٺي تو ڍولا کي آڻڻ جي
ڪم پنيان، پر

ٿان کو آوءِ پوُگلئہ، سَهُ کو ٺرور جاءِ،
مارو - ٽٺان سند يسڙا، بگڙ بچاهوُن کاءِ؛

رور ڏي سپڪو وڃي، باقي پوگل ڏي ڪو بہ (واپس) نہ
چي. مارو ديس جا سنيها، تنکي وچ ۾ کي بگهڙ کايو
رچن! ڪن سو ڪن چا؟ (٧٩ - ٨٠)

سؤداگر جي ڳالهہ

ڪجهہ ڏينهن بعد، هڪ گهوڙن جو سوَداگر، واپار
انگي اچي تو پوگل نڪري. راجا جو مهمان ٿي تو رهي.
ڳي بہ هتان ٿي ويو هو پر هيل ڏسي تہ سپني جي منهن
ي شوڪ جا بادل ڇانيا پيا آهن. سڌ ٿي پويس تہ بالپڻ
اري ڪنوار هاڻ جوبنونت ٿي آهي، ساڄن کي سپني ۾
نو اٿس، پر سپني وارو ساڄن اچي ڪٿان؟ پڇي تو تہ "آخر

"سکيون! منهنجو سڄڻ، ڪُوڙو سنيهي ٿورو ٿي آهي جو گهر اڱڻ هوندي به سمنڊان پار لڳندم؟ سچو سڄڻ اُتم سو سمنڊان پار هوندي به هنيانءَ منجهه پيو وسي!"

"پر، تون ته ڪيس ڏٺو به ڪينهي"، چوڻس ٽيون سکيون.

"سو ڇا؟"، چويئي مارئي:

جي جيوڻ جنهان-لڳا، تن هين مانهه وسمت،
ڏاڙءِ دُود پپوهرِي، ٻالڪ ڪم ڪاڻ نت؟

"سکيون! جيڪي جن جو جياپو آهن سي تن جي اندر ۾ ئي ٿا وسن. ٻالڪ جهڙي ٿو. ماتا سندس جياپو آهي؛ اُبهم جي اندر ۾ به سندس ماتا وسي ٿي؛ اڃ ڪيس کهڙي جاڻ؟ پوءِ ڪٿان ٿو ماتا جي ڇاتيءَ مان پنهنجو جياپو چڪي؟" (٥-١٤)

اڄ ڪانپوءِ، مارئي اُداس ٿي اُداس آهي. ڪڏهن ڪڏهن بابيها، پپيها، 'پيوُ' 'پيوُ' ٿا ڪن ته سندن آواز تير ٿي ٿا چينس ۽ پوءِ ڪين ورجائي ٿي. (١٦-٢٤) ڪونجڙين جا وڳر ٿي ڏسي ته پنهنجي حال لئي ٿي روئي، پر جڏهن سندن ڪريڙڻ، دلسوز لنوڻ ٿي ٻڌي تڏهن پاڻئين ته اُهي اُڏامي وڃن. ڪڏهن ڪڏهن وينٽيون به ڏاڍيون ٿي ڪري ته پنهنجيون پنکڙيون اُڌاريون ڏيوم جئن اُڏامي وڃي پريتم کي ملان. (٢٥-٤٠) پاڻئين ته هن گهڙيءَ ئي ٻولا ڏي هلي وڃان پر 'آڏا ڏونگر، پوُنءَ گهڻي،' وڻ ٻـ اڪيچار، سي ڪئن پار ڪري؟ (٤١-٤٦) ساوڻ رُت آهي. مينهن ٽراٽر پيو وسي. هن رت ۾ خاص ڪري، برهه ڪيڏو نه ٿو ستائيس! (٤٧-٥١) بادلن ۾ وڄون چمڪن ته ڪيس گهاءَ پيا لڳن. (٥٢-٥٩) سپني ۾ اچيو ٻولا جاڳائيس، پر سچيت ٿئي ته ساڄن گم! ڪانگل کي ٿي نياپا ڏئي. (٦٠-٦١) پانڌي ٿا لنگهن تنکي ٿي پيغام ڏئي. (٦٢-٦٧) يا ته اٿس ٻاڏاءُ ئي ٻاڏاءُ، يا ته اُداس ئي اُداس. (٦-٧٨)

بعد جلد ئي، راجا نل گذاري ويو. اَڌ پٽي ٻالڪ، سو ڍولا جي چاچي ٻڌوهه ڪيو، پاڻ راڄ ڀاڳه هڙپ ڪري ويو. راڻي چمپاوتيءَ کي لڳو ڀؤ ته متان منهنجي ڍولا جي دشمن کي ڪا هاڃي رسي، سو ٻالڪ کڻي اُتي ڀڄي. ورهيه ساندهه پتوئي ڳجهين پين. لوڪ ليکي ته وڃي پرلوڪ پهتا. پر ڀاڳه ورين جو ويڇرائيءَ ۾ ڍولا چڙهائي ڪري آيو ۽ پنهنجو راڄ اچي واپس ورتائين. هاڻ ته آنند ۾ ٿو گذاري. راجا ڍولا هاڻ ڦوهه جوانيءَ ۾، سو ماڻس سندس ڪاڻ مالوا ديس جي هڪ راجڪماري مالوڻي چوندي، جنهن سان سندس وواهه ڪرايائين. (ڪشلاپ پنهنجين چؤپاين ۾ چوي ٿو ته مالوڻي، مالوا ديس جي ڀوپال نريش ڀيم سين جي ڪنيا هئي پر ان وقت، ڀوپال جي تخت تي ڀيم سين نالي ڪو به راجا ويٺل نه هو. ڀانئجي ائين ٿو ته ڀيم سين ڀوپال طرف ڪنهن ننڍيءَ رياست جو راڻو هو.) هاڻ ڍولا مالوڻيءَ سان آنند ۾ ٿو گذاري. مالوڻي به ڏاڍي سندر آهي، پر چتر وڏيڪ آهي. ڍولا کي ڏوڙيءَ ۾ ڏانئين ويٺي آهي. سندس موڪل ڏاران، ڍولا کي ڪو ڏاريو ماڻهو گڏجي به نه سگهي. هاڻ ٿو سمجهه ۾ اچيم ته پوگل ديس وارا ماڻهو ته ڍولا جي ويجهو ئي وڃڻ نه ٿي ڏئي سو پڪ ئي پڪ ڪيس هن ننڍپڻ جي ناتي جي ڄاڻ آهي."

پرالبڌ جا کيل کهڙا نه عجيب آهن! هيڏانهن مارئيءَ کي ڪو نرور جو ماڻهو نه گڏجڻ ڏين، هوڏانهن ڍولا کي ڪو پوگل جو ماڻهو نه ملڻ ڏين!

هاڻ ڇا ٿيندو؟ آسرو لاهي ويهجي ٻيو ورڻ ڇا؟ پر مارئي ڪٿي ٿي آسرو لاهي؟ چي، "لڪئي نيڻهن جٽي آڙايو، اُتان چنڊ جي کهڙي واهه؟" تنهن ڪانسواءِ، "جنهنکي هجي سڪ، تنهنکي ئي اچي سيڪ." رويو پيئي روئي. راجا سمجهائي راڻي سمجهائيس، راڻي سمجهائي سڪيون سمجهائينس، پر "درهه پريا نيڻيهه"، سندس نيڻ روئي روئي درياهه.

اِهو سڀني وارو ساڄن سڃاتو ويو آهي؟ جي ها، ت...
آهي؟" ٻڌائينس ٿـا تـ. "هونءَ تہ ڪنيا ڪـان ڳالهہ ٻ...
اڪيلي هئي پر سڀني ۾ سڃاتو اُنس تہ سندس پيتار نرور...
سالهہ ڪمار، ڍولا آهي." سوداگر، ڍولا جو نالو ٻڌي وسمـ...
پڇي ٿو وجي: "ڍولا سان پر ٽايل آهي؟ مار!" ...
ٿا ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن لوڪي هُهڙيءَ هيرت ۾ وڌو آهي؟...
سوداگر جيڪي ٻڌائين ٿو سو شوڪ جا بادل ڇهائين وڌ...
گهاٽا ٿو ڪري ڇڏين، چي "راڄن! آءٌ اُچا تازو نرور و...
هوس؛

مٿن گهوڙا تهان ڪڍ ويجيا،
ڍولا سوُن پاڻـپـڙ ڪيا،
تيهن گهر مـالوٽـي نار،
اُپڇر ـ ٽڙي جاڻ اُٿـهـار،
ڍولاراء ٽٽـوُن ٻهہ پريت،
ڇترائي لـڳـ لاڳہ ڇيت،
رُوپڻ روُڙءَ تـي راجـان،
ڪمر نہ ڪوئي سالهہ سمان،
ڪـرچڪہ لاک لاک ودروڙءَ،
لاڪي ـ ڪوڙي ليـڪا هـوءَ،
سـمـاچار سهہ ڍولاـ ٽٽا،
کهيـا سؤداڳـر اُسہ گهٽا. (ڪشلاد...

"راڄن! اوهان مارئيءَ جو تہ برابر ٻالپڻ ۾ وواهہ ڪر...
ڇڏيو پر ان بعد جلد ئي ڍولا وارن سان ڪهڙي وڌن
ئي لنهنجي نہ اوهانکي هبر ئي ڪانهي. راڄن! ڍولا
مارُو سان وواهہ ٿيل آهي سا ڳالهہ نہ اڄ هتي ٿو ٻڌان پر م...
جڏهن هيل نرور ويس ڏهن منهنجو ڍولا سان پانبيءَ
رستو ئي ويو. سڀ احوال اِنهيءَ آکهہ جو مليم پر هن وو...
جي نہ باقي ۾ باهر ڪانہ ڪڍيائون. راڄن! مارئيءَ جي وو...

راڻي راجا نون کهڻ، ميلهڻ مانگڻهار،
مانگڻهارا ريجهوءِ، لياوءِ سالهه ڪمار.
راجا! پروهت راکڻ، جڻ ڪي اتم جات،
موکل گهر را منگتا، ورهه جگاوءِ گات.

”راڄن! مگڻهارن کي موکل ته اهي وڃي سالهڪمار
ڀولا) کي ريجهائي وٺي اچن. پروهت کي رکه پاڻوت چو
، انهيءَ جي اتم ذات آهي (تنهنڪري سڃاڻي وٺندس).
نهنجي گهر جا منگتا موکل ته اهي ڳائي وڃي برهه
ءا ڳائينس“. راجا راڻيءَ جي هرڪا ڳالهه مڃي سو مگڻهارن،
وايڻ جي چڱي مڙس کي گهرائي، چويس ته ”تون پاڻسان
نهنجا ڪي ڪيرتا، ڳائيندڙ وٺي، نرور ڳرهه وڃ. اتي اوهين
”ڳرهان ٻهر ڳايو“ ۽ راڄه سان وڃي ڀولا راءِ کي ريجهائي
هت وٺي اچو. مارئي وياڪل آهي ته اسان مڙينئي لاءِ ٻه
سپ ڪجهه وهه ٿي پيو آهي. اوهين ڪيرتا، اهڙا ڪي ڦهر
ءا ڪيرت ڳائجو ۽ تند کي اهڙا ڪي چت چاريندڙ تاڻ
ڻجو جو ڀولا جي ڳرهه ۾ غلغلو ٿي پوي“. ڀڄاڻ جو مکي
صاحب، نالوئي شايد ٻيجل هجيس، ”جا آگيا“ چئي اٿي ٿو
، سؤداگر در تائين اماڻڻ جي ٻهاني ساڻس گڏجي ٿو وڃي
ٻاهر، ڪن سن ۾ تو چويس ته ”مکي صاحب! اوهين هتان
يس بدلائي نڪرجو، جئن نرور ۾ ڪنهنکي ترجيٽرو به
ڪ نه پوي ته اوهين کو خاص ڪنهن ديس جا مگڻهار
يو. اِها نه ڀرڪ به ٻاهر نه ڪيجو ته اوهانجو پوگل ديس
ان کو واسطوئي آهي، نه ته اوهان کاڻ خير ڪين ٿيندو“.
کي ٿو پڇي ته ”ڳالهه چٽي ڪري سمجهاءِ جئن اسين سڃيت
هون ۽ اسانئي جي ڪا مصيبت اچي ته وڃي ته ان جو
ڙرو اپاءُ ڪري سگهون. ڪهڙا اتي جا ماڻهو آهن جنجو
سانکي خاص خوف ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙو اسانکي خاص
چاءُ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي؟“ سوداگر تو جواب ڏئي

پيا پرين. سوداگر وري پيو ڦٽن ٿي لوڻ ٻرڪي، چي

سرجڻهار سڄڻ، هنت گهڙي،
اي جوڙي ساريکي جڙي،
ماروئي هڻي جس نار،
تئو سهي جنم سڦل داتار." (ڪشلاپ)

سوداگر جي! برابر ڪرتار هيءَ جوڙي ساريکي جوڙي، پر جوڙي جا وري ڪرتار ٿي ٽوڙي، سو هاڻ ڪٿن ٿو مارئيءَ جو جنم ڍولا سان سڦلو ٿئي؟ ڪن ٿا ڀاڻ سوچ ويچار.

ڪنهنکي ڪجي قاصد

راجا ساڳئي پرڌان جيسل کي ٿو تيار ڪري. چي "مون پيري ٻه جيسل ڀاڻ ملهايو، هاڻ ٻه جيسل جس ڪندو. پرڌان ٻه آهي ته پروهت ٻه آهي. وڃي ڪٿن نه ڪئن ڍولا کي رسندو ۽ ريهي ريبي ونئي ايندس." تيار ٿا ڪن پروهت کي. مارئيءَ کي من کو آئيت اچي سو ٻڌائينس ٿا. مارئيءَ ماءُ سان ڪا ڳالهه ئي ڪانه ڪري. وري ٿي چوي سکين کي ته "هوڏانهن خبر اٿن ته هوءَ مالوڻي پوگل جي ڪنهن ٻه جيءُ کي پير رکڻ ڪانه ڏئي ۽ هيڏانهن موڪليندا پروهت کي جو پيڙسن ٿيو آهي ته ٻه نرور راج ۾ نديي وڏي جو جاتل سڃاتل. پروهت نرور جي رسي ۽ مالوڻي پروهت کي ڍولا سان جي گڏجاڻ ڏئي." "سکيون ٿيون پڇنس ته "تڏهين ڇا ڪن؟ مات ڪري وهن؟" مات ڪري ڪئن وهندا؟" چوي ٿي مارئي، "مڱڻهارن کي موڪلين. اهي رمتا آهن. ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي سو انهن لاءِ ڪو ڪونه چوندو ته پوگل جا آهن. ويتر جو راڳ جاڻن سو راڳ ۾ راءِ ريجهائي ونئي ايندا. ڪيترن جي ڳالهه ڪا ٻه ڪسي ڪانه ٿئي." سکيون وري ٻه جاڻ ٿيون ڪن راڻي اما کي. راڻي اما ٿي چوي راجا پنگل کي ته

ته ”توهين ڪڏهن روانا ٿيندا ۽ ڪڏهن واپس ايندا“. هو
تا جواب ڏين ته

”آج نسھ مھين چالسيان، ٻھسيان پنٺي ويس،
جنھ جيويا تئھ آوسيان، ميا ته اٿهج ديس:

” اج رات جوئي اسين روانا ٿينداسين؛ پنٺين جو ويس
پهري ويندا سين. جيڪڏا رهياسين ته ايندا سين، باقي جي مئاسين
ته انهي ديس ۾ ئي (ختم ٿي وينداسين).

”ختم ٿين اُوهانجا شترُ، اوهانکي ڪرتار وڏي آورجا
بخشيندو، اوهانجو وار به ونگو ڪين ٿيندو“، چوين ٿي
مارئي. پوء ڪين، *مارُو راڳ ۾ پنهنجا سنيها ٿي سيڪاري.
ويچاري ڏڪ، استري، پاڻ وسواس ۾ آهي تنهنڪري
هڪڙو سنيهو چئي، وري پيئي انکي پلٽي، بدلائي، ڦر
ڦر ٿي پنهنجن سنيهن کي بدلائي؛ ورلاپ ڪندي ٿي ڪين
اهي دوها سيکاري:

پره، پلٽئه، پي پره، پي پر، پي پلٽيھ،
ٻاڀي هاٿ سند يسڙه، ڏڪ ولنتي ديھ؛

---

* هندستان ۾ سنگيت جا ٻه مکيه فرقا آهن. هندومت
سنگيت جيڪو اتر هندستان ۾ چالو آهي ۽ ڪنارا سنگيت
جيڪو ڏکڻ هندستان ۾ چالو آهي. راجستان ۽ سنڌ ۾
هندومت سرشتو مروج آهي. انهيءَ سرشتي موجب سنگيت
ڇهن راڳن ۾ وراهيل آهي جن مان هڪ آهي ”شري راڳ“.
شري راڳ جون پنج راڳڻيون آهن جن ۾ هڪ آهي ”مارو“.
هيءَ راڳڻي مارو ديس جي اپج آهي ۽ نهايت دلسوز آهي.
ڪنارا سنگيت موجب، آواز جا سر گڏي. ڏهه سپتڪ
جوڙيل آهن جنکي چون سنگيت جا ”ٿاٽ“. انهن ٿاٽن مان
هڪ ٿاٽ آهي ”مارو“. ٿاٽ کي انگريزيءَ ۾ چون ‘Octave’.

ته ”سوداگرن جو ناتو سيڪنهن سان هڪجهڙو، سندن و
نه آهي جو هٿ جي همت ڪن ۽ هٿ جي همت ڪن.
هن حالت ۾ ته ماڻهن لئي مرڻ جيئڻ جو حساب آهي. مڪي
مارئيءَ جي سوڀيا ڏسي ۽ سندس درد جون دانهون سڻي
آءُ ڀانيان ٿو ته سندس سک ڪاڻ منهنجو سر بلاشڪ هل
وڃي پر اوهان غريبن جو وار ته ڇا ونگو نه ٿئي“. ڀاڀي
پڇي ته ”آخر اها ڪهڙي آپدا آهي جنهن ۾ اسانکي ٻڌ
گهرجي؟ تون اسانکي ٻڌان اڳ ڪي ٻڌاءِ، اسين ڪڏهن ٻ
ڪٿي به، ڪا ڳرڪ ٻاهر نه ڪيداسين“. تڏهن تو سودا
ٻڌائيس ته ”ڀوڳل ديس جو ڪو به ماڻهو زور وڃي تو ته ڀ
ڪي ڳڏجڻ ته ٿيو پر پاڻ ٻ سر سلامت ڪري واپس ڪي
تو موٽي. سبب هي تو ڏسجي ته راڻي مالوڻيءَ جي آڳ
موجب ڪين قتل ڪيو ٿو وڃي. ڀيلي مڪيا! تون ويس ل
بدلائجانءِ پر پنهنجن ڪپڙن کي به هيءَ ڳالهه ڪداچت
سڻائجانءِ.“ مڪي چوي ٿو ته آهي سڀ لڪڻي جي وس. جت
جيترا يون گهڙيون گهارئيون آهن اتي اوس گهاربيون ۽ جنه
مٽيءَ ۾ هيءُ ماس ملڻو هوندو ان ۾ اوس ملندو، ليڪن
هوندي به اسين هيءُ ڪم نهايت خبرداريءَ سان ڪنداسين
تنهنجي ڳالهه مون هڪڙي ڪن ڪان سڻي، سا ٻئي ڪن ڪ
نڪتي“. مڪي صاحب ٻوءِ وڃي ٿو پنهنجن سائين ڪ
تيار ڪرڻ.

ڏجانءِ ڀاڻي! ڀول ڪي...

سکيون مارئيءَ کي ٿيون سڏ ڏين ته ”ڀاڀي سير
آهن، اڃهو تا وڃن، اڃهو تا زور رسن ۽ اڃهو تا لنهنج
ڀولا کي ولي اچن“. مارئي تي چوين ته ”مونکي ان
ڀاڀين سان ملايو ته آءُ پنهنجا سنيها پنهنجي واس س
ڏيان“. سکيون ڀاڀين کي ولي ٿيون اچن. مارئي پڇين

هو ڪٿي ملي وڃيو ته ڪانئس هر طرح جي سهايتا وٺي سگهو ٿا.» ”ٿتا سٿوُ“ چئي، مکيا نڪري ٿو ٻاهر ۽ پنهنجا ڪيرتا ساٿي ساڻ ڪري، ٿئي ٿو راهي.

”چارڻ چنگ کلهي ڪري، رمي رهيو رات“. (سورٺ)

”سو مڱڻهار ملهاء جو وچان ويرين آڏيو“

ٻاڍي هلندا هلندا، منزلون ڪندا، وات تي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڏيرو هڻندا، لوڪن کي پنهنجي ڪيرتن سان نهال ڪندا، اچي ٿا ڪنيرن جي هڪ ڳوٺ ۾ پهچن. پتو پوين ٿو نرور ڳڙهه ٻاقي هڪ يوجن پري آهي. ڳوٺ جا پهريدار کين ورائي ٿا وڃن، ڇي ”اوهين ڪهڙي ديس جا آهيو؟ پوگل ڪان ته ڪين ٿا اچو؟ هتان ڪيڏي وينديؤ؟“ ٻاڍي چون ٿا ته ”اسين رمتا مڱڻهار آهيون. اسانجو ديس پرٿويءَ تي ڪوئي ڪينهي. هتان ڪيڏي ونداسين سو آهي آن جل جي اختيار، باقي انت ۾ ضرور اتي موٽي ونداسين جتان آيا آهيون، جتي اسانکي اوس وڃڻو آهي.“ پهريدارن کي همن ۾ ڪو شڪ ڪونه ٿو پوي، سو کين ڇڏي ٿا ڏين. ٻاڍي رات جو هتي ٿا ديرو جمائين ۽ پن سن ڪري، پوڄن ڏي، ڪائي پي، ڪن ٿا پنهنجو ڪيرتن شروع. ڳوٺ جا ڪنيار اچي سندن چوگرد مڙيا آهن. ساري سنگت پيئي سندن سنگيت سان گڏ جهولي ۽ جهومي. اڳي ڪونه آئيا، هڙا چارڻ، پنهنجا چنگ کلهي ڪري. ”هن تنبيري سند جي، اُت پهرين هٿي پچار.“ هي ڪي رڳو تندن جا ٽان ڪين هثا جن، مڙينٿي جا چت چاري ٿي وڌا؛ هڻندڙن جي هٿن ۾ اهڙو ڪو رس هو جو جنهن ٿي سٽيو سو ٿي ڇهائيو. هيءُ راڳ نڪتو برابر ٿي ٻاڍين جي زبان مان پر لڳو ٿي پرلاءُ پرلوڪ جو. گهوڙ پيئي هلي نه اوچتو هل ٿو اٿي ته ”ڪوي راج آيو آهي، ڪوي راج آيو آهي.“ راڳ بند ٿو

چوي ٿي ته

"سنڌيا هي لک لهه، جنهه کهه جائه کوءِ،
جيئُن ڏڻ آکيه نيڻ پسر، جيئن جنهه آکيه سوءِ؛
"سنيهائي ڀوري ڀرڪ ڪن ٿا، جيڪڏهن ڪو جڳي جاڳي؛
جٽن ڏڻ، استري، نيڻ پري ٿي اهي ٻاڻ چوي ٽڻن جي
ڀڃائڻ وارو ڏئي."

کهڙا نه دل ڏاريندڙ دوها ٿي سيڪارين؟ چي "ڏائي! وڃي چئوس ته تنهنجي استري ٻري ڪوئلا نه ٿي ويئي آهي، باقي تون سنڌس رکه اُچي ميڙج؛ جوين سنڌس انب مثل قليو آهي، ڪيت مثل ٻڪو آهي، چت مثل مٿي ٽيو آهي، ڪنول مثل ڪليو آهي، تون اچي شاخ ڪاءِ، اُچي لائي ڪر، اچي راج ماڻ، اچي ڀنوَر مثل واسو ڪر." (٨٢-٨٧)

ٻاڍين راجا پنگل ڪان موڪلايو، مارئيءَ ڪان موڪلايو، باقي رهي راڻي اُما. وچن ٿا انهيءَ وٽ. چونس ٿا ته "اَمان! تون آسيس ڪجانءِ. ٻيو مڙيوئي خير آهي پر جيوت ٿي کهڙو ڀروسو آهي؟ اسين رکو اينرو ٿا چاهيون ته مارئيءَ کي سنڌس ڀولا ملي؛ پوءِ ڀلي اسين هيءَ ديهي ڇڏيون." راڻي اما ٿي چوين "ديهي ڇڏين اوهانجا دشمن. داتار نه اوهانکي ڏکه ڏيندو. سائين سيڪا سولي ڪندو. اهڙي خاص ڪنهن ڀوَ جو ڪو ڪارڻ نه ڪينهي. هاڻ آشيرواد! اوهين ڀلي پند پئو." ٻاڍي جهار ڪري نڪرن ٿا ته مڪيءَ کي وري ٿي راڻي اما سڏي. چويس ٿي ته "هينئر ياد پيم ته انڪل ويهه ورهيه اڳه جڏهن منهنجو وهانءُ ٿيو هو تڏهن ۽ تنهن بعد جڏهن مارئيءَ جو ٻالپڻ ۾ وواهه ڪيو هو سين تڏهن، ياڻُو نالي هڪ ڀاٽ هوندو هو جو اسانجو متر هو. منهنجي وهانءَ وقت هو نرور ۾ رهندو هو. اهي ڀاٽ ته اوهان جيان ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي؛ ٻر جي اچانڪ



مارئي مڱڻهار کي ڍولا ڪاڻ سنيها ٿي ڏئي

”ڏجنءِ ڍاٽي! ڍول کي، سنيهو ساري.“

[صفحه ٢٨]

ٿئي. ڪوي راج کي سپيٺي رڙهي جاءِ تان ڏين ۽ هو لنگهندو
اچي ٿو ڀاڳين جي پير ۾ وهي ۽ ساڻن حالي احوالي ٿو ٿئي.
وري ڀ پوي ٿي جهمڙي ۽ وري ڀ تان ٿڙيئي ڪنڌ جهولين.
ڀاڳين جا "مارُو-روپ ورنن" دوها غذب جا آهن
ڪويراج اهي ڪن لائي ٿو ٻڌي. ڪجھ دير بعد، سنگيت جي
سماپتي ٿي ٿئي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو ٽڙي پکڙجي ٿا وڃن. پوءِ
ڪويراج ڀاڳين سان حالي احوالي ٿو ٿئي. پنهنجو نالو ٻڌائين
ٿو "ڀائويات." "ڀائويات!"، چوي ٿو ڀاڳين جو مکي. اڙي،
ڪرتار کان پيو ڪي گهرون ها ته ٻ ملي ها. مکي پوءِ اٿي
ٿو ۽ ڀائويات کي سندس گهر پهچائڻ لاءِ ساڻس گڏجي وڃي
ٿو ۽ وات تي ٻڌائيس ٿو ته "اسين پوگل کان آيا آهيون."
ڀائويات اهو ٻڌي قنبجي ٿو وڃي. اصل جتي هو اتي پٽ
تي ٿو ويهي رهي. نيٺ، چوي ٿو ڀاڳيءَ کي ته "اوهانکي
جي پنهنجي سر جو خير گهرجي ته پويان پير ڪري موٽي
وڃو. مونکي ٻڌايو اٿو ته پوگل جا آهيو، اهائي وڏي ڳل
ڪئي اٿو پر راڳ اوهانجي مونکي اهو هي چڱو آهي،
سو آءٌ نه چاهيندس ته اوهانکي ڪا لهس ئي اچي." مکي
ٿو چوي ته "ڪويراج! راجا پنگل اسانکي هتي موڪليو آهي
۽ راڻي اُما اوهانجو نالو ڏنو آهي. راڻي اُما اسانکي نڪرڻ
ويل ٻڌايو ته اوهين سندس سڪ جو ڪارڻ اڳي ٻ ٿيا آهيو
۽ سندس دک مٽائڻ جو ڪارڻ هينئر ٻ اوس ٿيندا جيڪڏهن
اوهين هتي هوندا." "مون سمجهو"، چوي ٿو ڪويراج ۽ "پر
مارئيءَ جي خبر چار ڏيو ته ڪٿن آهي. ٻالڪا هئي جڏهن
ٻولا سان سندس وواهه مون ڪرايو هو؛ تڏهن ته راڻي اُما
جي ساڻس سندس هڏ ئي ٻهڪي." مکي ٿو ٻڌائيس ته
مارُو-روپ ورنن سو ٻڌل سڻايو سونءِ، پر سپني ۾ ٻولا کي
ڏٺو اٿس، تنهن لاڪر اها ڪا جهوڙي لڳي اٿس جو ڪوماڻجي
ويئي آهي. راجا پنگل ٻولي ڏمي ڏهٽي ماڻهو مڪا آهن

پر الائجي ڇا آهي جو ”هتان موٽي ڪونڪو، هتان لڪ
اچن.“ پائوپات ٽڪڙو ٽڪڙو ٿو چوي ته ”ها، ها، مونکي
خبر آهي؛ مونکي خبر آهي؛ پر ٻيلي ڪڏهنڪي خبر ته ڪانه
آهي ته اوهين راجا پنگل جا مسڳٺهار آهيو؟“ ”نه منهنجا
سائين.“ ”چڱو؛ اوهين ڪالي ڪينار جي گهر صبوح جو
ڏي. ڪٺي اچجو. اتي اچي حالي رهو. راڳ ڪريو بند. ٻه
چار ڏينهن اتي ترسجو، پوءِ، پورو وجهه ڏسي، آءٌ اوهانکي
پڌائيندس ته اڳتي ڇا ڪرڻو اٿو.“ پائوءَ جي انهيءَ صلاح
ٻڌاندڙ، ڀاڀي ٻئي صبوح جو اچي ٿا ڪالي ڪنيار جا مهمان
ٿي رهن.

هوڏانهن، صبوح جو، پائوپات، جڏهنجي حويلي ڪنيارن
جي ڳوٺ پرسان آهي، سو وڃيٿو نرور ڳرهه ۾. ٽن ڏينهن
کانپوءِ خبر پوي ٿي مالوٽي هڪڙي ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃي
رهي آهي. اها ته ڏٺيءَ هتان مهر ٿي ٿئي! خير، مالوٽي
رواني ٿي ٿئي؛ پائو ڀاڀين کي چويٿو ته ”اوهين هتان نڪرو،
ٻن منگ ڪندا، نرور پهچي وڃوءِ راس اتي ڪوٽ جي
ٻاهران ڊيرو جمائجو، پر ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجو ته مونکي
ڪو اوهين سڃاڻو. ڀاڀي ڪنيارن جي ڳوٺ مان روانا ٿي
نرور ڳرهه اچن ٿا ته پهريدار ڪين ورائي ٿا وڃن. مڪي چوڻن
ٿو ته ”اڙي، نرور جو ناميارو راجا انهيءَ حالت ڪي اچي
سيو آهي جا ته سندس راج ۾ ڪنهن رمتي کي اَن ڪٽا
ٻکيا تور پنڻ کان روڪ آهي؟“ واتاورڻ پيو هلي ته
پائوپات اچانڪ (!) اچي ٿو نڪري ۽ پڇي ٿو پهريدارن
کان ته ”هي هل ڇاجو آهي؟“ پهريدار ٻڌائينس ٿا ته هي
ولو ماڻهو آهن ڪي ڪنهن خاص هنڌان آيا آهن، سا اسانکي
خاطري نٿي ٿئي. اوهين خاطري ڪريو.“ پائوپات، ڀاڀين
سان ڪجهه ڳالهائي، پهريدارن کي چويٿو ته ”هي مسڪين
ڳٺهار آهن. مالڪ جي ملڪ جا آهن، جتي وڃن اتي سندن

ٻرو جمائڻ جي موڪل ڏني وڃي آهي." راجا ڪويراج
ڀائو ڀات کي گهرائي، ڪانئس پڇي ته "هيءُ ڪٿي جا
ڪيرت آهن؟" ڀائو ڀات چيو ته "رمتا آهن، گهر گهاٽ
ڪونهين." "هيءُ جو راڳ ۾ مارو جي ورهه جو ورنن ڳايا
ڪن، سا مارو ڪير آهي؟ هيءُ ٻيو ڍولا ڦوري. ڪير آهي
جنهن ڪاڻ هوءَ مارئي ترڦي رهي آهي؟" ڀائو جواب ڏنو
ڏني ته "راجن! منهنجا اڳي واقف نه آهن. اوهانجي اڇا
هجي ته ڪين اندر گهرايان، پوءِ ڪانئن ئي سمورو احوال وٺو."
راجا آگيا ڏنيتوءِ ڀائو ڀات، ڀاڄين کي اندر آڻي راجا سان
ٿو ملائين. راجا پڇين ٿو ته "ڪهڙي ديس کان آيا آهيو،
وهانجو ٺڪاڻو ڪٿي آهي، ڍولو ڪير آهي، مارئي
ڪير آهي، جن ڪاڻ اوهين راڳ مارو ۾ هڻن رات ملهائي
رهيا هئا؟"

ڀاڄي اُتر ڏين ٿا ته "اسين پوگل کان آيا آهيون؛ رهون
به اُتي ئي ٿا. راجا پنگل موڪليو اٿئون؛ آيا آهيون توءِ وٽ؛
ڍولو تون پاڻ هڪيو تڪيو آهين؛ مارئي اُها ويچاري نماڻي
نار آهي جا تو ڪاڻ ٻاجهائي رهي آهي؛ پر راجن! تو ته هن
جي پل چوڪ ۾ به سار ڪانه لڌي آهي!"

ڍولا جي دل ۾ چوٽ ٿي لڳي. دک کي وسارڻ لاءِ،
من کي ليائڻ لاءِ، جي راڳ نه هجي ته هيءُ هردو، رتن تلاءَ
جيان، ڏهن ئي ڏسن کان ڦاٽي وهي وڃي! راڳ ئي ريدل
لاءِ جي ڪليجي ۾ چوٽ ٿي لڳي، پر راڳ ئي آهي جنهن
هردي روپي تلاءَ جا پل ٻڌا آهنس. ڀاڄي، ٿوري ۾،
مارئي جي سونهن جي واکاڻ ڪري ٿا ٻڌائيندس. اِها ٻڌي،
ڍولا جي من ۾ سخت اُٿل ٿي ٿئي. چيو ته "مارئيءَ ٻنان
ڪيڪي ڏينهن گذري ويا آهن سي منهنجيءَ اورجا ۾
شمار ٻا ئي ڪين. هاڻ، هيءُ من جي ٻاز سمان هجيم ته اڏامي،
ڏا ڏونگر اڪري وڃي ڪيس ملان. هت رڳي آهي منهنجي

آدر ٿئي. ويچارا رات رهي؛ پڻ سڀ مان پيٽ جي پورت ڪري، صبح جو هليا ويندا." پهريدار ڪين موڪل ڏين ٿا ۽ هي اچي ٻنهه ڪوٽ جي ٻاهران لڏو لاهين ٿا.

"راجا رنگ محل ۾، پهر ٻارٿ ٻاڪاري"

رات جو، ٻيو پهر آهي. منش ۽ مرون ننڊ ۾ آهن. چؤطرف سناٽو ڇانئيل آهي. رڳو، رڪي رڪي، پهريدارن جي هڪل پيئي ٻڌجي. رنگ محل اندر، راجا ڀولا گهڙيءَ ننڊ ۾ پيو آهي. ڪنهن مهل پاسو ورائي، سجاڳ ٿو ٿئي. ڪهڙو نه مٺڙو آواز پيو اچي! دلسوز راڳ ۾، ڪهڙو نه دل ڏاريندڙ احوال پيو ٻڌجي، ته "پريم جي ڪهاڻي، چوڻ ڪان ٻاهر آهي؛ ڀولا! تو ڳنڍ ڍلي ڪري ڇڏي؛ مونکي من مان وساري ڇڏيءَ؛ ڪو نياپو سنيهو به نه ٿو موڪلين؛ ڇو؟ ڪاغذ، قلم ۽ مس ڪانه اٿيئي ڇا؟ يا ڪاتب ڪونهيئي ڏيهه ۾؟ يا تنهنجي ديس ۾ سنيهن جو ملهه مهانگو ٿي ويو آهي؟ پر ڀولا! سنيهن مان هاڻ ڪي ڪين ورندو، هاڻ تون پاڻ اچ. آڱرين تي راتيون ڳڻيندي ڳڻيندي، هيءَ آڱريون ٿي ڳري ويون؛ اِسم سو تنهنجي ڇني مونکان جهلي ڪانه ٿيندي. ڀولا! ڏڄڻ ڪي نه ٻڌ؛ اُنهن ڪي ٻڌي مونکي پنهنجيءَ دل تان نه لاهه. ڀولا هاڻي جي جلدي نه ايندين ته مارئيءَ جي ڪرنگي تان اَچي ڪانگ اُڏائڻا پوندءِ." (٨٨-٩٦)

"تند تنهنجيءَ مڱڻا! وڌو ڇت چوري"

ڀولا هيءَ دوها ٻڌي، پاسا ورائي پيو پاسا ورائي؛ نيڻين ننڊ ٿي حرام؛ پڇيرڪيءَ جو، دربان کي ٿو سڏي. پڇيس ٿو ته "هيءَ ڪٿي جا ڪيرت آهن جي راڳ مارُوءَ ۾ هڻن اچي پلٽيا آهن؟" دربان ٻڌائيس ٿو ته "هي رمتا فقير آهن. پهريدارن ڪين روڪيو ٿي ته ڪو پراج ڪانئن خاطري ڪئي نه سگهين مڱڻهار آهن، سو رات ڪين ڪوٽ ٻاهران

آهيان ئي آهيان." (١٠٧-١٠٨) اُتي ٿو ڪم ڪار ڪي لڳي پر پڇرو هتي اٿس، من ٻئي ڪنهن هنڌ اٿس!

پر، مالوڙي؟

مالوڙي نرور محل ۾ موٽي آئي آهي. ۏهنجي سهنجي، هار سينگار ڪري، ڍولا وٽ ٿي اچي. ڏسي ته پريتم ڏاڍو اُداس آهي. شڪجي ٿي. ويچار ٿي ڪري ته "پريتم ڇو آنڊ ماند ۾ آهي؟ مارئيءَ بابت خبر نه ڪانه پئجي ويئي اٿس؟ يي ڪا نئين ڳالهه ته ڪانه ٿي آهي؟" ڏسي ته پريتم جهڙو ڪالهه هو تهڙو اڄ ڪونه ٿو ڏسجي. منهن ۾ گهنڊ اٿس. ڪارڄ ته ڪين بگڙيو آهي؟ وينتي ٿي ڪريس ته "پرين! آءٌ تنهنجي داسي آهيان. چت اندر ڪا چنتا اٿيئي سا مونکي ٻڌاءِ ته ڪهڙيءَ ڳالهه بابت آهي." ڍولا وراڻي ڏنيس ٿو ته "چنتا ته ساري جڳ کي قابو ڪيو ويٺي آهي پر چنتا کي ڪنهن به قابو نه ڪيو آهي. اهو نر جو چنتا کي قابو ڪري سگهي سو اِنسان نه آهي، ڪامل آهي." مالوڙي چتر آهي. چويس ٿي ته "ڏائڻ چنتا، جنهن نر جي چت ۾ وسي تنهنجا انگ مضبوط ڪين رهن. جي ڪٺي ڌيرج واري اِنسان کي ڌيرج سان چنتا کي منهن ڏيڻ اچي ته به اندران ئي اندران سندس تن ڪائي ڪپائي ڇڏي." هاڻ ڍولا ڏنيس ٿو ڀاڃي پنيان ڀانو ءِ هيءَ به هر ڪنهن سوال جو چترائيءَ سان جواب ڏيندي اچيس:

ڍولا: "مالوڙي! تون منهنجي من اندر سمايل، جيڪي اندر ۾ اٿم سو توکان ڳجهو ڪئن هوندو؟ مرگهه نئني! ڪلي ڪلي چؤ ته هڪ ڏيساور تان ٿي اچان؟"

مالوڙي! "نرور جو ڪوٽ هيترو پيو ڀڪي؛ سندس هيڏيون اُونچيون ديوارون؛ گهر ۾ توکي مرگهه نئني ڪامڻي؛ تون ڪئن ڏيساور ويندين؟"

مٺي ۽ منهنجو ماهه، هت وسيم ٿو منهنجو پرين ۽ منهنجي
پرينءَ جي هردي اندر وسي ٿو منهنجو من جنهنکي مٿ
پيڙي، ڏانهس، سيڇاڻي، بازجيان اُڏائي موڪليو اٿم!" (٩٧-١٠٦

ٻولا ڀاڀين کي، رپو، سون ۽ سبيل ڏيئي روانو ٿو ڪري
پوءِ ڀائُو ڀاٽ کان ٿو پڇي ته "ڪوبراج! اوهانکي هيءَ س
هئي ته منهنجو ٻالپڻ ۾، مارئيءَ سان وواهه ٿيل آهي.
ڪويراج اُتر ٿو ڏئيس ته "جي، ها."

ٻولا: "ڪويراج! هيترا ورهيه اوهان هيءَ ڳالهه مونکا
ڪيئن لڪائي؟"

ڀائو: "راجن! اوهان جي آگيا هئي ته مالوڻي جيڪ
چاهي سو ڪرڻ ۾ اچي، سو اسين اوهانجي آگيا جو النگهـ
ڪئن ڪريون؟ درحقيقت، راجن اِهو آءٌ آهيان جنهن پشڪ
ليرت تي، اوهانجي پتا جي ڏيت، ماروئيءَ جي پتا را
پنگل سان ڪرائي هئي؛ آءٌ ئي آهيان جنهن هٿان اوهان
مڱڻو پرڻو مارئيءَ سان ٿيو، سو، اِنهيءَ ڳالهه جي سڌ مونکي
ڪئن نه هوندي؟ پر، لاچار هوس. آگيا اُوس پالڻي هئي
ٻئي ليکي، مالوڻي ٻه اُتي شوپنيڪ اِستري آهي. اوهانج
هردي کي پوريءَ طرح پنهنجي وس ۾ رکي ويٺي آهي

راجا ڀائُو ڀاٽ کي به رخصت ٿو ڏئي. اِنتظار جا ڪا
ڪڪر سندس پيشانيءَ تي اچي مڙيا آهن! ويچار ٿو ڪر
ته "جئن هيءَ منهنجو من، چوطرف ڀٽڪي ٿو، لئن جي ه
ٻانهون پکڙجي سگهن ته دور دور تائين ڪين پکيڙي، منهن
ساجن! تنهنجي ڳلي کي ڪٺي منجهن لپيٽيان. پر مارئي! ج
جل ڪمودنيءَ (ڪنول) جو جيابو آهي ۽ ڪنول منجهـ
سمايل آهي، جئن آڪاس چنڊ جو جيابو آهي ۽ چنڊ منجهـ
ئي استاپن ٿيل آهي، تئن تون جيڪڏهن مونکي چاهين
ته تون نه منهنجي دل ۾ سمايل آهين، پر مان به تو و

ڀانو ڪونه ٿي ڀڃيس؛ تڏهن سچي ٿو ڪريس ته ”منڙي! هاڻ سچ ٿو ڀڃايانءِ: مونکي مارئيءَ کي ڏسڻ جي ڏاڍي گهڻي چاهنا ٿي آهي.“

ويچاري مالوڻي! مورچا ٿي ڪري ٿي پوي. ۽ ڍولا؟ ”هيٺ حال هنجو آهه هيڻو، ۽ هتي هن حال هيءُ!“ ڇا ڪري؟ گل جهڙي مک تي، ڪنول جهڙن نيڻن تي، گلاب جو پاڻي ٿو ڇڻڪاريس؛ هٿ پير ٿو مهٽيس؛ مس مس سچيت ٿئي ٿي. جهيڻي آواز ۾، سڏڪا ڀريندي، ڍولا کي چوي ٿي ته ”ڪانڌ! ٿون ويندين؟ پر، اونهارو سخت آهي، ٿر ملڪ تتل هوندو، سامهون لُوهه پيئي لڳنديئي؛ ورڪا رت تائين ترس؛ پوءِ وڃڻ جي وائي ڪيج.“ (١٢٣-١٢٥)

”گهر ته گهرجين ٿون، مند مڙيئي مينهن جي.“

اُلائجي اونهارو ڪئن نبريو، پر ساوڻ اچي ويو آهي. ڍولا ۽ مالوڻي محل ۾ ويٺا آهن. ڍولا ڳالهه ٿو ڇوريس، چي ”مالوڻي! تو ڪاڻ اونهارو ترسيس. هاڻ ورڪا رت اچي ويئي آهي. هاڻ موڪل ڏينم ته پوڳل وڃان.“ ڪئن موڪل ڏئيس؟ پڙهندڙ! جي ٿون مرد آهين، ته پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏس! پڙهندڙ! جي ٿون اِستري آهين، ته ٿون به پنهنجيءَ دل تي هٿ رکي ڏس!

هوُ، ملڻ جي آنند مانڊ ۾، ساوڻ رت کي اهو ٿو ساراهي! چي ”پاوس رت پرگهٽي آهي؛ مٿي، آڪاس بادلن سان ڇانيون پيو آهي؛ هيٺ، پڳه پڳه تي، واٽون پاڻيءَ سان ڀرپور آهن؛ پپيها وڳر ڪيو، ’پيوُ، پيوُ‘ پيا ڪن؛ ڪونجڙيون پنهنجن ٻچن سان گڏ مٺڙ آواز ۾ لنوين رهيون آهن؛ جل سروور ڪنول گلن سان ڇانئجي ويا آهن؛ ٻاجهرين جا کيت چوڦير ساوا ٿي ويا آهن؛ کيتن جي وچ وچ ۾، وليون اسريون آهن، جن ۾ گل ٻهڪي رهيا آهن؛ تن مٿان

ڏولا: ”مالوڻي! ايڊر جي تيرت تان ٿي اچان؟ تو…
ڇو نه اُتي وڃي تو ڪاڻ ڳهڻا گهڙائي اچان.“

مالوڻي: ”هن وقت ايڊر تيرٿ تي وڃڻ جو لڳن ش…
نه آهي، آءٌ توکي وڃڻ ڪين ڏيندي‌س. باقي زيور، س…
گهر ويٺي ئي ڪٽي خريد ڪنديس، پوءِ ڪٽي ملهه مهانگا ملن.“

ڏولا: ”مالوڻي! موڪل ڏينم ته ملتان وڃي اُتان توڪا…
تڪا (ڪيڪان) گهوڙا وٺي اچان.“

”مالوڻي: ”صاحب! هتي هڪ سوداگر ڪين سٺا گهو…
آڻيندو آهي؟ گهر ويٺي پاڻ آءٌ ڏسي چونڊيندي‌س.“

ڏولا: ”مالوڻي! ڪهڙي طرف، ٻن ٻن ٽوهن وارا اُٺ ڏاي…
سٺا ملندا آهن. موڪل ڏينم ته اتي وڃي هڪ اُٺ خريد ڪريان…
اهو ڪن ۾ اچي تو وٽ پهچائيندم.“

مالوڻي: ”متان ري متان! ڪيچ اصل نه وڃج. اتي جو…
ڪجل ٽنيون ڪامڻيون ڏسي تون هيءُ وات ئي پلجي ويندي…
۽ اتي جو تيز اُٺ تيزيءَ سان ٻيءَ ڪنهن وات تي وٺي…
ويندءِ.“

ڏولا: ”يلا، مالوڻي! سمنڊ ڏي وڃان؟ اتان تو ڪاڻ…
سمنڊ ۾ ٽپي هٽي، سمير پربت جيڏو هڪ موتي آڻيان…
ڪلهي ڪلهي موڪل ڏينم. اهو موتي هڪ لک، هڪ هزار، هڪ…
سؤ، هڪ مهڙون لهي.“

مالوڻي: ”پاڻيءَ اندر تنهنجو گهوڙو گهوريو! سمنڊ ۾ تير…
هيبتناڪ جناور؛ تنهنجي دشمن کي کپائي ڇڏين. کهڙي…
استري چاهيندي ته پيار وڃي ڏيساور ڏي ڪشت سهي…
پاڻ رهي محل ۾ موتين جي آسري؟“ (١٠٩-١٢٢)

”ڏولا! ڏيل ۾ هون، ڪانڌ! ڪمڙي آهيان.“

ڏولا ڏسي تو ته مالوڻي ٻير ڪوڙڻ ٿي نه ٿي ڏئي؛ ڪ…

پيا واڱون پلبا. منهنجا پرين! پوگل ديس ڏاڍو دور آهي ۽ وچ ڏاڍو ڪٺن آهي. ولها! هن رت ۾ هريالي تڏهن آنند ڏئي جڏهن گهر اندر سمپٽي هجي ۽ گهر اندر سمپٽي تڏهن ٿئي جڏهن پريتم پير ۾ هجي؛ هن رت ۾، جي ٻـ ندين ۾ پاڻي ڪڙڪڙ ڪندو پيو وهي، جي ٻه ڪيئت هريالا آهن؛ جي ٻه پنکي لاتيون لنوين رهيا آهن، تہ ٻہ، هي ۽ ڌڻ، هي ۽ استري، تو بنان ڌيرج ڪٿان ڌاري سگهندي؟ ڪٿان هي ۽ نياڳي نار توکي موڪل ڏيندي تہ هاڻ تون پوگل وڃ؟"

ڍولا ڏس تہ زار زار پيو روئي. انهي ۽ حالت ۾ ڪيس ڏسي، مالوڻي چوي ٿي تہ "ڪانڌ! جي تون پنهنجو وچڻ واري نہ توسگهين، جي لکيو ائين آهي تہ توکي ساڻس ملڻو آهي، جي تنهنجا پراڻ پوگل ديس ۾ ئي آهن، تہ پلا دسهڙي ٿائين ڏس؛ لکيو هوندو تہ اوس ڪين ٽرندو!" (۱۲۶-۱۴۲)

"لڳي اُتر واءُ، ڍولو هلڻ جي ڪري."

برسات جي مند ٻہ پوري ٿي. سيارو شروع ٿيو آهي. هاڻ ڍولا وري تو مالوڻي ۽ کي منٿون ڪري، چي "اونهارو ۽ ورڪا رت ٻئي تنهنجي سنيهہ ڪارڻ ترسيس. هاڻ پلا موڪل ڏيمہ." مالوڻي اجا ڪٿي ٿي موڪل ڏئيس، چي "ڍولا! اونهاري ۾ لڳي لُوهہ، برسات ۾ ٿئي گپ چڪ، سياري ۾ هاڻ پوي ٿو سيءُ- هلڻ جي رت ڪا ٿئي ئي ڪانہ! هن رت ۾ تہ خاص ڪري ڪو بہ پرش پنهنجي استري ڪين ڇڏي. سخت پارو پيو وسي؛ اُتر اوتون پيو ڏئي؛ هن مند ۾ گهوڙن تي ٽاپر پوي، هن مند ۾ سپون سمنڊ اندر سپجن، هن مند ۾ هرڻيون پنهنجن گهرن اندر وياڻن؛ هن مند ۾ ولليون بہ هڪ ٻئي، ۾ لپيٽيل هجن؛ هن مند ۾ ڏينهن ڇوٽا راتيون موٽيون، سو وڇوڙي جي اوجاڳي ۾ راتيون هيڪاري ڏگهيون ٿين؛ ڀهڙي ۽ مند ۾ سهاڳڻ تڏهن سکي جڏهن ساجن نيڻن آڏو

جو بادل بوندون وسائي رهيا آهن، سو، رڪي رڪي، سورج ديوتا منجهائن نڪري هيٺ، ته هيٺ، پٽن تي، جل-ڦهار موتين مثل چمڪي رهي آهي؛ اڄ پرٿويءَ تي، مهر جا ميگهه جهڪيا آهن؛ محل جي ڇڄن تان پاڻي ڳڙي رهيو آهي؛ منهنجي پدمڻي! ٻاهر، پرٿوي هريالي تي پيئي ٻهڪي، پر، اندر، منهنجو جيءُ پيو ڪومائجي؛ چٽ چاندني! هن مند ۾، گهر کان ٻاهر، سرشٽي ورڪا جل سان ڀڄي رهي آهي ۽ اندر، آءٌ نيڻن جي ٻن جوڙن جي جل سان ڀڄي رهيو آهيان-هڪڙا تنهنجا نيڻ جي تا روئن مون ڪاڻ ۽ ٻيا منهنجا نيڻ جي تا روئن هن ڪاڻ؛ هرڻاکي! هن مند ۾، مارواڙ جي ڳانو ڳانو ۾، سندر ناريون، پريتم پياريون، آنند ڀريل سنگيت ڪنديون آهن؛ مارو ديس نهايت سندر لڳندو آهي؛ پدمڻي! هاڻ موڪل ڏينم ته پوڳل وڃان!“

هيءَ، ايندڙ وڇوڙي جي وسواس ۾، ساوڻ رت جي سوڀيا جو سنديس ٿي اوُر تي سڻائيس، ڇي: ”ڍولا! جنهن رت ۾، بگهه پکي به، ورڪا ڪاڻ، ڌرتيءَ تي پير نه ڌري، تنهن رت ۾ ڀلا ڪو پنهنجو گهر ڇڏي؟ جنهن رت ۾، برسات ڌڙاڌڙ پيئي وسي، جنهن رت ۾ ٻاٻيها لڳاتار پيا ٻولين، تنهن رت ۾ به ڪو پنهنجيءَ اَبلا اِستريءَ کي ڇڏي؟ جنهن رت ۾ ڪپڙا ڀڄن، اُت جو پاڪڙو ڀڄي، ڏوري ڀڄي ۽ سارو ساج ڀڄي، تنهن رت ۾ به ڪو هاڻ جي ڪري؟ اڄ، پپيهو 'پيوُ پيوُ' پيو ڪري؛ اڄ ڪوئل سرُود پيئي وڄائي؛ اڄ پهاڙ هريالا ٿيا آهن؛ اڄ جهاڙن منجهه مور جهونگاري رهيا آهن؛ اڄ بادلن جي گهٽا فوج مثل، وڄ تلوار مثل، برسات جي بوند تير مثل، سو، تو ٻنان اِها فوج مات ڪنديم، اِها وڄ جلائينديم، اِهي تير چيندم؛ هن رت ۾، چؤطرف، چؤڌار، بادلن وسي، وات وهندڙن ڪاڻ ڪشت به، گهٽا پيدا ڪيا آهن؛ واٽن تي ڪچر ٿي پيئي آهي؛ منجهس ڪرها پيا ترڪندا ۽ ٻاڌي

چڱو، جي ھو ويرو وڃڻو اٿيئي ته تڏھن وڃج جڏھن ھي نيڻ توکي ويندو نه ڏسن، تڏھن وڃج جڏھن آءٌ ننڊ ۾ ھجان!" (١٥٣-١٥٤)

ھاڻ ٻولا جي دل ٽپا ٿي ڏئي. ھيءَ ڳالھه ٻولا ڪاڻ ٻنھه سھڻي. "اجھا ٿي مالوٽيءَ کي اچي ننڊ، اجھو ٿو ٿيان تيار ۽ اجھو ٿو ٿيان روانو!" سو، مالوٽيءَ کي اھو وچن ڏيئي، وڃي ٿو ريباڙيءَ وٽ ڪرھو (اُٺ) چونڊڻ. چونڊيو اٿس ڪرھو. ڪرھي سان ڪيون اٿس ٻاٽيون. موٽي ٿو محل ۾. ھاڻ رڳو مالوٽيءَ کي ننڊ اچڻي آھي! (١٥٥-١٦٠)

"ڪرھي کي ڪئين، وڌم پنڌ پلڻ جا"

پر مالوٽي اھڙي سٽڙي ڪٿي آھي؟ وڃي ٿي پاڻ به ريباڙيءَ وٽ. پڇي ٿي ته "ڪھڙو ڪرھو آھي جو مونسان قھر ٿو ڪري؟" سجايل اُٺ کي منٿون ٿي ڪري ته "ڇا، تون منھنجو پريتم مون وٽان پڄائي، مونکي ڏھاڳ ڏيئي ويندين؟" ويچارو ڪرھو، ٻن ٻاھين وچ ۾، ھاڻ ڇا چويس؟ کيس منجھيل ڏسي، مالوٽي سوچي ٿي ته "ڪجھه پيچ ۾ آيو آھي." پوءِ چويس ٿي ته "ڪرھا، ٻڌ. صاحب ھينئر توکي گھرائيندو، تون منڊڪائيندو اچج. ٻولا ڏسندو ته تون ٿي پيو آھين منڊو سو تون ڪشت کان ڇٽي پوندين، آءٌ وڇوڙي کان ڇٽي پونديس ۽ ٻولا ھتي اُٽِي رھجي ويندو." اُٺ چويس ٿو ته "اِھو ته نيڪ، پر سپاھي جي ٻولا مونکي ڪٽي ڏنب ڏياري، انھيءَ خيال سان ته منڊڪ لھي وينديم، پوءِ سور ۾ ڇيڇلائي ڪير مرندو." "ڪرھا! انھيءَ جو اونو نه ڪر. آءٌ توکي ڏنبڻ کان بچائينديس". ڪرھي کي مڃائي مالوٽي موٽي ٿي محل ۾.

اُٺ سينگار جي، تيار ٿي، اچي ويو آھي پر، ٻولا ڏسي ته مار! منڊڪائي پيو! گھرائي ٿو ريباڙيءَ کي ۽ چويس ٿو ته "اُٺ کي ڏنب ڏيار ته منڊڪ لھيس." اُٺ وٺي ٿو

هڄيس، هينئر مٺان وڃڻ جا ڪوڇن مڪ مان ڪڍين؟"
ٻولا گهٽيءَ ۾ هينئون مٿيون چوڻس پر هيءَ ڪٿي تي
ٻڌيس! (١٤٣-١٤٩)

"هن منڊ مارو سنرا"

ائين سيارو به اچي ختم ٿيو آهي؛ مانگهه مهني ۾ مدن ديوتا پريم جا تير هڻندو آهي؛ ٻولا کي اڳيئي ڪناريون لڳل سو هيءُ تير سندس پيڙا وڌائين ٿا، پر مالوڻي نه ٿي ڇڏيس. مانگهه پورو ٿيو، هاڻ ڦڳڻ آيو آهي. چوطرف گلڪاري ٿي آهي. سرشٽيءَ جي جنس جنس نئون ويس پهريو آهي. ڪري ٿو منٿون مالوڻيءَ کي هينئر به، جي "ڦڳڻ رت ڏاڍي سهاوڻي آهي؛ سرشٽيءَ ته سندر ويس پهريا آهن، پوڳل ديس جي گهر گهر جون ڪامڻيون، نوان نوان ڳهه وستر پهري، ڦاڳ اُلسؤ ملهائينديون هونديون؛ هن منڊ ۾ مارو سنرا، خوش هجن. آءٌ به نه وڃي اتي ڪجهه وقت سکي ٿيان؟"

مالوڻي اُتر ٿي ڏنيس ته "برابر، پلي آئي هيءَ سيني ۾ پلي رت، جنهن ۾ ڪامڻيون ڪنديون آهن هار سينگار، برابر ڪنديون آهن سنگيت ۽ ناچ، پر تنهن شخص جو هنيون ڪين ڦاٽندو جنهنجو پيار دور ديس هليو ويندو؟" (١٥٢-١٥٩)
ائين بسنت رت به ختم ٿي.

"ڦٽيون جي فراق سي گهر گهاريندين ڪيترو؟"

هاڻ ٻولا کان وڌيڪ سٺو نه ٿو وڃي. ڏاڍي آتو ويلا اُٿس. رڪي رکي پيو چوي "وڃان، مان وڃان؛ وڃان، مان وڃان!" مالوڻيءَ گهٽيءَ واجهه وڌا آهن، گهٽيءَ ڳلتا ٻڌا آهن، گهٽيءَ ڀاڙا ڏنا آهن، پر ٻولا کان وڃڻ وسري، سو نه ٿيو، آلوٽ ٿي پيو چوي ته "وڃان، مان وڃان، وڃان، مان وڃان!" نيٺ چوڻس ٿي ته "ٻوليا! تون پيو 'وڃان وڃان' ڪرين،

يو ئي ڪين آهي، ڪنهن ڇنڙيءَ ڪيس ڇل سيڪاريو آهي."
ت اِهو ٻڌي، مشڪي ٿو نهاري مالوٽيءَ جي منهن ۾. ڳالهه
ويٺي ڦاٿي. ڏڪو اُٿ منڊو آهي، نڪي ڪپڙس ڏنيءَ؛ هاڻ
جها تي. مالوٽيءَ ڪي اچي ننڊ، اِجهو ٿو ٿئي ڍولا سوار ۽
جهو ٿو پڄي! (١٦١-١٦٥)

اِجهو اِجهو ته گهٽيائي پيئي ٿئي ۽ مالوٽيءَ ڪي جي ڪٽي
ننڊ اچي! دت د ٿائي ويٺي آهي. اوسيري ۾، هيءَ، نياڻي
ي ٿئين نينهن رڪڻ وارو ڦلهو ۽ اوجاڳو ڪندو اچي. مالوٽي
جاڳي ۽ پيئي ته ڍولا ڪي ويڙ ۽ ڏاڍا پيئي ٿي ڏئي، چي:
' پهاڙن تان وهندڙ نالا ۽ اوڇي مڙسن جو نينهن - ٻئي
ڪجهڙا؛ ٻئي وهن ۽ تمام تڪڙو ۽ ڇيهه ۽ تڪڙو ڪري
يڪارين. ڪوئيءَ پرالبد وارين جا پرين جهڙا ڪتيءَ جا ڪڪر:
مبر ٻئي گهڻو ڏيکارين ۽ آس ۽ ٻنهين مان پوري ڪانه
ٿي. ڪتي جي پريت ٻنهي پاسي ڏکوئي: جي ڪاوڙجي
ڪائي، جي پرچي ته منهن چٽي! چوٿو نر، تنهنجي پيت
سچي پريم جهڙي موني ٻات ڪٿن رهندي؟ اڌ سير جي
تن ۾ سير مال ڪٿن سمائبو؟" (١٦٦-١٧٠)

"آءِ سٽي، هوُ هليا، ويڙا ڪرهل ڪاهي"

اِئين، پند رهن ڏينهن ته ننڊ نٽائي اٿس، پر نيٺ ٻ ته
بلا آهي: سورهين ڏينهن، ٻنڪي ئي هڪ ٿي ڪائي. ڍولا
اٽيو ويٺو آهي، اڪيون هڪ ٽڪ لايو ويٺو آهي! ڏسندي ئي
چانگ ماري ٽپ ٿو ڏئي اُٺ تي، ٿئي ٿو روانو.
گهنگهڻن جي ڪڙڪي تي، مالوٽي ڇرڪ ماري ٿي اُٿي.
ڇي ٿي دريءَ وٽ. ڏسي ته ڍولا اُٺ ڪي واءُ جيان، نه
، واچوُڙي جيان ڀڄائيندو وڃي. هاءِ ري، ننڊ ندوري،
رس اَيا ڳ! واڪا ڪري، سڪين ڪي ٿي چوي ته "ڊوڙو
ي ڊوڙو؛ ڪا دامن پڪڙيس، ڪا مهار پڪڙيس. جيڪس

رڙي چي "مون کهڙو ڏوهه ڪيو؟ مونکي ڇو ٿا ڏنيو؟"
ٻولا ٻڌي ڇو ٿو، ريهاڙيءَ کي لڳو بيٺو آهي ته "جلد
ڏينس ڏنڀ، جلد ئي ٿي مالوٽي ڪري نندب، جلدي ٿو ٿيان
آءٌ سوار ۽ جلدي ٿي وڃي لاهيان پيا ملڪ جي تراش." اُن
جي رڙ هيٺ، رڙ مٿي. اِني مڪيه منصوبائڻ مالوٽي اچي ٿي
نڪري ۽ ٻولا کي ٿي چوي ته "هينءَ، اُن کي ڏنڀ
ڏياري، گهر ڇڏڻ جو به ڪو نمونو آهي؟ منهنجن مائٽن وٽ
ٻوپال ۾ آهن اُتن جا وڳ؛ آءٌ ٿي توکي اُتان گهرائي ڏيان
هڪ عاليشان اُن، جنهن تي چڙهي وڃانءَ انهي وئل واري
مارُو ديس ۾، مون سان به وئل ڪري."

"واهه ري واهه،" چويٿو ٻولا: "ڇڱا ٿي ڏس ڏين
وري به مونکي سيرائڻ جا. اِجهو ٿو آءٌ هن اُن کي ڏياريان
ڏنڀ، اِجهو ٿو ڪريانس سڌو، اِجها ٿي اچي توکي نندب ۽
اِجهو ٿو آءٌ پڄان!"

اُن وري به وني ٿو رڙ و رڙ ڪري، ڇي "مون کهڙو ڏوهه
ڪيو، مونکي ڇو ٿا ڏنيو؟" تنهن تي مالوٽي ٿي ٻولا کي
چوي ته "اُن کي ته سمجهه. هوُ چويٿو ته 'مونکي ڇو ٿا
ڏنڀ ڏيو؟' منهنجي مائٽن وٽ آهن اُتن جا وڳ، مونکي
سڌ آهي ته اُن منڊڪائي ته پوسان بيٺل ڪنهن گڏهه کي
ڏنيجي ته اُن سڌو ٿي پوندو." ٻولا مارئيءَ جي پريم ۾
اهڙو ته انڌو ٿي پيو آهي جو ڏسي ڪونه. ٿو ته مالوٽي
سمورو ڇل پيٺي ڪري. وني ٿو پر ۾ بيٺل ڌوبيءَ جي گڏهه
کي ڏنڀ ڏياري! گڏهه جو رڙڻ ئي عجيب. نرور پرهه ئي
هيٺ مٿي ٿو ڪري ڇڏي. گوڙ تي ٻولا جي ماٿا راڻي
ڇمپاولي ٿي اچي. اچي ٿي ٻولا کي وني، چي "منڊڪائي
اُن ۽ ڏنيجي گڏهه! اُن ٻاڪاري ته 'مونکي ڇو ٿا ڏنيو،
مون کهڙو ڏوهه ڪيو'، ته سمجهڻ جي ڪوشش به نه ٿا
ڪريو ته ڳالهه ۾ آهي ڇا. مان ته سمجهان ٿي ته اُن منڊو

ڏامرِ وچي دل ڏاريندڙ آواز سان ٻولا کي چيو ته مالوٽي
ري ويئي، اِهو ٻڌي ته ٻولا اوس موٽي ايندو. پر،
چتون! ڳالهائج چترائيءَ سان. سوپارو ٿي موت ته تنهنجا پنک
ڙائيندءِ بس سوڻ سان."

چتون اُڏامندو، اُڏامندو، نيٺ چنديريءَ ۾ ٻولاڻي نگرن
ٿي وڃي اچي ٿو ٻولا کي رسي. ٻولا ٿو پڇيس ته "چئو،
سوڙا! ڪئن اچڻ ٿيو آهي؟ مالوٽيءَ مڪو اٿيئي يا مون سنگ
ارو ٽيءَ وٽ هلڻو اٿيئي؟"

چتون اُتر ٿو ڏنيس ته "سالھ ڪنور! ويچاري مالوٽي
ري ويئي. هاڻ موت گهر نه ته لوڪ ۾ ڏاڍو گلارو ٿيندين."

ٻولا سمجهي ٿو ته چتون ٿئي پاڙهيل؛ پنهنجي ٻولي
الهائي ئي ڪين؛ ضرور سکي آيو آهي؛ سو ٻاهران چويس ٿو
"ري، تڪو اُڏامر؛ توَ مڻ چندن جا ۾ هڪ مڻ اگر جو وٺي،
چي مالوٽيءَ جي مڙهه کي چکيا تي چاڙهه. اگني سنسڪار
ون پاران تون پورا ڪج ۽ پوءِ جيڪي پرچاٽي ڪرڻ اچن
ن اڳيان، منهنجي پاران شوڪ ٻه تون ظاهر ڪج."

"واهه ري ٻولا، واهه!"، چويٿو چتون. "ٻولا! ڏاڍو
يا ٽو آهين. پر ٻيلي، مون ٻه ڪو ڪوڙ نه ڳالهايو مانءِ. تو
نيان مالوٽي اهڙو مٺي آهي جهڙو تون مٺو آهين هن ٻيءَ پنيان.
ون بلاشڪ وڃ اڳتي، پر اُني جي آس پوري ڪري، ترت
چي هتي جي وڇڙيلن سان ملج ۽ سندن ڪشت دور ڪج."

ٻولا کان موڪلائي، چتون اڏامندو، اڏامندو، اچي ٿو
ور ڳره پهچي. ڏسي ته مالوٽي پيئي روئي ۽ رنڌي پيئي
ولا کي ويڻ ڏئي؛ تنهنتي، چتون ٿو چويس ته "مانه
ڪر، مانه ڪر! پنهنجي پريتم کي ويڻ مٿان ڏين. اهو ڏاتار،
نهن سندس پير پاڪڙي تي رکيو آهي سوئي سندس واڳ
رائيندو." (۲۰۳-۱۹۷)

کا ڪيس اچ روڪي وئي." هُو وچي پڇندو، هاڻ ڪتا
روڪيو؟ (١٧١-١٧٣)

"مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين"

هاڻ، مالوئي ڏاڍا ٿي ورلاپ ڪري ٿي: "سکيون
ڍولا ويو هليو؛ برهه جا نغارا پيا وڄن؛ پلنگ وهه ٿي پيو آهي
۽ هي محل ڄڻ مسان پيو لڳيم. ٻن ٻون هي ڪجل، هي تلڪ
هي تامبول (پان سوپاري)؛ سکيون! نيڻ ايترو پيا جهڙ هارين جو
هي ساڙهي ۽ هي ڪنجري، ٻئي نپوڙڻ لائق ٿي بيٺيون
اٿم؛ سنڌ ساٿا ٿي پيا اٿم؛ نيڻ هرڻ جيان پيا پريتم ڳنيان
ٻوڙن؛ سکيون! مونسان گڏ، محل جي اِنهي منڊ ۾ هلو
جتي سڄڻ رهندو هو، متان ڪنهن هنڌ سندس منڙا ٻول
لڳا پيا هجن! پريتم هت نه آهي ته ڪوڏي به نه لهان، جي
گهر هجيم ها ته لک لهان ها. اڙي منهنجا پراڻ! ڪهڙا نه
نولکا آهيو! جنهن مهل پرين هليو ويو، اُن مهل اوهين ڇو
ڪين نڪتا؟ هاڻ رهيا آهيو مونکي لڄائڻ ڪاڻ؟ اهڙي
ڪل هجيم ها ته پريت منجهان هي وئل وهندا آهن ته
پرديرو گهمايان ها ته متان ڪا منڌ پريت لڳائي! سکيون
ڍولو، جڻ نه ڌهي ولوڙي، گيهه ڪڍي کڻي ويو آهي
مونکي ڇاڇ بنائي ڇڏي ويو آهي. ڍولا! تون ائين نه سمجه
نه تون وئين ته منهنجي پريت به وئي؛ نيڻ برابر توڪا
وچڙيا آهن پر منهنجا پران ته تو وٽ ئي آهن؛ رڳو، تو بنا
هي ول پيئي ڪومائجي- تون اُنس پاڻي ڇنڪارڻ وارو
سو ته هليو وئين!" (١٧٤-١٩٦)

"سڀ مڙايان سون سين، ڪي تنهنجا پر"

هڪ ڇتون، مالوڻيءَ جا ورلاپ ٻڌي، اچي ٻاهر ڏار تي
ويٺو آهي. پاڻ به ڏاڍي سوز سان ٿو چونگاري. مالوڻي چوي
ٿي ته "سوڙا! سر سان ڳائيندڙ ٻڪي! ٻاڙي جو ننگ ٻال



مانوٽي ٻولا کي مارئيءَ سان ماڻ لاءِ ويندو ڏسي
وياڪل ٿي ٿئي
”آءٌ سُتي، هو هليا، وِيڙا ڪرهل ڪاهي.“
[صفح ۴۵]

”ڍولي ڍيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾“

۾ مالوٽيءَ کي مانڪ ڪٿان ٿي اچي. آهون ۽ دانهو
هليون اڇنس ۽ چي: ”ڍولا! تنهنجي پريت ته ۾ پٽيٽي ج
پٽ ٿي وڃائي! مڇ جل کان ٽيلهجي، ڪن ۾ مريو وڃي
جل کي ڪِن ماڻ ۾ خبر نه پوي ته ڪو مڇ مٺو آهي. ڍول
ائين ڪرڻ تولاء مناسب نه هو، جو پهرين لاڏ ڪوڏ سا
لڏائي، پوءِ هٿن پاڻ ڪڍين وئين؛ وڏاڻا! مونکي جيڪ
ٻيڙ جو وڻ ڪري، مارو ديس ۾ پيدا ڪرين ها ته اٺي، وا
ويندي، ڍولا مون منجهان ڪا لڪڙي ويڌي ها ۽ اه
ويڍيندي، پنهنجن هٿن سان ته ڇهيم ها! وڏاڻا! مونکي
جيڪر بادل ڪرين ها ته آءٌ آڪاس ۾ هجي، جتان جتا
ڍولا لنگهي ها، اُتي، مٿانئس ڇانو ڪريان ها؛ ڍولا! سڄ پ
ته تون الڳ ٿيسين آهينم جيسين منهنجا نيڻ توکي ڏسي
سگهن، پر جڏهن نيڻن کان وڇڙينم تو لڏهن ته ٻنهه منهنجي
سيني اندر سمائجي تو وڃين.“ (٢٠٤-٢٠٨)

”چندن چکي آئيو، ٻي ول وجهي نه وات“

هيڏي مالوٽي، ڍولا ڪاڻ، ڏينهن رات رس روئي رهي
آهي ته هوڏي، ڍولا، مارئيءَ ڪاڻ، مؤج سان، انڪ
پڇائيندو پڇائيندو اچي اڙاولي گهاٽ وٽ رسيو آهي. پري
للاءَ ڏسي، انڪي تو جهڪائي. چويس تو ته ”ڪرها
هتي پاٽي جيترو وٽيئي اوترو ڏوگهه؛ اڳتي گهٽي اُج سهڻ
اٿيئي؛ ڇيلڙن (پاٽيءَ جي ڊبن) اڳيان تون ڍڪين ڪين
ٿر ۾ توکي پريا سَر ڪين ملندا.“ ڪرهو تو چويس ته ”ڍو
هيءَ ديس ڏاڍو ارانگو تو ڏسجي؛ هن پاسي اچي آءٌ ڏاڍ
دکي ٿيو آهيان. دل وٺان جيڪي گهرجيم سو نه ملي ت
ڪين تو، رڳو ڪنارو ۽ ڦوڳ پيا نصيب ٿينم.“ ڍولا تو چو
ته ”ڪرها! چرٽو اٿيئي ته ڪنارو ۽ ڦوڳ چر؛ هتي ناڳرو

ناگر موت تو ڪاڻ ڪٿان ايندي جو ڪائيندين؟ جيڪي وات
ني مليئي سو ڪاءُ؛ باقي ڏاک ۽ ٻيجوڙا جيڪا توکي
ڪارائيندي، سا ته اڃا گهڻو دور آهي." "ڍولا!" ڳجهي تو
ات "منهنجي من ۾ تمام مونيون آسون اٿيئي؛ اهي ڪونپل،
اهي ڪنارا، اهي ڦوڳه، آءُ ناحق تو ڇران، توري ڪٽي
پنجاهه لنگهڻ ڪيئا پونم." "ڏ ڳهي ۽ ڳجهي ۽ وارا ات! ٻه ٻه
آگرا تنهنجا ڪن! اڃا رات جو ڪين ناگر وَل چڙهيئي، جنهنجا
پن هنٿا لاکيٺا؟ پر ٻيلي ڪرها! هو جو منهنجو ساهرو ديس
آهي سو ڏاڍو وڻندڙ اٿيئي؛ اُتي جي اڪن کي تون ضرور
اُنب ڪري سمجهندين، اُتي جي ڄار کي تون جهاڙ ڪري
جاڻندين!" (٢٠٩-٢١٦)

"پسين نه ڦاهي جا ماريءَ سنڌي من ۾؟"

ائين پيا رهاڻيون ڪن ته هڪ چارڻ اچي تو نڪري.
يڪارين ٿا هڪ ٻئي کي. پڇي ٿو ڍولا ڪان ته "اڙي سپيت
ڏندن وارا گهوڙا! گهر ۾ ڪا منڌ اٿيئي جا جنهن جي نينهن
ڪاتر، اُت تي چڙهيو، سيءُ سهندو پيو وڃين." ڍولا پريم
ر پاڳل، جواب تو ڏئيس ته "ڪنهن وڻ تان چونڊو ڪري
يو پت تي، ڪرتار اهو اُڏائي وڃي ڪيس جوت بخشي؛
ئين جوڙيائين چنڊ؛ اُهو رکيائين آڪاس ۾؛ اهو چنڊ اٿيئي
نهنجي مارئي جنهن جي نينهن ڪاتر، ات تي چڙهيو،
سيءُ سهندو پيو وڃان!"

"اري مارئي!" ائين چئي چارڻ اچي تو ڪل ۾ چڙڪي.
ولا تو پڇيس ته "چڱا مڙس، هڙن ڪلين ڇو پيو؟" چارڻ
هائين وڌ يڪ پيو ٽهڪ ڏئي. نيٺ پاڻ روڪي، چويس
و ته "ناگر! مارئيءَ ڪاڻ تون گهڻو، گهڻو اڳي نڪرين
ا." "ڇو؟ ڇا ٿيو آهي؟" پڇيٿو ڍولا.

"مارُو مهانجي گونٺي، مهان مارُو رو سيڻ،"

ورهين جو هئو ڪانڌ؛ جي هنجو جوڀن وهي ويو ته تون وري ڪئن جويونت رهئين؟"

هاڻ ٻولا جو هوش جاءِ ٿئي تو. ڳالهه دل سان لڳيس ٿي ۽ ويچاري تو ته کهڙو نه پاڳل ٿي پيو آهيان!

ويسوءَ کان تو پڇي ته "اڙي، توکي اها خبر ڪٿان پيئي ته مارئي جڏهن ڏيڍ ورهيه جي هئي تڏهن سندس ڪانڌ ٿن ورهين جو هو؟

"ٻولا! اسين مڱڻهار ماڻهو، ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي. اٽڪل ويهه ورهيه اڳ، ياڻو ٿيو ته آءُ اچي پشڪر نڪتو هئوس جتي، گُڏي گُڏيءَ جو وواهه ٿيو هو. تڏهن اها ستي پيم".

"ويهه ورهيه اڳي، تون هئين منهنجي وواهه ٿي؟ پر تون ته اها ٺنيو پيو ڏسجين. لنهنجي ڪاري چاپئين ته توکي ايڏو وڏو ڪين ٿي ڏيکاري".

"ٻولا! اسان مڱڻهارن جي وس آهي؛ وٽيئون ته ڪرڙو ٿيون، وٽيئون ته جوان ٺهون".

"اهو ته ٺهيو، پر هن چارڻ جو اهو ڪوڙ ٻڌو ته مارئي ڪورڙي ٿي ويئي آهي؟"

ويسو تو چوي ته

"درجن ڪيرا بولڙا، مت پانترجهه ڪوءِ،
اَڻ هونتي هونتي ڪهئه، سگلي ساچ نه هوءِ؛

"درجنن جي چوڻ تي متان ڪو پاترجي، گمراهه ٿئي! اهڙا آهن جو سچ نه ٻڌهه ڪين ڳالهائين؛ اَڻ هونديءَ کي هوندي ڪريو چڙين؟"

"ڪير آهي هو چارڻ ۽ چو اڻ هوندي، هوندي ڪئي اٿس؟"

”آءٌ مارئيءَ جو مائٽ آهيان.“

”سو ڇا؟“ پڇي ٿو ڍولا.

”ناڪر! ڏاڍو ڏير سان نڪتو آهين. مارئيءَ جي ننڍپڻ جا ڏينهن ٻڌايا. هاڻ هوءَ ٿي آهي ڪوڙي، ڪراڙي، وڃي ڇا ڪندين؟“ ائين چئي، چارڻ وڏيڪ وڏا ٽهڪ ڏيندو، هلندو ٿو وڃي.

ويچارو ڍولا! منجهي ٿو ٻيهي رهي. اڳتي وڌي ڪين واپس وري؟ اُن کان ٿو پڇي ته ”ڪرها! ٿون ٻڌاءِ ڇا ڪريان؟ ڪهڙي نه ويڌن ٿي آهي! جي ضرور واپس هلون ته اُتي جي ماڻهن کي ڇا چئون ته ڇو موٽي آيا آهيون؟“ (٢١٧-٢٢٠)

ائين ٻڌ ٿر ۾ آهي ته ٻويان هڪ اُٺ، پڻ جيان اُڏامندو پيو اچي. اُٺ ويجهو ٿو ٿئي. مٿس ڇاپيٺ سونهاريءَ وارو ڪو ماڻهو سوار آهي. ڪيڪاڙين ٿا. حالي احوالي ٿين ٿا. ٻڌائي ٿو ته ”آءٌ ويسو مڱڻهار آهيان، پوُڳل وڃي رهيو آهيان“.

”اري، پوُڳل ته مونکي به وڃڻو هو پر هوُ جو چارڻ پنڌ پيو وڃي تنهن مدجهائي ڇڏيو اٿم“.

”ڇو؟ ڇا آهي؟“ پڇي ٿو ويسوُ.

”آءٌ آهيان نرور پتي ڍولا. ويس پيو پوُڳل، مارئيءَ ڪاڻ. هن چارڻ ٻڌايو اٿم ته مارئي ٿي ويئي آهي ڪوڙي هاڻ، اڳتي وڃان ڪين واپس وران؟“

هاڻ ويسوُ ٿو ڳالهه لڳي. ڍولا ڪاڻ، ويسوءَ جو هڪ هڪ ٽهڪ آهي جڻ ته ڪٽاريءَ جو گهاءُ. پاڻئين ٿو ته هر چارڻ جي ڳالهه ته هين سڄي هئي.

ڍولا جو هوش جاءِ نه ڏسي، ويسوُ ٽڪڙو ٽڪڙو ته چويس ته ”ري! ڏيڍ ورهيه جي هئي مارئي، جڏهن تو

"ڀلا تو ويڄهرائيءَ ۾ ماروئي ڏٺي آهي؟ ڪٿي آهي؟"

"راڄن! جنهنجا ڪن سولا آهن تنهن اڳ ماروئي نت
ري آهي. جنهن مارو-روپ ورنن ٻڌو تنهن جڳ نه مارو-
وپ درشن ڪيو. هاڻ ٻڌ نه توکي به درشن ڪرايان:

"سائينءَ جو سؤڳند، ساڄن سپنن شهڻو"

"راڄن! هو ڏينهو ڏس؛ ماروئيءَ جي لڪ (چيلهه) جهڙي
نهيءَ ڏينهوءَ جي. هيءَ هنسڻي ڏس؛ ماروئيءَ جو هلڻ جهڙو
نهيءَ هنس جو؛ پڪ (ڪوئل) جو سر ٻڌو اٿيئي؟ ماروئيءَ
جي مکه مان به اهڙي مڌر واڻي نڪرندي اٿيئي؛ سامهون
ٻاڻ ۾ هنج پکي ڏس؛ ڪٿي نه ڀيو ڀڪي؟ ماروئي اهڙي
ر مل اٿيئي. ڀولا! تر ۾ آهي ڀوري واري، تنهن ۾ ٽين
جهنگ جا ٻوٽا؛ چمپا ڦول جي نه منجهن جاءِ ئي ڪانه ليپي؛
باقي، هيءَ وڻن جي جيڪا به سڳند ٿي اچيئي، سا ماروئيءَ
جي مڙئي گڻن جي سڳند اٿيئي. پر، پان جي پتي مثل نفيس
اٿيئي: ڌرتيءَ تي پير سنڀالي ڌرج متان پان ڦرڪي چڪي
. پوي. سنڌس سونهن کان به پاڻ سنڀالج: ڪيس هڪ ڏينهو
. سمجهج؛ ڏينهن جو اٿيئي مانارو؛ گلن جي ڪڇيءَ تاريءَ
اٿيئي اِهو مانارو؛ ڏوڏ جانس نه، متان ڏينهو نه اُڏامي اچي
ننئي. ڀولا! جيترا اُڀ ۾ تارا آهن، اوترا ماروئيءَ ۾ گڻ آهن.
ڪرتار مونکي جيئي هڪ ڏني آهي پر ماروئيءَ جا روپ
پار آهن - چنچل چت وارا ساڄن! چؤ، اُڇا ٻيا ڇڏئي
ڀدايانءِ؟" (٢٢١-٢٣٥)

"ڪرها! ڪسر ڇڏ، وکه وڌندي پاءِ."

هيءُ چنچل چت وارو ساڄن اُٺا به وڌيڪ چنچل تو ٿئي:
"ويسؤ! ڀيلي اُڏام؛ ڪرهو هڪليندو وڃ. آءٌ ڀچان ٿي
ڀچان تنهنکان اڳي تون وڃي پوگل رس. پوگل وارن کي
وڃي منهنجي اچڻ جي واڌائي ڏي. آءٌ به تو اُن کي اُڏايان.

”ڍولا! سڻيو اٿم ته هڪ شخص آهي نالي *اومر رائه؛ ڪو ڇوٽو موٽو ڏڳيدار تـو پاڻهجي؛ ذات جو آهي سمرو؛ رهيٿو پوڳل پريان ڀت ڪان ڪي هينٺي؛ تنهن سڻي هاڪ مارئيءَ جي سونهن جي؛ آيو راجا پنگل وٽ ۽ گهرڙيائين سڱ مارئيءَ جو؛ راجا ڏنس ڇرڪ جواب؛ مڙس اچي مٽيو؛ راجا گهٽوئي سمجهايس تـه اول تـه تون آهين پرمار ڪل جو ۽ اسين به آهيون پرمار ڪل جا، سو اهڙو ناتو ٿئي اَجوڳو؛ ٻيو ته مارئي اڳيئي پرڻايل ڍولا سان، سو، ٻيو وواهه به ٿئي بنهه اَجوڳو.“ پر اومر هوڏ تي ٿي بيٺو آهي. راجا کي ڏاڍا ڏڙڪا تاب ڏنا اٿس؛ راجا ان مهل ته ڪيس ٽڙائي ڪڍيو پر هو ته وڏ ڀڪ سيٽيل تو ڏسجي. شڪ نه آهي ته هو چارڻ اِنهي ڪـر، اِنهي لڄ جو ئـي ماٺهو هجي. هلين تو پوُڳل، وڏ ڀڪ سڏيون پاٺيهي الي ڇوندينءِ.“

سالهه ڪمر! مجهه وچن جو سڻءُ،
اي چارڻ اومرا رايه ٽڻءُ،
مارو لي مانگڻ آويٺو،
پنگل تي ديسان ڪاڍيٺو.

---

*هن وارتا جي ڪر (لڄ) جي نالي وغيره بنسبت به گهٽيئي مت پيدا آهن: ڪن ساهتڪارن ڪيس عمرڪوٽ وارو عمر سومرو سڏيو آهي. پر عمرڪوٽ بن عمر سومري نالي وارن حاڪمن جي راجڌاني هئي ۽ اهي ٻئي، ڍولا-مارو وارتا جي وقت کان گهڻو پوءِ جا هئا. هن ڪتاب جي صفحه ٧ تي اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي ته اومرا سمرا پرمار راجپوتن جي هڪ شاخ هئي. ڏسجي ائين ٿو ته هن وارتا جو ڪر انهيءَ پرمار شاخ جو هڪ ڏڳيدار هو ۽ نه ته ڪو مسلمان هو. (ساهتيه ۾ تعصب کي ڪا جاءِ هئڻ نه گهرجي.) اهو پڻ ويچارو ۾ آڻڻ گهرجي ته ڪشلاپ، پدهنجيءَ هينئينءَ ڇوپائيءَ ۾ هن ڪر کي ”اومرا رايه“ سڏيو آهي:-

ر ٿي ڏسي تہ ڍولا اڃــي ڪيس جاڳايو آهـي. روئي وڃي
سندس ڳلي لڳي آهي؛ ٻپ وڃان پنهنجا پلڪ (ڇپر) ٿي
ہ ٿي ڪولي تہ متان سپنو، سپنو ٿي رهجي وڃي ۽ سپني
وارو ساڄن ڪانئس وڇڙي وڃي! ٻئي ڏينهن سکيـن ڪي ٿي
پڌائي. هن پيري تہ سکيون وڌيڪ وسمئہ ۾ ٿيون پون! واهہ
جو سهڻو، واهہ جو سپنو! خواب ۾ ٻرهہ جاڳي ۽ خواب ۾ ئي
ميلاپ ٿئي. مارئي، سکين جي مکہ تي مشڪ ڏسي، چوين
ٿي: ”ڀريون! منهنجي نماڻي اک ڇا ڪري؟ سندس ڪهڙو
ڏوهہ؟ اِهو ڪانگ نراڄو ٿيو آهي جو پيو ڪينئن جون خبرون
ڏوي؛ نہ تہ آءٌ ڪير جا، ڇئي سگهان تہ سؤ ڪوهن تي ساڄن
وسي سو رات وچ ۾ اچي هت رسندم؟ سکيون! منهنجا
ڪانگ ٻہ پيا اِئين ڦرڪن جڻ تہ سندن اَهڃاڻ ڍولا جي ٿا
آجيان ڪن!“

سکين کي اِهو چئي اچي ٿي راتوڪي سپني کي وٺي،
چي: ”سهڻا! توکي مارائيندس، توکي ڏنيائيندس! اِها
ڪهڙي ڳالهہ جو جاڳان تہ هجان اڪيلي، سمهان تہ هجون
ٻيلهہ؟“

سکيون ٿيون چونس تہ ”مارئي! اون سپني کي ڏوهہ ڇو
ٿي ڏين؟ هو تہ پاڻ اهڙو سلطان آهي جو سؤ ڪوهين لنهنجو
ساڄن وسي سو آڻي توسان رات جو ٿو ملائي!“

سنجها ٿاڻي، سکيون وڃن ٿيون ڪوهہ تي، تہ هيءَ ٻہ ساڻن
گڏ جي تي نڪري. (٢٥٢-٢٤٢)

”سپيڻي سهاڳڻيون، سپن جي گل هار.“

رات جو، آڪاس ۾ وچ ڪنوي آهي. لڳن تہ تمام شيہ
آهي! ڍولا اُٿ کي ستيندو اچي پوڳل کي ويجهو ٿو ٿئي.
اونڌهہ ۾ هڪ ڪوهيءَ پرسان اُٺ جهڪائي، لهي ٿو پوي.
”مار! مارو ديس جا ڪوهہ تہ ڪهڙا! پاڻي تمام هيٺ، ٻنهہ

اڇهو آيس!"

ويسؤ ويو جتي واءَ. هيءَ به ٿوڪرهي کي ڪامون (ڇڙيون)
ستي. اُن ٿو چويس ته "ڍولا! ڏاهو ٿيءُ! سٽينم نه؛ رڳون
نه چوُر ڪرينم؛ ٻن ڏينهن جي وچ ۾ ٿيندي مارئي، سا ڪا
دور چڱي ڪٿي؟ اڇهو پهتاسين."

"ڪيچ جي ڪاريءَ اُٺ جا پٽ! ٻوُنءَ ياري؛ ساجن جو
گهر دور؛ هن راهوءَ اڳي ڪِي وٺل ڪيو آهي؛ سج کي ڳوڪائن
کان پنهنجا همت ڪجهه روڪي ها ته هئين اونده نه ٿئي ها!"

"پر ڍولا! اهو راهوءَ جو ڏوهه. مونکي ڇو ٿو هڻين سٽين؟
ٿي ٿي وچ ۾ ويهه شهر هوندا - اُهي ويهه شهر ڪي گهٽ
ڪين چڱا. اڇهو پهتاسين."

"ڪرها! واءَ جو روپ اختيار ڪر؛ وڳ وڌندي پاءَ؛ تون
نه رڳو تڪو آهين پر آءُ ٻنهه اُوسنو (پاروُٿو) ٿي ويو آهيان؛
چڏ جهوري، ڏي جهاٽ، ڏسجانءَ جتي ڏيئن جلدي اُني
رسون؛ دير ٿي ته اَج کان وڃي سيان ٿي پونداسين!"

"ڍولا! پنهنجي ٻيڻ پختي ڪري ٻڌ: هن لپج (مهار)
کي ڍلو ڇڏ. سانڊهي (مهري) اُٺ جي پيٽان ٿي ڪين ليٽيو
آهيان، جي اڄ جو اڄ توکي اُنهيءَ منڌ سان نه ملايان!"

سچ پچ، ٻوُن جيان اُڏامندا ويا! (۲۳۶-۲۴۱)

"ستي لڌم سهڻو، ڪٿيءَ ۾ خاصو."

هاڻ پوگل ۾ ڏسو ته ڇا ٿي رهيو آهي! جنهن رات ڍولـ
ترور کان نڪتو آهي، تنهن رات مارئي *موتين جڙيءَ منڌي
کي سڳنڌ مکي، سيج ٿي ستي آهي. اڌيءَ رات وري سهڻي

*راجستان ۾ رواج آهي ته گهوٽ ساهري اچي، تنهن کان
اڳين رات، ڪنوار منڌيءَ کي سڳنڌ ڪري، پائي
سمهندي آهي.



ڍولا ۽ مارئيءَ جو اُومر جي چنبي ۾ ڦاسڻ

[صفحو ٦٢]

پاتار ۾. تارن جو چمڪاٽ مٿن پوي تڏهن ٿي پتو پوي
منجهن ڪو پاڻي آهي." هڪ ڳوٺاڻو پاڻي ڀرڻ تو اچي
ڇڪيندي اٿس حال! ڏولا تو ٽنولي ڪريس، چي "اٿين ته
ڇڪي ڇڪي جڙهه نڪري ويندئه. ڪيستائين پيو ڇڪيندين؟
ڳوٺاڻو تو ڌهر ڏنيس، چي "تون وڃ پنهنجي گهر؛ توکي
ڪهڙي ٽاٽ پيئي آهي؟ منهنجي مرضي؛ ساري رات پيو
ڇڪيان، تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟"

اٿين، ڳوٺاڻي سان ڪوئنسيو هيٺو آهي ته ڪرهو مانڊ ميٽ ۾
هليو تو وڃي اڳتي ۽ ڏولا کي پتو ئي ڪين تو پوي. ڪجهه
وقت بعد نهاري ته ڏسي اُٺ نهي ئي ڪين! اُڙي، وي
ڪاڏي؟ اڳتي وڌي ڪن تو ڏئي. پريان، ٻئي ڪنهن کوهه
تي نار هلڻ جو آواز پيو ٿئي سو تو ٻڌي. آواز جي سهاري،
وڌي تو انهيءَ طرف.

هو جو ڪرهو رول ٿي ويس، سو به نار جي آواز تي
وڃي رسيو آهي کوهه تي. ڏسي ته ڪي ماروئڙيون پيئيون
گهڙا ڀرين، ڪي پيئيون ڪل مستي ڪن. هيءُ، وڏو مست،
ڳيچ سارو پاڻي ڪنگرين مان وهندو ڏسي، وڃي تو وجهي
بوٿ ۽ ڏوگهي تو پاڻي. ماروئڙيون اچي ٿيون ورائي وٺنس،
چي "اوچي اُٺ! تنهنجو ٻڇرو هيڏو وڏو، پڇ ههڙو
ڀڪڙو، گهسي آيو آهين پاڻي ڏوگهڻ!" اٿين ڇٽي ڪانبڙين
(لڪرين) سان سٽي ٿيون وجهنس. هيءُ وٺي تو رڙي؛ چي:
"ڏولئيا! او ڏولئيا!! ٻيلي تون پيو مارُ مارُ ڪري مرين،
پر هي ماروئڙيون ته ڪي ڀڏڻيون ٿيون ڏسجن. ٻڪ پاڻيءَ
جو مس پيتو اٿم ته راڻون ٿي چور ڪري وڌيون اٿن."

هڪ ماروئڙيءَ کان رڙ نڪري تي وئي: "اُڙي، تون
ڏولا جو اُٺ آهين ڇا؟ ڪميا ڪيج. ڀل ڪان توکي ڪنبڙيون
واهيون اٿن. جيترو پيٺو هجيئي اوترو پيءُ. ٻلهار وڃان مان

ڍولا جي اُنڙي تان!"

هيءَ، ڀاڳي ڏُوگهي ٻه پيو نه رڙي ٻه پيو، چي "ڍولا! هن ديس ۾، ڀاڳي ته ڏاڍين جنين سان ٿو هٿ اچي. پلو آهي اسانجو پنهنجو ديس جتي جيترو جل گهر جيئي، اوترو پيو پيءُ. جهل ئي ڪانه ٿئي."

اِها مارئي وري ٿي نيڙيس ۽ چويس ته "ڪرها! پلي تون جهڪي، سولو ٿي ويهي ڀاڳي پيءُ. اِها جي اڳوات سڌ هجي ها ته تون ڍولا جو اُت آهين ته ڪير توکي هٿ لائي ها؟ وار به ونگو ڪين ٿئي ئي ها!"

ڀاڳي پيئندي، ڪرهو ٻري ٻري ڍولا کي ٿو ڏسي. هاهُر ڪندو، اِها پڇڙي لوڏيندو، وڃي ٿو ڍولا وٽ.

اُت واتان ڍولا جو نالو ٻڌي، مارئي آنند ۾ اچي ويئي آهي. چوڻي ته "سکيون! صاحب اچي ويو آهي. منهنجا ڪارج سڀ سريا آهن. ڏسو ته پورنماسيءَ رات جيان، چارئي طرف ڪٿن نه ٻهڪي رهيا آهن! سکيون! منهنجو هردو ٺنڍي، هماليه پربت جيڏو ٿي پيو آهي ۽ هن منهنجي تن-ٻجري ۾ نه ماپي ئي نٿو. سکيون! ٻنا ٻيٽي اچي نشو چڙهيو اٿم."

ڍولا هاڻ ڪجهه ويجهو آهي. ڏسي ٿو ته کوهه تي جيڪي ٻه اُپيون آهن سي مڙيئي آهن سهڻيون؛ سڀيئي پيئون ڏسجن ورن واريون سهاڳڻيون؛ سڀني جي ڳچيءَ ۾ پيا آهن هار، سهاڳ جا هار. پر جنهن ڪارڻ ٿر جهاڳيو اٿس سا نه سڃاڻي نه ٿو. اُت کي چوي ته "ڪرها! کوهه تي کڙو آهي منهنجو صاحب تون ٻڌاءِ."

ڪرهو ڪٿي ٿو ٻڌائيس؟ اينري ۾ هڪ ماروئڙي، ٻين کان الڳ ٿي ٿئي. مارا! ڏند ته سڀني جا سڀيءَ جهڙا، پر هيءَ هلي ٿي ته پونءِ پيئي ٻهڪي، هڪ هڪ قدم، پدم سان ٻه نه ٿو پري. ٻيون ڪيس جهار ٻيون ڪن؛ سائس جو

اُتس سو سومرو ڀائُوءَ هتان. ٽيڪ ان مهل، ويسُوَ وني ٿو پنهنجي چاپئين سونهاري پٽي پري ڪري. مار! هيءُ ته ڀائُوءَ پٽ پاڻ آهي!! سڀ ٿا چونس ته ”جس اٿيئي ڀائُوَ! اِها پوئين ۾ ٿو هتان پوري ٿي.“ هو ڪرهو جو ٻاهر ٻيٺو آهي، سو سِس لنگهائي ٿو اندر ۽ وني ٿو ٻاڪاري، چئي: ”ويسُوءَ جي ويس وارا ڀائُو! اڙاولـي گهاٽي وٽ هن چارڻ چيو ته مارئي آهي ڪورڙي، مون اَڳُهِڻون مارئيءَ کي سڏيو ڀيڏي. حيف هنکي، حيف مونکي، پر ٻيلي، هنن مارو ڙين، ٻڪ پاٽيءَ تان سٽي وڌم، سو رڳون ڀيبون رٽجهن.“ ايترو چئي، وري ٿو سس ڪيڏي وڃي ٻاهر!

مهل سارو، سکيون مارئيءَ کي سنيرائي سينگاري رواڻو ٽيون ڪن ڍولا وٽ. پايل پاٽي اُتنس سوڻي، سو پڳه ۾ ٽي پيا اُتس سوڻا. جهم جهم، جهم جهم ڪندي مارئي پيئي وڃي؛ جڻ ته ڦوهارو پيو چمڪي. مارئيءَ جنهن سڄڻ جي وات پي ڏٺي، سو اچي مليو اُتس. ٽنپيا ٿا نچن، گهر ٿو ڪلي، ڪٿون ۾ وني ٽيون ڪيلڻ لڳن!

ڍولا پندرهن ڏينهن ٿو پوڳل ۾ رهي. ڏينهن ڏينهن جا اَٺ ئي پهر ٿا آنند ۾ گذرن.

سورهين ڏينهن ڍولا پاڻ ۾ ٿو موڪلائي ۽ مارئيءَ جي ۾ ٿو موڪل وٺي. راجا راڻي، گهڻيئي سند رڳهٽا، اڇا وستر، هاٿي، گهوڙا، پالکيون اَٺ وغيره ڏيج ۾ ٿو ڏئين. مارئيءَ کي داسيون ٿو ڏئي، ڍولا کي پنهنجا نوڪر ٿو ڏئي ته وڃي نرور رسائي اچنس. ڀائُوءَ کي ته حالي راجا پاڻ وٽ ٽڪائي ٿو ڇڏي. (۲۶۹-۲۸۵)

”مرڻا اڳي جي مِيا، سي مري ٿين نه مات“

سومرو اِڻالو اٿي هليو آهي. رستي ۾ رات ٿسي پوين.

هيناهين ۽ سان پيئون هلن، سو انهيءَ ڀار تي، ڍولا سچاڻي تو پنهنجي راڻي.

مارئيءَ جي به پري کان اتس نظر ٿي پوي. جنهن کي سپني ۾ ڏٺو هئائين سوئي پرين اچي پرگهٽ ٿيو آهيس. ڊپ کان اکيون ٿي نه ٿي ٻوٽي ته متان سپنو ٿي وڃيس! اِتي اک اک کي ٿي تاڙي. چار اکيون ايڪٽ ٿي ٿيون پون. ڍولو پاڻئين ته وڄ ٿي کنوي، مارئي پاڻئين ته مهر جا ميگهه ٿا وسن!

مارئي، لچاري، آکاهتي بڻائتي؛ ڏهين ۽ صديءَ جي کنوار؛ لوڪ لڄ جو اونو گهڻو اٿس؛ سو، وڌيڪ ترسي نه ٿي سگهي. سکين کي ساڻ کري، جڻ ته وئي ٿي اُڏامي.

اُڏامڻ جي ته ڍولا به تو کري پر کرهو ٿو روکيس: چي: ”ڍولا! تون دولهه؛ ائين کين جڳائي جو ساهڙن اڳيان ٽڙڪي هلت کجي؛ تون به راجا آهين، کجهه دم جهل!“ دم جهلي تو بيهي رهي. (٢٥٣-٢٦٨)

”اڄ پڻ جڙيم جوڙ دوست پيهي در آئيو“

هوڏانهن ويسو مڱڻهار، سو پنگل جي محل ۾ رسي ويو آهي ۽ کينئن جي خبر راجا راڻيءَ کي ڏني اٿس. راجا ۽ راڻي ٻئي آنند ۾ اچي ٿا وڃن. سڄو نگر اپار آنند ۾ پيو جهي ٿو وڃي. مارئي سکين سان اچي پهتي آهي، سا ته آنند ۾ اوس آهي.

دهل دمامان وڄن ٿا ڍولا جو سواگت کرڻ. پهتو اکيلو اُٺ سان، محل ۾ گهڙي تو جهڄ سان! دربار ۾ گهڻو اُلساهه آهي. شاديءَ جون رتيون رسموج سڀ اڄ ٿا ٻڌڻ. راڻي ٿي راجا کي چوي ته ”راجن! اهڙي ڏينهن جيڪر پاڻُو پت هتي هجي ها! کرڻ وارو ته کرتار آهي پر جيڪي کيو

هاڻ، جوڳيءَ سان گڏ جا آهي جوڳڻ، سا هٿ ٻڌي ٿي جوڳيءَ کي چوي ته ”هي ناٿ! هن مڙس جي چيٽڪ کي نه ڏس؛ منهنجي سڻ؛ آءٌ سڃاڻان هن استريءَ کي؛ هيءَ اٺيتي سيل واري مارئي. ٻالپڻ ۾، کيس هن گهوٽ سان پرڻايائون پر تنهنجي نه کيس سڌ ۽ نه انجو هن گهوٽ کي ئي سماءُ. ورهيه پيا وچ ۾؛ گهوٽيتن پيو گهر ڳولي، گهوٽ پرڻائي ڇڏيو؛ هيءَ ڪنوار جوبنوانت ٿي تڏهن سپني ۾ پتار جو درسن ٿيس، تنهن پڇاڻا، ڪو ڏٽيءَ سندس دانهون ٻڌيون جو هن گهوٽ کي اندر ۾ وڃي پيا؛ نرور ڪان آيو، ڪنوار ساڻ ڪري واپس وريو آهي؛ هينئر، ڪن ۾ سپ ختم ٿي ويو! هاڻ ڪٿي ورندو واپس؟ نرور واريءَ اڳيان ڪهڙو منهن ڪڍي ويندو؟ ناٿ! تون سمرٿ آهين. يا نه پنهنجي ٻل سان هن اَبلا کي اُتار، يا نه مون سُوڌا ٿي ٿا چڙهون هن چکيا تي!“

اَلائجي ڪهڙي قسم جو آهي هيءُ جوڳي! جوڳيءَ سان گڏ جوڳڻ ۽ جوڳڻ جو جوڳيءَ مٿان هڙو جادو! جوڳي جل ڪڍي، منتر اُچاري، جل ٿو مارئيءَ جي نيڻن تي ڇنڪاري. ڏيري، ڏيري، ڏيري، لاش ۾ ساس ٿو پوي. مارئي اُٿي ٿي سچيت؛ ڍولا جي اندر ۾ اُڀري ٿو آنند جو سورج. ٻاهر، اَماس رات، تنهن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو پونم-چنڊ؛ انڌاري ۾ ٿئي ٿي جوت. ڍولا ۽ مارُو، پنهنجا سمورا ڳهڻا لاهي، جوڳيءَ ۽ جوڳياڻيءَ اڳيان رکن ٿا پيٽا ڪري. پيرين پئي، ڪانئن موڪلائين ٿا. جوڳي ۽ جوڳياڻي آسيسائون ڪندا، ٿين ٿا راهي. (٢٩٠-٢٩٥)

هاڻ ڍولا کي اُڻ تڻ ٿئي ٿي نرور پهچڻ جي. هيءُ ساهڙن جا هيترا مال ني آهن جن ڍر وڌي آهي. پوڳل وارا اوپرُو ماڻهو واپس ٿو ڪري؛ ٻه چار ڄڻا سامان سري سان الڳ ٿو نرور پئي. مارئيءَ کي چاڙهي ٿو بيلهه. اُٺ کي وري ٻه ٿو وني سڻي.

پاڻيءَ جي سانگي، هڪ ٻن ۾ ٽا ڏٻو ڪن. رات جو مارئي
گهوٽ جي ڳلي لڳي، اُگهور ننڊ ۾ پيئي آهي. ڍولا ٻه آن
سان آرام ۾ آهي. آنند؟ ڪٿي ٿو آنند جنم ڪري! آڏي
جو مارئيءَ جي ڪيڪرات ٿي، ڇرڪ ماري ٿو اٿي. ڏس
ته هڪ پيهڻ، مارئيءَ جي پيرانديءَ کان سراڪو پائيند
پيئي وڃي. همت ٿو لائي مارئيءَ کي: مارئي آهي ڪٿي
پڪي پڇري مان اڏامي ويو آهي. انگه ٿيا پيا اٿس جهڙا برف
هيءَ اوچتي آپدا! رات سڄي سوڳ ۾، هينئر هٿڙو د
ڏاريندڙ مرتيو! ڏايا ٿو ورلاپ ڪري. سڀ وٽي ٿا رود
زاري ڪن. اوسار ٿي، اوري پري جا پيٽ، جاجڪ، چارڻ
مڱڻهار وغيره اچي ٿا مڙن. سنڌ ن هيءَ مارو راڳه کهڙو
ڳهائيندڙ آهي! هر ڪنهن جي واتان ٿو نڪري ته ”هاء
وڏاتا! هي ڇا!“ ڇڪيا ٿا ڏاهين. مارئيءَ جو اگني سنسڪ
اِجهو ٿو ٿئي، پر ڍولا هوڏ ڪيو بيٺو آهي ته ”آءٌ ٻه مارئي
سان گڏو گڏ، هن چڪيا تي چڙهندس.“ (٢٨٦-٢٨٩)

”هميشه حيات، جيڻان اڳي جي جيا“

اُن مهل، اَچانڪ، هڪ جوڳي، پهاڙن جي پار کان، وا
وڻيو، اچي ٿو لانگهائو ٿئي. ڏسي ته چڪيا لي ٺوورنيءَ
مڙهه پيو آهي ۽ جوان جماڻ پيو ٻاڏائي ته ”آءٌ ٻه هن س
گڏ چڪيا تي چڙهندس.“ وڏي ٿو اچي. چوي ٿو ڍولا ک
ته ”نر ڪو ناريءَ سان جلندو آهي؟ ناري نر سان بر
جلندي آهي. اجايو تون نه پاڻ مار.“

اُتاولو ڍولا! جوڳيءَ جو نمسڪار آدر ستڪار نه پلج
ويو آهي. پر، اُتلو، چويس ٿو ته ”سڻ جوڳي! ٿو کي کهڙ
ڏاڍ پيئي آهي؟ ٻانڌي هئين، وڃ پنهنجي پنڌ کي. پرا
ٻاجهه ۾ نه پئو!“

چو نہ وڙ ڪندي؟ اُومرا جي لڏي ۾ آهي مارئيءَ جي
ڪ ٻُوٽي. انهيءَ ڪي اُومرا جي سموري ڇل جي سڌ آهي.
د وڄائي راڳ تي ڳائي، ٻوڪل وارن جي ٻوليءَ ۾. ڀريان
رئي تي ٻڌي. ڇا تي ٻڌي؟ ڇي، "تر جي هن اُجاڙ ديس
هڪ استري اچ ڪڇندي، استريءَ جو ڀرين مار ٻو. استري
ي آهي چتر نہ جيڪي آءٌ چوان پيئي سو ڇيتيندي. استري
ي گنوار آهي نہ پاڻ بہ وڄائيندي، ٻرين بہ وڄائيندي.
ستريءَ کي جيڪڏهن پنهنجي ڪانڌ سان ڪم آهي تہ
ڪرهي کي ماري ڪانئڙي. ڪرهو ڀڄندو، تنهن پويان ڀڄي
ستري؛ تنهن پويان ڀڄندو ڪانڌ؛ پوءِ ٻئي وڃن ڀڄي؛ نہ
، استري اچ ڪڇندي، استريءَ جو ڀرين مار ٻو." مارئيءَ
ي اڳيئي ڦرٽو پيل؛ اوندهہ آهي؛ ماري تي اُٺ کي ڪانئڙي؛
ٺ اٿي تو ڀڄي. پويان مارئي، واڪا ڪندي وڃيس تي
ڻ نہ ورائڻ؛ آواز تي هتان ٻولا تو اٿي ڊوڙي؛ اڳيان
ٺ، پويان مارئي تنهن پويان ٻولا. ڀڄندا وڃن. تنهين
ريان، هڪل تو ڪري اومرا؛ ڇي: "ناڪر! اٺ نهيو آهي،
نهن پويان اوهين ڇاڪاڻ پيا ڀڄو؟ منهنجا ڪيڪاڻ هيترا
هن، اٺ ورائي تا ڏينو؛ اوهين پاڙڪي هٿن هلاڪ چوتا
ڪريو؟" مارئي، انڌيري ۾ مفاصلي جو وجهہ وٺي، ٻولا
ي تي پٽڪي تہ "اهو ماريو اومرا اٿيئي. ڪهر ڪائيس، من ۾ مدي
ٽس." "ڇا؟ اومرا؟ ساڳيو؟ چڙهہ ري چڙهہ، اُٺ تي." اَڏ ويئي
ٺ تي؛ لانگهہ ورائي ڏئي تو ٽپ، پويان چاڙهي تو مارئيءَ کي،
نهن پويان ڪرهي کي ماري تو ڪانئڙي. وات ڇڏي،
ويٺو حالي نہ جهنگ ۾، وات جي ڪا ٻي پاسي. ليتري ۾
ومرا جا ڪيڪاڻ بہ تيار تيا آهن. "ٻيهو ري ٻيهو"، چوندا
ومرا جا چاڙتا ٻون تا ڀنيان، پر رات انڌيري، هو وات
هي پيا جهنگ ۾؛ اڪہ نہ ڏسي مچ ڪي؛ ڪجهہ ڀنڌ ڊوڙي،

”ڪر! خراب ٿئين، هيا، هچارا!“

اَجا ٻرالبُد هنن جي ٻڌڻ ڪانه ٿي ڇڏي! مارئيءَ جي مرتبيءَ وقت جيڪو گوڙ ٿيو هو، انتي، هن ڪري، اومرا رايه جا ڪي چاڙڙا به اچي ڪنا ٿيا هئا. سي ٿا وڃي ٻڌائين اومرا رايه کي ته ”هاڻ ٻيا سيپٽي ٿي ويا اٿيئي ڪک پن؛ باقي رهيا اٿيئي به ٿي به ڍولاءَ مارئي؛ وڃه سڏائو اٿيئي؛ هاڻ ڪو هٿ پير هلاءِ، ٻولو ٻار.“

اومرا جو لڏو آهي ڪيڪاڻن لي، گهوڙن لي. ڍولا مارئي کي ٻيلهه چاڙهيو، وات ونيو ٻيو وڃي؛ اومرا پنهنجو لڏو وات جي ساڄي طرفان، جهنگ مان ونيو، اچي ٿو ڍولا جي پويان.

پنيان گهوڙن جي ٽاپ ٻڌي، مارئيءَ کسي ٿئي ٿو قرڻو يا پويس ٿو ڪو سنسو. اُن کي ٿي چوي ته ”ڪرها هيءَ نيڪ ڳالهه نه ڪين ٿي جو پنيان گهوڙن جو آواز پيو اچي.“ وري ڍولا کي ٿي چوي ته ”ڇا ٿو ٿئي، ٻر ٻن؟ اُن، پنهنجا ٻران، پنهنجون رڳون پياريون سمجهي پيو هئن پڇي يا ڪا اَچنني، اَسوچ هاڃي ٿيڻي اٿون؟“

ايتري ۾ اومرا رايه اچي ٿو پڄين. سوداگر جو ويس اٿس ڪيڪاري ٿو. پڇي ٿو ته ”ناڪر! تڪڙ ڪهڙي آهي. آ به اِنهيءَ ئي طرف وڃي رهيو آهيان. راڻ جو وڳڙو آهي ائين وڃڻ جو ڪم جو آهي. ڪجهه ويرم ترسو، جل ٻاٽي ڪري گڏيا ٿا هلون.“

ڍولا کي دولاب جي ڪهڙي خبر؟ اُن ٿو جهڪائي ٻئي ٿا لهي پون. اُن جي اڳينءَ ۽ ٻوئينءَ ٽنگ کي ڍلي رسي ٻڌي، مهار مارئيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي، مارئيءَ کي اُن پرسان وهاري، پاڻ وڃي ٿو سوداگر جي لڏي وٽ جل ٻاٽي ڪرڻ. هاڻ وڏانا ڪو ور ڪري.



ڍولا ۽ مارُو جو اُومر جي چنبي مان ڇٽي ڀڄڻ

[صفحو ٦٣]

موٽي ٿا اچن. ”نرور اڃا گهڻو دور آهي“، چوي ٿو اومرا سيان
شام جو مس رسن. پنيڙڪي ٽيڻ ڏيو ته پٺون ٿا سندن پويان؛
ويندا ڪيڏي؟“

ٻولا ڪجهه پنڌ جهنگ مان هلندو، وري اچي ٿو گس
تي ٽڪي. ٻهارڻ اٺ کي واءُ وانگيان ٿا اڏائين. هاڻ اٺ ٻه
ٽڪي ٿو گهري چندن جا ڇوڙ پا، نڪو ٿو گهري گنگا جو جل.
پرهه ڦٽيءَ جو، سامهون کو اوٺي اٺ ڀڄائيندو پيو اچي.
ويجهو ٿئين ٿو ته هڪل ٿو ڪرين، چي: ”ماڻهو آهيو ڪين
اٺ تي سوار اٺ؟ اٺ جا پير ڪُوٽ سان ٻڌا پيا آهن ۽
اوهين ڪيس هيڻن ٽپا ڏيارينداپيا وڃو!“ ٻولا ڏسي ته
مار! رات، اٺ جي اڳئين پوئين پير کي ڪُوٽ ٻڌي
ڇڏيو هئائين؛ ڀڄڻ مهل، سا ڳالهه نه مارئيءَ جي خواب، نه
ٻولا جي خيال. ڪڍي ڪٽاري ڇيلهه مان، ڏئي ٿو اوٺيءَ
کي؛ چويس ٿو ته ”ڀلائي ڪري، تون نه پنهنجو اٺ جهڪائي،
ڪُوٽ ڪٽاريءَ سان ڪپين؟“ اوٺي اٺ جهڪائي، ڪپي
ٿو ڪُوٽ ڪٽاريءَ سان. تڏهن ٻولا چويس ته ”ادا! هڪ
ٻيو ٿورو ڪندين؟ پوئتان ملندءِ اومرا راڻي جو ڪيڪاڻ جو
لڏو من ۾ اٿن مدي. توکان اسان بابت پڇندا ضرور. تون ڪٽي
چئجان ته ٻولا مارئي کڏهوکو وڃي نرور رسيا. ائين،
اِهي منهن ڪارا، سڙندا انهيءَ سور ۾.“ ٻولا جو نالو ٻڌنديئي،
اوٺي ڪري ٿو نمسڪار. ”جا آگيا، پريمين جا سرومڻي!“
ائين چئي، ٻولا کان موڪلائي ٿو. ٻولا وري ٻه واهي ٿو
ڪرهي کي ڪانبڙيون. ويچارو ڪرهو! لڇڻ آهي پر ڪڇڻ
ڪينهي. ٻولا پيو چويس ته ”هاهر ڪندو هل، نه ڪجا يون
ڪُرن کي!“

هوڏانهن، ڏينهن چڙهئي، وات تي، اوٺيءَ کي اومرا راڻ
جا ڪيڪاڻ گڏيا آهن. ”اڙي اوٺي! تو ڪا جوڙي ٻيلهه ڏٺي؟“
”جي ها“، چوي ٿو اوٺي.

”اوري هتا ڪين پري؟“، پڇي ٿو اومرا رايہ پاڻ.
”ڇا ڪان اوري، ڇا ڪان پري؟“ وري پڇي ٿو اوني.
”هتان ڪان“، ڪجهي چوڻو اومرا رايہ.
”پريہ او تمام تمام پري“، وراڻي ٿو اوني.
”ڀلا، نرور ڪان ڪيترو اورتي؟“، پڇي ٿو اومرا رايہ.
”نرور تہ هو ڪڏهوڪو وڃي رسيا هوندا“، چوڻو اوني.

ويچارو اومرا! شڪار هٿن مان ويندو رهيو، هاڻ ڇا
ندو؟ بري جي ٻرائي، سندس ئي منهن ۾ ڇائي.

”اللـــہ ڪرجين، مدي جن جي من ۾،
اسان ۽ پرينءَ جـــون، اُميدون پسن،
تهان ٻوءِ مرن، سڙي اِنهيءَ سور ۾.“

ڦڪو ٻيڙو ٿي، وڃي ٿو واپس، جتان آيو اُتي! (٢٩٦-٣٠١)

”ڏٽيم! ڪرم ڏار، پارو تن پرين سين“

هاڻ، ٻولا مارئيءَ سان، نرور پهتو آهي. ڏاڍا آنند منگل
ٿين. گهر گهر ۾، ناريون ناچ ٿيون وجهن. نگر جي پرجا اڇي
ل وت ڪٺي ٿي آهي. نرور جي ڪنهن بہ چترپٽيءَ جو
ڙو اُتساهڪ سواگت اڳي ڪڏهن ڪين ٿيو. اُت جهڪائي،
ئيءَ کي محل اندر وٺي، سکين حوالي ڪري، وڃي ٿو
وٽيءَ وٽ. مالوٽي ڪيڏو نہ خوش ٿي ٿئي؟ ڳلن تان
ڙهن جون بوندون پيئون وهنس. ڇا ٿي چويس؟ ڇي:

تون منهنجو ولهو، آءٌ تو ۾ طمعدار،
ٻڪي ٻول گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

۽ ٻولا، ڳراهٽري پائي چويس ٿو تہ ”مالوٽي! من سمي!
ٽڻ سهو وويڪ؛“ منهنجي من اندر تون سدائين سمايل
يين، توکي سڌ آهي تہ منهنجي وويڪ اندر ڇا پيو وهي.
ڪنهن ڪنهن مهل، ٻولا، مالوٽيءَ اڳيان مارئيءَ جي واکاڻ

٢- دولا- مارۇ دوها

ڪري ته مارئي وري، پنهنجيءَ چترائيءَ سان، مالوڻيءَ جي ديس ۾ اُتي جي مڙني نارين جي هاڪ ڪري، پاڻ مالوڻيءَ جي دل چورائي وٺي!

هاڻ، نرور ۾ سدائين آنند آهي. مارئي توڙي مالوڻي، هڪڙي ئي پيتار ڍولا سان، ساڳئي محل ۾، اُتي پريم جي ورتاءَ سان گهارين.

ماروئي نئه مالوڻ، ڍولئه تڻ پرتار،
ايڪڻ مندر رنگ رمئه، ڪي جوڙي ڪرتار!

قادر جي قدرت، مالوڻي ۽ مارئي، ٽن جو پاڻ منجهه، ماکيءَ ۽ مصريءَ کان به وڌيڪ ميناج!

اِها اَٿو پريم ڪهاڻي هنن ٽن پريمين جي، جنهن مها ڪوين کي اُتساهيو. ڪهاڻيءَ جي وچتر شڪتي هٿي پاڻ پات، جنهن ڪرتار جا مڙيئي ڪم پنهنجن هٿن سان پورا ڪيا. پر، جس هجي هن ڪرهي کي جنهن سدائين پي سيني کي سرهو ڪيو، جنهن پاڻتي وهائي، ٻين جي پي واهر ڪئي. سنڌ، راجستان، گجرات، پنجاب ۽ ٻين ديسن جي انيڪ چارڻن، ڀٽن، جاجڪن ۽ مڱڻهارن، اِها پريم ڪهاڻي، پنهنجن ڌوهن ۾ سانڍي رکي ته هن ئي اڄ اسين به منجهانئس آنند پرائي سگهون ٿا. اِهي ڍولا-مارو دوها آهن جن ڪبير، ميران، سورداس ۽ ٻين ڪوين کي اِلهام ڏنو. اِهي دوها آهن جن اسانجي شاهاڻي شاهه جي قلم کي گهڻي ڪرامت بخشي.

آنند اَت، اُچاهه اَت، نرور ماهه ڍول،
سنبهي ليطان-لٽان، ڪلجگ رهيا بول.

هيءَ، سچن پريمين جي وارتا، هن ڪلجگ ۾، آنند پرپڻ ڪاڻ رهجي ويئي آهي! (٣٠٢-٣٠٩)

ڀومڪا

دوهن جي چونڊ

ڍولا - مارو دوها، مڙيئي ٻه هزار کن ٿيندا. رڳو ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا وارن ئي اٽڪل هڪ هزار دوها گڏ ڪري ڇپايا آهن. هن ڪتاب ۾ ٣٠٩ دوها چونڊي درج ڪيا ويا آهن. چونڊ، هيٺين ڳالهين جي مدنظر ڪيل آهي:-

١. **مول ڪهاڻي:** ڍولا - مارو ڪهاڻي، مارئيءَ جي سپني کان وٺي شروع ٿئي ٿي. دوهن جي چونڊ ۽ سندن پربنڌ، مول ڪهاڻيءَ پٽاندڙ، سلسلي وار ڪيل آهي، جئن فقط دوهن ۽ سندن ارٿ پڙهندي ٻه، ڪهاڻيءَ جا مکيه واقعا سڀيئي نظر آڏو هلندا هلن.

٢. **شاعري لياقت:** چونڊ ڪندي، اعليٰ درجي جي شاعري لياقت وارو ڪو ٻه دوهو ڇڏيو نه ويو آهي. هن ڪتاب ۾ درج ڪيل دوها شاعري تصور، شبد سوڀيا، سلاست ۽ ٻين مڙني شاعري خاصيتن سان ڀرپور آهن. شعر جي مکيه مراد آهي دليون شاد ڪرڻ؛ چونڊيل دوها ور ور پڙهڻ سان منجهائن نت نئون لطف اچي ٿو. منجهن سينگار رس (پريم ڀاءُ)، ڪروڻ رس (سوز) ۽ هاس رس (مذاق) سمايل آهن. منجهن اپما (تشبيهه)، روپڪ (اِستعاره) ۽ ٻين انيڪ النڪارن جو اِستعمال، نهايت ڪاريگريءَ سان ڪيل آهي. هنن دوهن، جو، اسانجي ڀڳتي مارگ وارن ڪوين جهڙوڪ ڪبير، سورداس ۽ ميران کي اُتساهيو ۽ سنڌي ڪلام جي ڪامل شاهه عبداللطيف تي بيحد پرڀاءُ وڌو، اهو ئي سندن بلنديءَ جو ڪافي ثبوت آهي.

اِها عالم آشڪار ڳالهه آهي ته شاهه جو ڪيترو ئي ڪلام ڪنهن به رسالي ۾ درج ٿيل نه آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي جو پهريون جلد جنهن منجهه مٿيون مقدمه درج ٿيل آهي، سو سن ١٩٢٣ع ۾ ظاهر ٿيو. سن ١٩٣٤ع ۾، ڊاڪٽر دائود پوٽي، پنهنجي ڪتاب ”سرها گل“ جي تمهيد ۾، شاهه جي بيتن جا ڪي مثال ڏنا هئا جي ”ڇاپي جي منهن نه آيا آهن ۽ نڪي عام طور مشهور آهن.“ سنڌ ۾ هئاسون ته مڱڻهارن ۽ ٻين جي واتان، شاهه جا ڪيترائي ”عام طور مشهور“ بيت ٻڌا هئا جي ”ڇاپي جي منهن نه آيا آهن.“

سر ڍول مارئيءَ وارا بيت، سيئي يا سچا انهيءَ ٻوليءَ ۾ نه آهن جنهنکي ڊاڪٽر گربخشاڻي ”ڍ ٽڪي“ سڏيو آهي. پڙهڻ سان ئي ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪي بيت سچا سنڌيءَ ۾ آهن، ڪن بيتن جون سڄيون يا اڌوريون مصرعون سنڌيءَ ۾ آهن ۽ ڪي ٿورا بيت يا مصرعون ئي انهيءَ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آهن. دوهن جي چونڊ ڪندي، هن ڪتاب ۾ اهي مڙيئي دوها وڌا ويا آهن، جن سان، سر ڍول مارئيءَ وارا بيت گهٽ يا وڌ مشابهت رکن ٿا ۽ انهن بيتن جا حوالا مناسب هنڌن تي ڏنا ويا آهن. پڙهندڙ ڀيٽ ڪري پاڻ ڏسن ته جنسي دوهن کي ڪيتري قدر مروٽي سروٽي، گڏي سڏي، گهٽ يا وڌ اُٿلو ڪري، اِهي بيت جوڙيا ويا آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا ٻئي مٿيان دليل ڪيتري قدر وزنائتا آهن، اهو، پڙهندڙ پاڻ سمجهي سگهن ٿا پر سر ڍول مارئيءَ وارا بيت، تنهي ماڪيءَ بابت رايو هيءُ ٿي سگهي ٿو ته، جنهن صورت ۾، شاهه جي ڪيترن ئي بيتن ۾، ڍولا ۽ مارو دوهن جي ڌارا آهي ئي آهي، تنهن صورت ۾، سر ڍول مارئيءَ وارا بيت شايد شاهه جي وقت ۾ ئي، ڪنهن ڪچي ڪاتب ٺهي ڇڏيا هجن، پر آخر تائين شاهه

٣. ٻولي: چونڊيل دوهن مان گهڻن جي ٻولي اسانجي سنڌيءَ کي بلڪل ويجهي آهي ۽ ٻئي طرف، ڪي ٿورا دوها آهن جنجي ٻولي هندي ٻوليءَ کي ويجهي آهي. انهيءَ سبب ڪري، عام سنڌين کي، چونڊيل دوهن پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪا بہ ڪٺنائي درپيش نہ ايندي.

٤. شاهہ لطيف: ڍولا - مارو ڪهاڻي ٻرابر هڪ اعليٰ درجي جي پريم ڪهاڻي آهي، پر هن ڪتاب تيار ڪرڻ جي مکيہ مراد آهي، اهو ڏيکارڻ تہ ڍولا - مارو دوهن جو، شاهہ جي مضمون توڙي عبارت تي چڱو چوکو اثر پيل آهي. اهڙا دوها جنجي مضمون ۽ عبارت سان، شاهہ جي مضمون ۽ عبارت جي ارادتي يا اتفاقي مشابهت آهي، سي سمورا چونڊيا ويا آهن ۽ مناسب هنڌن تي، شاهہ جي رسالي مان ڳچ جيترا حوالا ڏنا ويا آهن. چونڊ ڪرڻ وقت، اهو پڻ ڌيان ۾ رکيو ويو آهي تہ دوهن جو اثر ڪبير، سورداس ۽ ميران ٻائيءَ تي پڻ پيل آهي ۽ نہ تہ رڳو اسانجي شاهہ تي ئي. انهي لاءِ تہ پڙهندڙ محسوس ڪن تہ ذڪر ڪيل ڀارتي ڪوين ڪهڙيءَ ريت، دوهن جو مضمون ۽ عبارت، پنهنجين ڪوتائن منجهہ استعمال ڪيو آهي، سو، منجهائن ڪي ٿورا حوالا پڻ ڏنا ويا آهن. ٻن دوهن جي مضمون ۽ عبارت جي مشابهت، سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي بيتن سان بہ ڏني ويئي آهي، تنهنڪري اُهي پڻ درج ڪيا ويا آهن.

٥. سر ڍول - مارئي: شاهہ جي رسالي جي شروعاتي ڇاپن ۾ "سر ڍول مارئي" ورتل آهي، پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي مقدمہ (صفحہ ١٦٦-١٦٧) ۾ ڄاڻايو آهي تہ انهيءَ سر وارا بيت شاهہ جو ڪلام نہ آهن. سبب بہ ڏنا اٿس: هڪڙو تہ اهي بيت ڀٽ شاهہ واري قلمي نسخي ۾ درج ٿيل نہ آهن ۽ ٻيو تہ سندن ٻولي ڍلڪي آهي.

دوهن جڙڻ جو سمو

ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا وارن، سنه ١٩٣٦ع ۾،
ڍولا - مارو دوها' نالي هڪ عالماڻو ڪتاب ڇپائي پڌرو
ڪيو هو جو ويڇڙائيءَ ۾، ٽئين ڇاپي هيٺ آيو آهي. ڪتاب
جا سمپادڪ ٽيئي وڏا ودوان هئا، جن کوجنائون ڪري،
ڪاريو آهي ته ڍولا - مارو ڪهاڻي سنه ١٠٠٠ع جي آس پاس
ي آهي ۽ ڍولا - مارو دوها گهڻو ڪري سيئي عيسوي
رهين صديءَ جي اندر اندر جا جوڙيل آهن. ڪي ٿورا دوها
وءِ جا رچيل آهن پر اُهي به، ڪنهن به صورت ۾، چوڏهينءَ
صديءَ کان پوءِ جا جوڙيل نه آهن. دوهن جا قلمي نسخا،
ود پور، بيڪانير، جيسلمير، جيپور وغيره جي راجائن،
ستائن ۾ ٻين وٽ محفوظ آهن. جهوني ۾ جهونو قلمي نسخو
عيسوي سورهين صديءَ جو آهي. انهيءَ وقت کان گهڻو
ڳي، جيسلمير جو هڪ ڪوي نالي 'ڪشلاب' هوندو هو
نهن جي ور، ڍولا - مارو دوها چڙهيا هئا، جن بابت
ڪشلاب پاڻ ظاهر ڪيو هو ته اُهي تمام پراچين هئا. ڪشلاب
هي دوها ڪٺي، تن ۾ پنهنجون جوڙيل چوپايون گڏي،
ولا - مارو وارتا، سلسلي وار جوڙي. انهن پراچين دوهنءَ
چوپاين جو هڪ قلمي نسخو جو بيڪانير ۾ محفوظ آهي سو
سنه ١٦٤٤ع جي آس پاس جو آهي، پر ڪشلاب جو پاڻ پنهنجي
قت ۾ ظاهر ڪيو هو ته اِهي دوها تمام پراڻا هئا، تنهن
ان ئي ثابت آهي ته اُهي، ٻيو نه ته به، چوڏهين صديءَ
ي اندر اندر ضرور جڙي چڪا هوندا. ڪنهن به صورت ۾،
ڪ ڳالهه ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪين آهي ته ڍولا - مارو
وهن جا ڪيترائي قلمي نسخا، شاهه جي جنم کان گهڻو اڳ
ا آهن.

ڪنهن جوڙيا؟

ڍولا - مارو دوها ڪنهن به ڄاڻايل ڪويءَ جا جوڙيل

ڪي موقعو نہ مليو هجي جو ڪين پنهنجو لياقتي لباس پهرائي
سگهي ۽ اُئين جو اُئين رهجي ويا هجن.

سر ڍول مارئيءَ جي هڪ وائيءَ خاص ڏيان لهڻو:-

مليو مارُو مونکي، حيلن حالن سان مليو،
چوڪي چاري ڪيپرا، بينا وانُون جهليو،
ساري سيپرين ڪي، جيرو منهنجو جليو،
گهر جو محرم منگتو، درد پيتم پليو،
ڪوڙين بانيڻ ڪيترا، وجهن ڪڍن ڪليو،
نڪريو نرور سيرئين، راجا رنمل رليو.

پهرينءَ مصرع ۾ 'مارُو' لفظ جنس عام ۾ سمجهڻ گهرجي
چو تہ ڍولا- مارُو ڪهاڻي ۽ دوهن ۾ 'مارُو' معنيٰ 'مارئي
آهي. پوئينءَ مصرع ۾ 'رنمل' لفظ ڪتب آندل آهي پر
ڍولا- مارُو ڪهاڻيءَ ۾ رنمل نالي ڪنهن بہ راجا جو ذڪر
آيل نہ آهي ۽ نہ وري 'رنمل' جي نالي وارو ڪو هندو ٿي
آهي. درست لفظ ٿيندو 'رڻمهہ' يعني 'رڻ ڏي'، 'ٿر ڏي
۽ مصرع جو اَرٿ ٿيندو: "راجا (ڍولا) نرور جي گلين مان
نڪري ٿر ڏي روانو ٿيو."

٦. سر بيراڳہ هندي: شاهہ جي رسالي جي اَوائلي
ڇاپن ۾ 'سر بيراڳہ هندي' پڻ درج ٿيل آهي، جنهن ۾ گڏيل
سڏيل دوها وغيره آهن. اُنهن منجهہ بہ ڪي بيت آهن جي
ڦيرايل ڍولا- مارُو دوها آهن. اُهي بيت، اُنهيءَ روپ ۾
پارس جي ڪنهن بہ ٻئي ڪويءَ جا جوڙيل نہ آهن. ٿي
سگهي ٿو تہ جئن ڪبير ڪيترا ڍولا- مارُو دوها، هڪ
لفظ ڦيرائي، پاڻ چيا آهن، تئن شاهہ بہ سر بيراڳہ هنديءَ
درج ٿيل ڍولا- مارُو دوها اُنهيءَ روپ ۾ چيا هجن. اهڙن
بيتن جا حوالا مناسب هنڌن تي ڏنا ويا آهن.

ٻ دؤر ڇهون: قديمي پراڪرت يا پالي ۽ پوءِ جي پراڪرت.
”سنسڪرت کي جهڙو پالي ٻولي وڃهي آهي، تهڙو ٻي
ڪا به پراڪرت ٻولي وڃهي ڪانهي.“ (ڀيرو مل). عام طرح
ائين چوڻ ۾ ايندو آهي ته سنسڪرت بگڙجي پالي بڻي ۽
پالي بگڙجي پراڪرت بڻي. سمي پڻ، ”هندستان جي جدا جدا
ڀاڱن ۾، پراڪرت ٻوليءَ پنهنجي پنهنجي نموني واڌارو ڪيو،
جنهن ڪري اُنجا گهڻا نمونا ٿيا.“ (ڀيرو مل) اُنهن پراڪرت
جي نمونن مان ’شؤرسيني‘ پراڪرت جو اسان سان وڌيڪ
واسطو آهي. ”تاريخي حقيقت آهي ته پنجاب، گجرات،
راجپوتانا ۽ سنڌ جي حڪومت آيامن ڪان گڏيل هئي ۽
نهيءَ ڪري انهن سڀني هنڌ شؤرسيني پراڪرت چالو
هئي.“ (ڀيرو مل)

٣. اَپڀرنش: پراڪرت ٻوليون بگڙنديون ويون ۽ انهن
بگڙيل پراڪرت ٻولين کي ’اَپڀرنش‘ ٻوليون چوندا هئا. ’اَپڀرنش‘
معنيٰ آهي ’اَڀيرن‘ يا مالدارن جي بگڙيل ٻولي. هندستان
جي جدا جدا ڀاڱن ۾، پراڪرت ٻولي پنهنجي پنهنجي نموني
۾ بگڙجي، جدا جدا نموني جي اَپڀرنش بڻي. ڪاشي ناگري
پرچارڻي سڀا وارن، ’ڍولا - مارؤ دوها‘ نالي ڪتاب ۾،
ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ”اَپڀرنش جو مکيه اَستان راجستان،
مالوا، گجرات، سنڌ ۽ اولهه پنجاب هوا. آرنڀ ۾ سنڌ س
وڪاس اَوس اِلي ٿي ٿيو ۽ ڌيري ڌيري ساري ڀارت ۾
سنڌس ڦهلاءُ ٿيو. پرانت پرانت جا ڀيد منجهس اَوس ٿيندا
يا پر اهڙو ويڇو ڪين هو جو هڪڙي پرانت وارا ٻئي پرانت
وارن جي ٻولي سمجهڻ ۾ ڪا به ڪٺنائي محسوس ڪن.“
مارڪنڊيه نالي هڪ وڏيا ڪرڻ جو چوڻ آهي ته سنڌ جي
اپڀرنش وڌيڪ بگڙيل هئي تنهنڪري کيس چوندا هئا
’وراچڊ‘ اَپڀرنش، يعني گهڻو بگڙيل اَپڀرنش. پر ايترو ثابت

نه آهن. ڪنهن هڪ دوهي جي مالڪيءَ بابت به ساه
جي اِتهاس ۾ صفائي ٿيل نه آهي؛ اُلٽو، ادب جي سي
تواريخ نويسن جي متفق راءِ آهي ته دوها، راجستان، گجرا
ڪاٺياواڙ، ڪڇ، سنڌ، اولهه پنجاب وغيره جي گهومو ي
جاجڪن، ڀاٽن، مڱڻهارن وغيره جا جوڙيل آهن. دوهن ج
ٻولي به اهڙي ساک تي پري.

دوهن جي ٻولي

هن وشيه، اسان سنڌين جو خاص ڌيان لهڻو، ڇاڪاڻ
ڏسجي ائين پيو ته اُن وقت جي سنڌي ٻولي، ڪيترن
دوهن جي ٻوليءَ کان گهڻو نرالي ڪانه هئي. انيڪ عالم
ڪتاب آهن، جن مان، هن وشيه لي اٿاهه سامگري ملي سگه
ٿي. سرڳواسي ڀيرومل، گهڻن ئي ڪتابن جو لکت، پنهنج
شاهڪار "سنڌي ٻوليءَ جي تواريخ" ۾ ڏنو آهي، پر هند
ڪتاب هن سلسلي ۾ وڏا ڪارگر آهن. محدود وچون
سبب، هتي، تمام سرسري رهت، اِهو ڏيکارجي ٿو ته آڳاٽ
سمي کان وٺي، ويندي دوهن جي سمي کان ڪجهه وقت پ
تائين، سنڌ ۽ اولهه راجستان جي ٻولي لڳ ڀڳ ساڳي هئي

١. **سنسڪرت**: ٻڌهي هند، اول اول سنسڪرت چا
هئي. سنسڪرت ڀاشا ٽن دورن مان لنگهي: پراچين
ويدڪ دور، وچولو يا سوترن وارو دور ۽ آخرين يا پراڪ
دور. "حقيقتون، اڄ ڪلهه سنسڪرت سڏبو ئي اِنهيءَ آخر
درجي واريءَ سنسڪرت (Classical Sanskrit) کي آه
۽ اِها ئي هن وقت سڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچ
ٿي." (ڀيرومل)

٢. **پراڪرت**: سنڌ توڙي اولهه راجستان، ٻڌهي هند
۽ گهڻو ڪري سموري هندستان ۾، سنسڪرت وانگيان
بعد ۾، ساڳي پراڪرت چالو هئي. پراڪرت جا ٿلهي ليڪ

يارهين صديءَ ۾ شروع ٿي پر پوءِ ٻه، گهٽ ۾ گهٽ ٻه صديون، سنڌ ۽ اولهه راجستان جي لوڪن جي وهنوار ڀاشا ۾ گهڻو ڦيرو ڪين آيو. حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهڻو ڦيرو آيو پر انهيءَ جو لوڪ ڀاشا تي اثر خير ڪو پيو. حڪومتي ٻوليءَ بنسبت، سنڌ جون حالتون نراليون هيون. سنڌ ۾ عرب اٺينءَ صديءَ ۾ آيا ۽ پوءِ پٺاڻ ۽ مغل آيا، جنهنڪري سرڪاري ٻوليون عربي ۽ (اُن بعد) فارسي ٿيون. ڪن سنڌي عالمن عربي ۽ فارسيءَ ۾ ادبي ماهرت حاصل ڪئي پر عام خلق جي ٻولي سنڌي ٻولي ئي هلندي آئي جا اُن وقت جي اولهه راجستانيءَ کان گهڻي علحدي ڪانه هئي. ڪي صديون پوءِ به هاڻوڪيءَ سنڌ جي ڪجهه حصي جو راجستان سان سياسي ناتو ۽ سموريءَ سنڌ جو راجستان سان ڀڳتي ناتو هلندو آيو. شعر جي لحاظ کان اهو زمانو ”چارڻي لوڪ گيت“ جو زمانو سڏجي ٿو، جنهنکي انگريزيءَ ۾ ”Ministrelcy Ballad Age“ چئجي ٿو. چارڻ، ڀٽ، جاجڪ وغيره، اپڀرنش جي زماني کانپوءِ به، گهڻي عرصي تائين، سنڌ، مارواڙ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ وغيره جا ساڳيائي هئا. اهي گهومُو ڪوي هڪ هنڌ تر پائي ڪين ويٺا هوندا هئا. انهن گهومُو ڪوين کي اهو اونو ڪين هئو ته سندن ڪوتائون تحرير هيٺ اچن ۽ منجهانئن ڪتاب جڙن. انهي عرصي ۾، جيڪو به شعر جڙيو سو اول اول انهن گهومُو ڪوين جي وات ۾ ئي هئو ۽ وڏا چون، ننڍا ٻڌي ياد ڪن، ائين پيڙهيءَ به پيڙهيءَ هلندو آيو. پر اهو شعر، سنڌي ساهتيه جو به اهڙو ئي حصو هو جهڙو راجستاني ساهتيه جو ڍولا- مارُو دوها، اپڀرنش جي آخرين وقت ۾ جڙڻ شروع ٿيا ۽ ديس ڀاشائن جڙڻ جي شروعاتي دؤر اندر گهڻو ڪري سيئي ڍولا- مارو دوها جوڙيا ويا، جنهن سموري عرصي ۾ دوهن جي

آهي ته مارڪٽڊيءَ جيڪي خاصيتون سنڌ جي وراچڊ اَپڀرنش
بابت ذڪر ڪيون آهن، سي خاصيتون اولهه راجستان واري
اَپڀرنش ۾ به آهن، جنهن ڪري اِهو خاطريءَ سان چئي
سگهجي ٿو ته اولهه راجستان توڙي سنڌ ۾ ساڳي وراچڊ
اَپڀرنش چالو هئي. وراچڊ اَپڀرنش جون ڪجهڙيون خاصيتون
آهن، اُن لاءِ پڙهندڙ سرڳواسي ڀيرومل جي شاهڪار 'سنڌي
ٻوليءَ جي تاريخ' نظر مان ڪڍي سگهن ٿا. اَپڀرنش جو زمانو
اٽڪل ڇهين عيسوي صديءَ کان ٻارهين صديءَ جي شروعات
تائين هو، تنهنڪري مٿين حقيقتن جي مدنظر، سنڌ ۽ اولهه
راجستان جي ٻولي، ٻارهين صديءَ جي شروع تائين هڪ
جهڙي هئي، سواءِ ضروري مڪاني ڀيدن جي.
اوائلي اپڀرنش جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:-
" ڀلا هئا جه ماريا، ڀهڻ مهارا ڪنت،
لجيجن ته ويسئهن، جئه ڀگا گهر اَنت."
اَرٿ: "ڀلو ٿيو جو ماريو، ڀيڻ! منهنجو ڪانڌ. لڄي ٿيان
ته ٻين سان، جي ڀڄي گهر اچي ها." هيءُ دوهو، سرڪيڏاري
۾، هيٺئين روپ ۾ اچي پهتو آهي:-
"ڀڳو آءِ نه چوان، ماريو تـــ وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا سيڪيندي سنهان،
ته پڻ لڄ مران، جي هوُنس پٺ ۾."
يعني- مارُو دوهن جي ٻوليءَ ۾ اپڀرنش جا گهڻيئي
اهڃاڻ آهن.

۴. ديس ڀاشائون: اَپڀرنش منجهان، جدا جدا
ديس- ڀاشائون جهڙوڪ سنڌي، راجستاني، گجراتي
هندي، وغيره ڄڄي ڌار ٿيون. اِها جدائي عيسوي

مان نرنئہ تئي ٿو تہ، شاھہ ڪماليت جو صاحب ھو ۽ ھن پنھنجي ڪرامتي قلم سان، جڻ تہ جادوءَ جي لڪڙيءَ سان، ڪن دوھن کي پنھنجو لياقتي لباس پھرايو آھي ۽ پوءِ "ھٿندڙ سندا ھٿڙا"، تن اِنھي ساڳئي ساز مان، نوان نوان، غذب جا، اُھي سر ويھي ڪڍيا آھن جو، سندس ڪنھن ھڪ بيت تي بہ "سرقہ" جي ملامت ھڻڻ عبث ٿي لڳي. شاعر جيڪڏھن آس پاس جي روحاني ذارائن کي، پنھنجي شعر ۾ جذب ٿو ڪري تہ اھڙين اُپٽين کي "ھڙپ ڪيل" ٺھرائڻ سراسر ناداني ٿيندي. انگلنڊ جو نڌان مھاڪوي ۽ نٽيہ شاستري شيڪسپيئر، ٺھنجو ئي جن ايپاس ڪيو آھي، سي اِھا ساکہ پرپندا تہ، سندس رچنائن ۾، سندس وقت جي اڳہ وارن انيڪ ڪوين ۽ ساھتڪارن جي رچنائن جو مضمون ۽ عبارت جذب ڪيل آھي. شاھہ جي لفظن ۾، اعليٰ ڪويءَ، جنھن نموني ۾، اڳيون ذارائون جذب ٿو ڪري، سو ھينئن آھي:-

"پڇائي پھاڻ، جن رسائڻو رڪ کي،
تنين سندو جاڻ، آھي آڳرين کي؛"

ٿين ڳالھہ پڙھندڙ، اِھا محسوس ڪن تہ جئن شاھہ جي شعر ۾ ڍولا-مارو دوھن جي ذارا آھي، تئن پارت ڪوين جي ڪيترن ئي دوھن جي، ڪتي گھٽي، وڌيڪ، ڍولا-مارو دوھن سان مشابھت آھي. ھن سلسلي ۾، اسان کي اھو ويچارڻ گھرجي تہ جيڪڏھن ڍولا-مارو دوھن ڪان ھڪ بہ لفظ قريل دوھا، ڪبير جا دوھا چئي سگھجن ٿا، جيڪڏھن سارو جھان ڪين ڪبير جو شعر چوي ٿو تہ پوءِ ڇو ڪين، سر بيراڳہ ھنديءَ ۾، جيڪي ڍولا-مارو دوھا، ڪجھہ قريل روپ ۾، درج ڪيا ويا آھن، سي بہ شاھہ جو ڪلام ڪري ڄاڻجن؟ پڙھندڙن کي ھينيان سن

ٻولي سنڌ جي ٻوليءَ کان علحدي ڪانه هئي ڍولا-مارو دوهن تي اسان سنڌين جو اوتروئي حق ۽ اڌڪار آهي جيترو راجستانين جو. انهي حق ۽ اُڌڪار کان جو اسين محروم ڪيا ويا آيون سو انهيءَ ڪري جو غربن جي اچڻ بعد، اسان وٽان ديوناگري لپي نه غائب ٿي وئي پر ڪيترين صديون پوءِ ٿائين، اسانکي ماڳهن ڪا به لپي ڪانه هئي. ٻئي طرف، دوها وغيره قلمبند ٿيا فقط راجستان ۾ ۽ ديوناگري لپيءَ ۾، جنهن کان اسين سنڌي اُجاڻ رهندا آياسين. انهيءَ لپيءَ جي رڪاوٽ سبب، اسين پنهنجي شعر جي اصل نسل کان غيرواقف رهندا آياسين ۽ پوءِ پي چيوسين ته اُسانجي شعر جي اتهاس تي لت چڙهي وئي هئي!

دوها ۽ شاهه لطيف

ڍولا-مارو دوهن سان گڏ، شاهه جي رسالي مان حوالا هيٺين ويچارن جي مدنظر چونڊي ڏنا ويا آهن:-

پهريون ته پڙهندڙ پاڻ پيٽ ڪن ته دوهن جو اثر، شاهه جي شعر تي ڪيتري قدر پيل آهي. شاهه جو شعر هڪ مهاساگر آهي ۽ ممڪن آهي ته جيڪي حوالا هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن، تن کان وڌيڪ به شاهه جو شعر گهڻو هجي جو ڍولا-مارو دوهن سان مشابهت رکندڙ هجي؛

ٻيو ته پڙهندڙ اهو محسوس ڪن ته شاهه دوهن جو فقط اکري ترجمو يا اُلٿو ڪين ڪيو آهي. ساوڻ وارا دوها، ڪونجڙين وارا دوها، "آڏا ڏونگر" وارا دوها، "پانڊبن" وارا دوها، "ڍاڻي ڍول" وارا دوها ۽ ٻيا به ڪيترا دوها تنجو مضمون ۽ عبارت برابر شاهه سان سم-ملت آهي پر اهو چوڻ سراسر غلط ٿيندو ته شاهه "سرقه" يا "شبد چوري" (Plagiarism) ڪئي آهي. شاهه جي ڪيترنئي ڏنلن حوالن

اصلوڪا لفظ، جئن سنڌيءَ ۾ آيل آهن، تئن ئي ڏنا ويا آهن. انهيءَ ويچار کان ته هرڪو ڏسي سگهي ته برابر دوهن جي ٻولي سنڌيءَ کي گهڻو ويجهي آهي.

دوهن جو نظم

راجستاني ڇند وديا ۾، دوها ڇهن قسمن جا آهن. گهڻا ئي ولا - مارو دوها، مختلف قلمي نسخن ۾، ساڳيائي، انهن ڇهن ئي روپن ۾ جاتايل آهن.

هن ڪتاب جو ڀيرون دوهو ٺهنجا، قلمي نسخن ۾ اهي چارئي روپ آهن، جي هن ريت آهن:-

١- مانڻ ڏوئي هيٺ، اُڀي سورج سامهين،
تاتهن اُپني پيٺ، موهڻ ويلي مارئي؛

هن جو قافيو ٻنهين مصرعن جي وچ ۾ آهي. اهڙي ڇند کي "سورٺا" چوندا آهن جو ته سنڌس رواج اول اول سؤراشٽر ۾ پيو. سورٺا دوها راجستان ۾ اهڙو ته لوڪ پريه آهي جو مٿس هيٺيان ٻه دوها جوڙيل آهن:-

سورٺيو دوهو ڀلو، ڀلي مارو ڻي ٻات،
جوبن ڇائي ڌڻ ڀلي، تاران ڇائي رات؛
سورٺيو دوهو ڀلو، ڪپڙو ڀلو سپيت،
ناڪريو داتا ڀلو، گهڙلو ڀلو ڪميت.

(ڌڻ=استري. سپيت=اڇو. داتا=ڏاتار. گهڙلو=گهوڙو، ڪميت=رنگ)

٢- اُڀي سورج سامهين، مانڻ ڏوئي هيٺ،
موهڻ ويلي مارئي، تانهه اُپني پيٺ؛

هن جو قافيو، ٻنهين مصرعن جي آخر ۾ آهي، هيءُ ڇند ئڙ دوها جو مثال آهي.

ڏيان ۾ رکي، ڍولا- مارو دوهن جي اثر بابت، سموريون حقيقتون ويچارڻ گهرجن:-

١- ڍولا- مارو دوها	١٣٠٠ع کان اڳ
٢- ڪبير	١٤٠٠ع کان ١٥١٨ع
٣- سُورداس	١٤٨٤ع کان ؟
٤- ميران بائي	١٥٢٧ع کان ١٦٣٠ع
٥- شاه لطيف	١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع؛

شاه جا حوالا پڙهندي، ڇوٿين ڳالهه جيڪا ظاهر ٿئي ٿي سا هيءَ آهي ته ڍولا- مارُو دوهن جي اثر هيٺ آيل ڪلام کانسواءِ، شاه جو ٻيو شعر اُتاهه آهي. البت، ميران بائي جي "پداولي" جو اڀياس ڪندي ڏٺو ويو آهي ته منجهس ڪي شبد "جوڳين" بابت آهن جن سان شاه جي سر رامڪليءَ وارا ڪي بيت ملي اچن ٿا؛ ۽ ڪي تڪون "ويڄن"، "پتنگن" ۽ "سُوريءَ" بنسبت آهن جن سان وري شاه جي سر يمن ڪلياڻ وارا ڪي بيت ملي اچن ٿا.

ساڳيءَ طرح ملڪ محمد جائسي (اٽڪل ١٥٠٠ع) جي شعر، راجستان ۾ سلامت رکيل جهوُنن قلمي ڪتابن ۽ پراچين راجستاني دوهن ۾ به ڪيترائي شعر اهڙا آهن جنجو پرپاءُ شاه جي شعر تي ضرور پيل آهي؛ پر جئن ته هيءُ ڪتاب ڍولا- مارُو دوهن بنسبت ئي آهي، تنهنڪري، شاه جي شعر ۾ ٻيون جيڪي ڌارائون آيل آهن تنجو ذڪر هتي ڪرڻ مناسب نه آهي. مکيه ڳالهه هيءَ آهي ته ٻاهريون اثر شاه تي ڪيڏو به پيل هجي پر هوُ پنهنجي سر، گڻن جو مهاساگر آهي.

"سچڻ! گڻي سمندر تون، ترتر ٽڪي ليڻ."

دوهن جو ارٿ

دوهن جو ارٿ ڏيندي، ڪوشش ڪري دوهن وارا

مارئيءَ جو جنم

۱- ماتئه ڏوئي ميت، اُڀي سوُرج ساموهين،
ڏانهن اُپنتي پيٽ، موهڻ- ويلي مارئي.

(مارئيءَ جي ماتا) مٿو ميت سان ڌوئي، سورج ساموهون اُڀي هئي. وار موهيندي (نپوڙي سڪائيندي)، سندس پيٽان مارئي جائي. (موهڻ=موڙڻ، جئن آنو موڙي ڏيڻا جوڙبا آهن: ”جا جـڙ جانوُن نه ڏئي، ڏيا نه موهي“- شاهه)؛ يا پڙهجي: ”موهڻ ويلي مارئي“=موهنلتا وَل جهڙي مارئي.

شاهه: اُڀي سوُرج ساموهين، مٿو پري ميت،
طاس نپني پيٽ، هيم ورني مارئي. (ڍول مارئي)

(’طاس‘ لفظ شاهه جي رسالن ۾، صورتخطيءَ جي غلطيءَ سببان ڏنل ڏسجي ٿو. هونءَ ’طاس‘ معنيٰ آهي قيمخاب يا زاند ڪرڻ جو ٿنو، جنهن معنيٰ سان هيءُ لفظ بيت ۾ ڦهڪي نه ٿو اچي. ٺيڪ گهرجي ”ڌانس“ يا ”ڌانهن“ معنيٰ ڏنهن منجهان. ”موهڻ ويلي“ بدران ”هيم- ورني“ نيڪ آهي. هيم- ورني= برف جي رنگ جي، يعني اڇي.)

ڍولا- مارُو وواهه

۲- نروَر نل راجا ٿئه، ڍولئه ڪنوَر اَنوُپ،
راڻي راءِ پنگل تڻي، ريجهي ديکي روُپ.

نرور جو راجا نل، تنهنجو پٽ ڍولو، انوپ هئو، لاثاني هو. راجا پنگل جي راڻي سندس روپ ڏسي، ريجهي، هرکي ويئي.

٣- ماڻهءَ ڏوڻي هيٺ، اُڀي سورج سامهين،
موهڙ ويلي مارئي، تانهن اڀني ڀيٽ؛

هن جو قافيو ٻنهي سٽ جي آخر ۾، ٻنهي سٽ جي
وچ سان لڳي ٿو ۽ کيس چون "انت ميل دوها." هيل تائين
ائين سمجهبو هو ته هن قسم جو دوهو اول اول سنڌ ۾ قاضي
قاضن (؟-١٥٥١ع) ٺي جوڙيو ۽ راجستاني شعر ۾ هي نمونو
گهڻو اڳي پرچلت هو.

٤- اُڀي سورج سامهين، ماڻهءَ ڏوڻي هيٺ،
تانهه اڀني ڀيٽ، موهڙ ويلي مارئي؛

هن جو قافيو، ٻنهي مصرع جي وچ ۾ لڳي ٿو ۽ کيس
چوندي "مڌيه ميل دوها". هيل تائين ائين سمجهبو هو
هن قسم جو دوهو اول اول سنڌ ۾ سيد عبدالڪريم (س
١٥٣٦ع-١٦٢٢ع) ٺي جوڙيو ۽ راجستاني شعر ۾ هي نمو
به گهڻو اڳي چالو هو.

(نِساس = نهه + سواس = ساهه ٻاهر ڪڍڻ، آهُون.)

شاهه: لوڪ لتاڙي ننڊ ۾، ساڄن سوناٿون (آسا)

٧- اُلنبي سِر هَٿَڙا، چاهندي رس - لَڏَ،
ورهه مها - گَڻ اُمَنڊِئَه، ٿاهه نهالئَه مَڏَ.

سر هٿن تي رکي، اولانبي سان، پريم سان، چاهنا پيئي
ڪري، پريم - رس ۾ مگهن ٿي پيئي آهي. برهه جا وڏا بادل
اُچي مَتيا آهن ۽ منڊ پيئي سندن ٿاهه (ٿري) ۾ نهاري (ته
منجهه لهان، هي ڇا اُچي ٿيو آهي.) گهڻ = گهن = بادل.

شاهه: ١. ٻَريو جهليو روءِ، مهري مٿي هٿڙا (سامونڊي)

٢. جهڙ نيڻنئون نه لهي، ڪڪر هوُن نه هوُن. (سارنگ)

٣. ڪڪر منجهه ڪيار، جهڙ نيڻنئون نه لهي،
اڄ منهنجي چت ۾، اُنا پرين اَپار،
آءُ سڄڻ لهه سار، ورهه ويڙهي آهيان. (رپ)

٨- اُنميئَه اُتر دسئن، مي‍ڏي اُوپر ميهه،
تي ورهڻ ڪِم جيوَسي، جيانرا دوُر سنيهه؟

اتر پار کان، مينهن ٻرجي آيو آهي ۽ مينهن مارُئيءَ مٿي
پيو وسي. سا ورهڻ، برهه واري، ڪئن جيئري رهي جنهنجو
پرين دوُر آهي؟

ڪبير: اُونم آئي بادلي، برسڻ لگي آنگار،
اُٺ ڪبيرا ڏاهه دي، داجهڻ هيءَ سنسار.

شاهه: ١. اُتر واءُ ڪوندي، پهلي موُسم نينهن،
ٻالاپڻ رو نينهن، والا جم وسارئين. (ڍول مارئي)

٢. اُتران تي آئيو، ڪري هڪل هوءِ،
پري تل ترائيون، جوڙي هليو جوءِ. (سارنگ)

٣- پنگل پٽري پدمڻي، مارُوَڻي تنھن نام،
جوڙي جوءِ وچاريئہ، "ڏن وڏاتا ڪام!"

راجا پنگل جي پٽري جهڙي پدمڻي؛ سندس نالو مارئي راڻيءَ، جوڙي ڏسي ويچاريو تہ "وڏاتا! ڏن آهي هيءَ تنهنجو ڪم!" (جوڙيءَ جوڙڻ جو)

۴- ڍولئہ - مارُو پرٽيا، وَر دل هوءِ اُڇاھہ،
آ پوُگل جي پدمڻي، اَءِ نرور چئہ ناھہ.

ڍولاءِ مارُو پرٽيا. سنن ڪلن ۾ گهڻو اُتساھہ ٿيو. هوءَ پوگل ديس جي پدمڻي ۽ هيءُ نرور ديس جو ناٿ. (ور= سنا؛ دل=ڪل، ميڙ؛ اُڇاھہ=اُتساھہ.)

مارئيءَ جو سپنو

۵- هنس - چالڻ، ڪدليئہ جنگهہ، ڪٽ ڪيھر جم ڪيڻ،
مکہ - سسهر، ڪنجر - نيڻ، ڪُچ - شري ڦل، ڪنٺ - وِيڻ.

(مارئيءَ جو) هلڻ هنس جهڙو، جنگهون ڪيوڙي جهڙيون، سنڙون ڪيهر (شينهن) جيان ڏيڻ، مکہ چندرما جهڙو، نيڻ کنجرن جهڙا، ڇاتي شري - ڦل (ناريل) جهڙي ۽ ڪنٺ ويڻ جهڙو (مڌر). (نوٽ: ڪن ساھتڪارن، 'ڪنجر - نيڻ' بدران 'ڪنجن نيڻ' چيو آهي. 'ڪنجن' هڪ جهڙڪيءَ جيڏو پکي آهي جو پنهنجون اکيون ٽڪڙيون چينيندو آهي. سنڌيءَ ۾ انهيءَ پکيءَ کي 'ڪتياڻي' چئبو آهي.)

٦- اِسئہ آراڪئہ مارئي، سوُتي سيج وچاءِ،
سالهہ ڪنور سپنئہ مليئہ، جاگ نساسئہ کاءِ.

ڏهن اهڙا ارڪان هئس، تڏهن مارئي سيج وڇائي ستل هئي. سپنيءَ ۾ سالهہ ڪمار (ڍولا) مليس. آهہ پري جاڳي

شاهہ: ١. اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس. (سارنگ)
٢. اڳڻ آيو تيءُ، نہ ڀولا! ڪنهن ڀ ڱ تيان. "
٣. منجهہ هي مينهن پرين جو، ڪي تن ۾ هوئي تات. "
٤. ساوڻ وسي سر تيون، سڄڻ ساريو مون. "
٥. سر نسرتا پانڌ، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ! سهسين سڪائون ڪيون. (سامونڊي)

١١. سڪئي! سڄڻ وَلها، جنهن اُڻ ڏنا تون،
ڪن ڪن انتر سنپري، نهين وسارءِ تون.

سکيون! منهنجو ولهو سڄڻ، اهو جي اوهين ڏسو تہ ڪن ڪن ۾ پيٿون اندر ۾ سنڀاريوس ۽ ڪيس وساريو ئي ڪين.

شاهہ: ١. آن جي ڏئي جيڏيون، ڀڻهونءِ جي پايوهہ،
سنجهي ۽ صبوح، سوُرن ٿي سڄڪيوُن. (حسيني)
٢. جيڪس ڏنو جيڏئين، ٻاروچو ٻيءِ روءَ،
سنجهي ۽ صبوح، هوُند نہ ويٿن وسري. "
٣. ساهڙ منهنجو سرتيون، جي ڏسو سيبئي،
سمهو ڪين سکہ ئي، ور پاسو ڏيئي. (سهڻي)
٤. جيڪي ڏنو مان، سوجي ڏنو جيڏئين،
گهر ورنئي سان، هوند گهٽن گهوري ڇڏيا. "

١٢. اَمهان من اڇرج پيو، سکيان آکئہ ايم،
تئن اَڻ ڏنا سڄڻان، ڪيوُن ڪر لڳّا پيم؟

سکيون: مارئي! اسانجي من ۾ اڇرج ٿيو آهي تہ تنهنجو اَڻ ڏٺي ساڄن سان پريم ڪيئن لڳو آهي."

١٣. سَسنيهي سمندان پرءِ، وسن هيان منجهار،
ڪُسنيهي گهر آنگڻئہ، جاڻ سمندان پار.

٣۔ اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪر ڪي ڇوڻي،
منداڻتي مينهن جي، ڪنوڻ نہ ڪوڻي،
آءٌ لالن! موڻي، گهور يا رسڻ ڏينهڙا. (سارنگ)

٩۔ اُنمينہ اُتر دسئن، گاجينہ گهُر گنبير.
مارُوئڙي پرءَ سنپرينہ، نيڻين وُٺو نير.

اُتر پار ڪان، مينهن اُماڙو ڏيئي، پرجي آيو آهي. گهر گنيير (ڪڪر) گجڻ لڳا آهن. مارئيءَ پنهنجو پرين سنيارو آهي ۽ نيڻن مان نير وُٺو اٿس.

ميران: اُمڙ گهمڙ ڇهن دس سي آيو، دامن دمڪ جهر للون ڪي
شاهہ: ١. اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري. (سارنگ)

٢. سڄڻ سنيرئام، پيم ڪر ڪيار ۾،
هريا هٿ تيام، نيڻنئون نير وهي. (رب

٣. اکيون اباڻي پار ڏي، بس نہ ڪرن بند،
هئن نہ تين هند، جي ڪر لڌائون ڪڏهين. (مارئي

٤. مون سر وُٺا جيڏيون، ڏکن سندا مينهن. (ساموندي

٥. اکڙيون پرين ري، ٿهہ ٿهہ ڪيو ٿمن. (ڳاڙهوڙي

٦. جهڙ ڦر نہ لاهين، وسن ساوڻ مينهن جئن. (آسا

٧. ساري سپرين ڪي، لڙڪ ڳلن سين پون. (مارئي

١٠۔ اُنمينہ اُتر دسئن، ڪالي ڪنٺل ميه
هوُن پيبجوُن گهر آنگڻينہ، بيُ پيبجي پرديه

اُتر ڏس ڪان، ڪاري ڪنار وارا ڪڪر پرجي اچي وسيا آهن. آءٌ گهر اڱڻ ويٺي پچان، پرين پرديس ۾ پيو پسي.

ميران: ڪالي پيلي بدريا ۾ بجلي چمڪي،
ميگهہ گهٽا گهنگهور ڇيءَ جسي.

مينهن لاءِ ورلاپ ڪندو آهي. (آشار = آشا رکندڙ، مينهن
جي = آڪار.)

ميران: ورهه ڀڄاوڻ اُنتر آوو، تپت لڳي تن مانهه.
شاهه: ١. منجهان منهنجي رُوح، جي وڃي ساڄن وسري،
نہ مر لڳي لُوهه، تہ بابيهو تي سران. (سسئي)
٢. ڪامان، ڀچان، ڀڄران، لڇان ۽ لوچان،
تن ہر تونڪس پرين جي، پيان نہ ڏاڀان. (سهڻي)
٣. سوڍا تنهنجي سُور، اندر آڳيون لائيون. (مومل راڻو)
٤. هنيون منجهه حمام، ڪاڙهيو ڪُوري وچ ہر. (آسا)

١٧- بابهئيا، نل-پنکيا! بادن دنہ دنہ لُوڻ،
پيُ ميرا، مُئن پيئہ ڪي، تون پيُ ڪهئہ س ڪوڻ؟

نيرن پرن وارا بابيها! وڏي وڏي، چيري چيري، لُوڻ
و لائينم. پيُ (پرين) منهنجو، مان پيُ جي، تون جو ”پيُ، پيُ“
يو ڪرين سو آهين ڪير؟

ميران: چانچ ڪٽائون پپهيا، اُوپر ڀالون لُوڻ،
پيُ ميرا، مُئن پيُ ڪي، تون پيُ ڪهئہ س ڪوڻ؟
شاهه: جي لوڻ لڳين لائيين، چيري چيري چم. (مارئي)

١٨- بابهئيا، رت-پنکيا! بولئہ مڌري واڻ،
ڪاءِ لونئئہ؟ مات ڪر، پرديسي پرءِ آڻ.

لال پرن وارا پپيها! ڪا وڻندڙ واڻي ٻول. لنو ين ڇو تو؟
مات ڪر؛ تنهنکان وڇي منهنجو پرديسي پرين وٺي اَچ.
ميران: تارا سبد سهاوڻا ري، جو پرو ميلا آج.
شاهه: م لنئُن ڪونجي! مات ڪر، چور م هيين چاڪ. (ڍهر)

١٩- بابهيا! پيُ پيُ م ڪر، پيُ ڪا نام نہ ليهہ،
ڪا اِڪ جاڳهہ ورهڻي، پريہ کهيان جيءِ ديهہ.

مارئي: سچو ساجن سمنڊ کان پري هوندي به سدائين
هنيين اندر تو وسي. جهونو سنيهي گهر اڳڻ هوندي به جڻ
ته سمنڊن جي پار آهي.

شاهه:- ١. ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين (بروو
٢. اسان سڄڻ نيڻن، رهيو آهي روح ۾ (يمن)

١٤- جي جيوڻ جنهان ـ ٽٽا، تنهين مانهه وسنت،
ڏاره دود پيوهري، ٻالڪ ڪم ڪاڍ نت؟

جيڪي جن جو جيا ٻو آهن سي تن جي اندر ۾ ئا وسن
ٻالڪ جو ڪاڄ ٻراٻر ٽيج آهي ۽ سندس جيا ٻو سندس ماتا
آهي ۽ سندس ڪاڄ سندس ماتا اندر آهي؛ تڏهن ئي ٻالڪ
جمندي، ماءُ جي ڇاتيءَ مان ٽيج ڪڍي ٿو.
شاهه: اُو تان ڏوسين گڏ، سڄڻ ساهه پساهه ۾ (ڪلياڻ)

١٥- جب سوئون تب جاگوءِ، جب جاگون تب جاءِ،
مارو ڍولئه سانڀرءِ، اِڻ پر ريڻ وهاءِ.

"جڏهن سمهان تڏهن جاڳائيم ۽ جڏهن جاڳان تڏهن هليو
وڃيم؛" مارو ڍولي کي سنڀاري ٿي ۽ ائين سندس راه
وهامي ٿي.

شاهه ڪريم: سنئي هيڙا گڏ، جان جاڳان تان ناهه پرين.

ٻاٻيها

١٦- هي سکئي! پرديس پري، تنهن نه جاوءِ تاپ،
ٻاٻهيئه آشار جمر، ورهڻ ڪرءِ ولاپ.

هي سکيون! پرين پرديس آهي، سو تن مان تاپ، جوش
هيج، وڃيئي ڪين ٿو. هيءَ ورهڻ، برهه جي ماري، ائين
ٻيئي ورلاپ ڪري جئن ٻاٻيهو (پپيهو) آڪار جي مهني ۾

٢٢- بابهئيا! هُون گهر ڏئڻ، چانب همارو ڳام،
ساري رات پڪاريئه، لئه لئه پيءُ ڪئه نام.
بابيها! آءٌ گهر ڏياڙي آهيان، منهنجو ڳانءُ چڏي وڃ.
ساري رات، پيءُ جو نالو وٺي وٺي پڪاريو اٿيئي!
٢٣. بابهيا! تون چور، ٿاري چانچ ڪٺاوسُون،
رات جه ڏينهي لور، مئن جاڻيئه پري آويئه.
بابيها! تون چور آهين! تنهنجي چهنب ڪٺائينديس.
رات تو جو وٺي لنويو، سو مون نه اٿين ڀانيون ته پرين اچي
ويو آهي!
ميران: چانچ ڪٺائون پپهيا، اوپر ڈالون لوڻ.
٢٤. رات جه سارس ڪرليا، گُونج رهي سب ٿال،
جڻڪي جوڙي بيڇڙي، تڻ ڪا ڪوڻ حوال؟
رات جڏهن هنس پکيءَ ڪرڙيو (ڪرُوڻ يا سوز ڀري
آواز سان لنويو) تڏهن سارو تلاءُ گُونجي رهيو هو. جنهنجي
جوڙي وڇڙي تنهنجو ڪهڙو احوال ڪبو؟
ڪبير: اَنبر ڪنجان ڪرليان، گرج ڀري سب تال،
جن پئه گو ہند بيڇڙي، تن ڪئه ڪوُن حوال.

ڪونجڙيون

٢٥. مارو‌ٺي من رنگه، وائئه تڻ آوي وهئه،
ڪُنجهي ايڪڻ سنگه، ٿال چرنتي ڏنيان.
من (پريم سان) رنگيل، مارُئي تنهن وَقت تان اچي
ڪٿي آهي جتي ڪونجڙين جو وڳر پاڻ سنگ ڪيو تلاءُ تي
ويو چڳي. ڏسين ٿي.
نوٽ: شاه جي سر ڍهر ۾ ڪونجڙين بابت جيڪي

ٻپيها! "پيُ ٻيُ" نه ڪر، ٻيُ جو، ٻرين ۾ جو، نالو نـ
ونت، متان ڪا هڪ ورهڻي جاڳي پوي ۽ تنهنجي "پيُ"
چوڻ جو ٻڌي، جان نه ڏيئي ڇڏي.

ڪبير: ١. ٻپيها! پيُ پيُ پڻو، روهه ڪتئه هياس،
تهه جل مهه پڻ وللهئه، ٻهنو نه پورء آس.
٢. چاتڪ ستهه ٻڙاوهي، آن نير مت ليئه،
مرڪل يهي سپاوهيءَ، سوات-بوند چت ديئه.

ميران: ١. مئن سوتي ٿي اپني ڀون پر، پيه پيه ڪرت پڪاريو
٢. رهو رهو پاپي ٻپيهاري، پيُ ڪو نام نه ليئه،
جو ڪوئي ورهڻ سامهلي، پيُ ڪارڻ جيو ديئه.

سورداس: ري پاپي تون پنک پپيها! پئه پئه اڌ رات پڪاريو

شاهه : پيُ پيُ ڪر نه ٻپيها، پيُ ڪا نام نه لي،
مت ڪو وادي هووي برهه ڪا، جو پيُ سني جيءُ دي
(بيراڳه)

٢٠- بابهيئه نئه ورهڻي، ڏهوان ايڪ سهاوَ،
جبهي برست گهڻ گهڻئه، تبهي ڪهئه 'پريه آوَ'.

بابيهو ۽ ورهڻي، وڇوڙيل، ٻنهين جو هڪجهڙو سياءُ
جڏهن ڪڪر گهڻو وسن تڏهن ٻئي چون "پريه آءُ" ('پياءُ')

ڪبير: اونچي جات ٻپيهرا، پيئي نه نيچا نير،
ڪئه سرپت ڪؤ جانچئي، ڪيءُ دڪ سهي سرير.

٢١- پيهوُ پيهوُ ڪرڻ ري، بري ٻپيها! واڻ،
ٿاري سهج سياوَ او، مهاري لاڳي باڻ.

ٻپيها! تنهنجي اِها "پيهوُ پيهوُ" ڪرڻ جي واڻي بر
آهي. تنهنجي لاءِ نه اِها سهج سياءَ جي ڳالهه آهي پر مونکي
نه باڻ ٿيو ٿي لڳي.

٣٠. اُتر دس اُپرانيان، ڏکڻ ساميهانءِ،
ڪرنجهان ايڪ سنديسڙو، ٻولئه نئه کهيانءِ.

مارئي: ڪرنجهي! اُتر ڏس کي پنئي ڏيئي، ڏکڻ سامهون اُڏامي، وڃي هڪ سنيهو ٻولا کي ڏيئي اچ.

شاهه: اُتر ڏيسان آوٽيان، ڏکڻ سانوٽيانءِ (ٻول مارئي)

٣١. سنڌ پرءِ سوَ جويڻي، ڪِوَيان ويچلِيانءِ،
ٻولئه نرور سيرئين، ڏَڻ پوُگلَ گليانءِ.

سؤ يوجڻن تي سنڌ ۾ وڃون پيئون ڪنون. ٻولو نرور جي سوڙهين گلين ۾ آهي ۽ سنڌس استري پوُگل جي گلين ۾. (جويڻ=يوجن=٨ ميل)

شاهه: ٻولو نرور سيرئين، ڏڻ پکر، ڪريان. (ٻول مارئي)

نوٽ: دوها نمبر ٣٠ جي پهرين تڪ ۽ دوها نمبر ٣١ جي ٻين تڪ ڪٽي، تن کي گڏي، هڪ بيت جوڙي، شاهه جي رسالي جي "سر ٻول مارئي" ۾ وڌل آهي؛ بيت ۾، لفظن کي اهڙو نه مروٽيو ويو آهي جو منجهانئن ڪو مطلب نٿي ڪين ٿو نڪري.

٣٢. ماڻس هوان نه مکه چوان، مهي چاڻ ڪونجهڙيانهه،
پرءِ سنديسئه پانوَس، لکه دي پنکڙيانهه.

ڪوُنج: انسان هجان نه مک سان چوان. مان آهيان ڪونجڙي. پرينءَ کي سنيهو پنڻو اٿيئي نه منهنجي پنکڙين تي لکي ڏي.

٣٣. پانکي پاڻي ٿاهرءِ، جل ڪاجل گهلاءِ،
سيڻا نڻان سنديسڙا، مکه وچن کهواءِ.

مارئي: پنکن تي پاڻي پوندءِ؛ جل، ڪجل (جي مس) کي گهي چڏيندو. سيڻن جا سنيها وات سان چوائبا آهن.

بيت آهن، سي دوها نمبر ٢٥ کان ٣٩ تائين سان پيٽي ڏسو

٢٦. ڪونجڙيان ڪرلائيان، تولي تولي بيس،
مارو ڍولئه سانيري، اُرسون پاڳي اِيس.

ڪونجڙيون، ويهن جا ٽولا ٺاهي ٻيهون ڪريٽرن؛ اِها
بڌي مارئي ڍولا کي سنياري ٿي، ته پاڻ اڪيلي آهي
جڏهن ته ايشور (ايس) ڍولا، چاڙهيءَ کان چڙهائي ڀڳوائس
(اُر = اُرهه = چاڙهي).

شاهه: ڪُونجهان رات ڪريڙنو، ٽولي ٽولي بيس،
ستي ڍول سنيريو، موري اُرلي پاڳي ايس (ڍول مارئي

٢٧. ڪونجهان رات ڪريڙيو، ٽولئه ٻڌس ڪرين،
سارهلي جيوُن سلهيان، سڄڻ منجهه سرير.

ڪونجڙيون ٽولو ٺاهي، رات جو، ڪرڙ جي وٺهه ويهي
ڪريڙيون. اهو ٻڌي سرير ۾ سڄڻ جا سيڙاهيءَ جيان سـ
تيرڻ لڳم.

شاهه: ري سيراهيءَ سـل، مونکي ڏنا سڄڻين (سهڻي

٢٨. ڪونجهان! دويئه ننئه پنکڙي، ٿانڪئه ونئه وهيس؟
ساير لنگهي، پري ملئن، پري مل پاڇي ديس.

ڪونجيون! پنکڙيون نه ڏيوم نه اوهانجو ويس پهري وڃان
ساير (ساگر) لنگهي، پرينءَ کي ملي اَچي واپس ڏيندي سانو.

٢٩. مين ڪرنجهان سرور ـ ٽڏان، پانکان ڪٺهه نه ديس،
پريا سر ديکي رهان، اُڙ آگهير وهيس.

هڪ ڪرڻجهي: مان آهيان سرور، تلاءَ جي ڪُونج؛ پکـ
ڪنهنکي ڪين ڏيسان. پريل تلاءَ ڏسان ته هتي رهان نه
اڏامي اچٽي هلي وڃان، ڏور هلي وڃان (سو مونکي پنکه گهرجن

٣. ڪونجيون تيون ڪڪڙن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اٿن، وڃن واندا ڪنديون. (ڏهر)
٤. چٽي نه اُيي رُوءِ، سنياريو ڪي سڄٽين،
هيءَ جهڃندي جُوءِ، نه آءُ اُڪنڊي آهيان. "

٣٦. چڳئہ، چتارءِ، ٻيي چڳهہ، چڳہ چڳہ چتاريهہ،
ڪرنجهي ٻچا ميلهہ ڪٿن، دُور ٿڪان پاليهہ.

ڪرنجهي چڳي پيٺي (ٻچا) ياد ڪري، وري پيٺي چڳي ۽ چڳي چڳي وري پيٺي ياد ڪرين. ٻچا ڇڏي آئي آهي ته ٻه دور دور لائين پيٺي سندن پالنا جو خيال ڪري.

ڪٻير: چڳئہ، چتارءِ، ٻيي چڳئہ، چڳ چڳ چتاري،
جئسي ٻچ رهـــ ڪنج مــــن، مايا ممتاري.

٣٧. ڊُونگر تيٽان وينت گهر، جل سُون جنمو پريت،
ڪٺهيڻ لکيا ڪنجهڙي، اُڏڙي اِٽهج ريت.

سندن آکيرا ڏونگرن ۾، روهن ۾ (وينت گهر=وڻ لاهڻ جا گهر=آکيڙا) پر جل سان ڪا جنم جي پريت اٿن. ڪونج جو لکيو ڪو اهڙو هو جو انهيءَ ريت روهہ ڇڏي اُڏاٽي.

شاهہ: ١. قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهہ،
ڪنهنجو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾. (ڏهر)
٢. قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن روهہ سندون،
کهڙو ڏوهہ ڏيون، ڪرم قادر هٿ ۾. "
٣. جئن ڪونجون سارين روهہ ڪي، مون تن اندر ليئن. (مارئي)

٣٨. ڪنجهڙيان ڪڙلئہ ڪيئہ، سٽيئہ پنکئہ واءِ،
جيانڪي جوڙي بيڇڙي، تيان نس نيند نہ آءِ.

ڪونجڙين سوز سان لنويو، جو ڪن بين پکين جي پرن جي ڦڙڦڙ ٻڌائون، جيڪي ساٿن جدا ٿي ويا. جن جي جوڙي

٣٤. ٽال چرنتي ڪُونجهڙي، سر سنڌ يئہ ڳمار،
ڪو اِڪ آکر من بسيئہ، اُوڀي پنکہ سمار.

تلاءُ تي چڳندي، ڪنجڙيءَ ڏي ڪنهن ڳنوار ماريءَ تير چٽيو. اهڙي ڪا لکہ من ۾ پيس جو پنهنجا پکن سنڀاري اُتي اُڏاڻي (ءُ اِئين وڳر کان جدا ٿي وئي).

ڪبير: ڪانئي ڪونئي ماڇلي، چونڪي ٿري ڇهور،
ڪوءِ اِڪ آکر مـن بسيا، ڌهہ مٽي پڙي ڀهور.

شاهہ: ١. ڪونج نہ لکيو ڀاڻ، جو ماريءَ سنڌي من ۾، (ڏهر)
اوچتي پريانڻ، وڳر هٽي وڇون ڪيا.
٢. ماري! مرين شال، ڏب وڃنئي ڏييون،
جئن تو اچي ڪالهہ، وڏو وڇ ورهن ڪي. "
٣. ڪونج نہ پسين ڪکہ، ڏب جنهين سين ڏبيو،
ماريءَ ماري مکہ، وڳر هٽي وڇون ڪيا. "
٤. وڳر اُکيري، سر ساربو سُور ڇڏي،
جهري جهڄندي ڏي، سنبها ڪي سڄڻين. "
٥. سر جو سنڌ يو سڄڻين (يمن ڪلياڻ)

٣٥. چيتارنتي چڳنتيان، ڪنجهي رووهيانءَ،
ڏوُرا هنتا ٽئہ پلئہ، جئہ نـہ ميلهہ هيانءَ.

(وڇڙ يلن کي) ياد ڪري پيئي چڳي ءُ ڪنجهي پيئي روئي. ڏوُر هوندي بہ ڪين تڏهن تي پالي سگهي جو ڪين پنهنجي هيين مان ڪين ڪڍي ڇڏيو اٿس.

شاهہ: ١. وڏي وڳر هيرئين، چٽي نہ ٻين ڳڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، وئي وهامي راتڙي. (ڏهر)
٢. چيتا ڪيو چٽيج، ٻداماٽيءَ ٻئـہ ۾،
نيٽين نند ۾ ڏيج، چيڙون چهر آئيون. "

آڏا ڏونگر

۴١. آڏا ڏُونگر، ٻــن گهٽا، ڪـرا پيارا مــتَ،
ڏيهه وڏاڻا پنڪڙيِ، مـل مـل آوَنءَ نتَ.

مون آڏو، سامهون، ڏُونگر آهن ۽ ٻن ۾ گهٽا آهن، پر منهنجو مِٽر ڪرو (ڏاڍو) پيارو آهي، تنهنڪري وڏاڻا! پنڪڙيون ڏينم ته ڪيس نت پيئي ملي اچان.

شاهه: ١. آڏا ڏونگر لڪيون، سُوريون سڄڻ سيل (سسئي)
٢. ڏاڍا ڏونگر ڪرڪرا، ويندو ونگايون سي (ديسي)
٣. ڪررا ڏونگر، ڪهه گهٽي، جت واٽن تي واري (ديسي)

۴٢. آڏا ڏُونگر، ٻيءَ گهٽي، سڄڻُ رهنءَ وديس،
مانگي ٽانگي پنکري، ڪيتي وار لهيس؟

آڏو آهنم ڏونگر؛ ٻيون ۽ ٻه گهٽي آهي. سڄڻ رهيئو پرديس ۾. پنڪڙيون ٻني سٿي ته ڪيترا وار سگهنديس؟

ميران: پانوَ نه چالي، پنٿ ڍهيلو، آڍا اؤگهٽ گهاٽ
ڪها ڪرون ڪڇو بس نهين ميرو، پانکہ نهين اُڏ جاوڻ ڪي

شاهه: ڪرڙا ڏونگر، ڪهه گهٽي، جت جبل گونا گون (ديسي)

۴٣، آڏا ڏُونگر، دُور گهر، وٽڻءَ نه جاٽڻءَ پٽ،
سڄڻ سنڌءِ ڪارڻءَ، هيئڙ هاوُسڙ نت.

آڏو ڏونگر اٿم، (ساجن جو) گهر دور آهي؛ ڪنهن به ريت وڃي نه ٿي سگهان. سڄڻ! تو سندي ڪارڻ، هنيون هلو سيل آهي، هر ڪيل آهي. (پٽ = ريت = پانت)

۴۴. آڏا ڏُونگر، ٻٽن گهٽي، ٽيان مليجڻءَ ايم،
منهون ڪٺهه نه ميلهيڻءَ، چڪوي ڏٽريه جيم.

آڏو ڏونگر آهن؛ ٻون ۽ گهٽي آهي. ڪيس ملڻ جو رستو

وچڙي ٿنکي رات جو ننڊ ئي ڪين اچي. (انون انهيءَ ڪري ٿيون جو هو وڏي وڳر سان هڪڙي ٻي هريل آهن.)

شاهه: ١. وڳر ويا وهي، ڪالهه ٿنهنجا ڪونجڙي،
ڪنديئن ڪوهه رهي، سرهه سارينديءَ سڄڻين. (ڏهر)

٢. وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڻهنئان مٽ گهٽو. "

٣٩. ڪونجهڙيان ڪرلئه ڪيئه، گهرپاڇلي وٽيهه،
سوٽي ساجڻ سنيريا، درهه پريا نيٽيهه.

٤٠. ڪونجهڙيان ڪرلئه ڪيئه، گهر پاڇلي درنگه،
سوٽي ساجڻ سنيريا، ڪروت بوهي انگه.

گهر پنيان، وڻ ٿي ويهي، ڏار (درنگ) ٿي ويهي، ڪونجڙين ڪڙوڻ (سوز پرئي) آواز ۾ لنويو. هيءَ سٽي پئي، ساجن ڪي پيئي سنياري؛ نيڻن روئي دِرياهه (درهه) پري ڇڏيا آهن؛ سندس انگ جڻ ته ڪارائيءَ سان پيا چيرجن.

ميران: داڏيا اوپر اوڻ لڳايو، هوڙو ڪروت ساريو.

شاهه: ١. ڪونجڙيءَ ڪالهه لنئين، سڄڻ وڌم چت،
آءٌ جنهن رِيءَ هت، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا. (ڏهر)

٢. ۾ لئن، ڪونجي! مات ڪر، چور ۾ هيين چاڪ،
ڦٽيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو؟ "

٣. ۾ لئن، ڪونجي! مات ڪر، ڏينم ۾ هيين سل،
ڳوڙها مٿي ڳل، جم وهاٽيين وهائيين. "

٤. نيڻ پرجي نينهن، پلٽيا پارون ڪري. (سهڻي)

٥. ٿمن نيڻ رت وهي، چٽاڪا ڪيو. (ڪوهياري)

٦. لوڪ لنائڙي ننڊ ۾، ساجن سوناٺون. (آسا)

٧. ڪالي جا قريب جي، سا هڏ چيري چم. (ڪلياڻ)

۴٨. اُونـم آئـي بـدلـي ڊولڻ آيئہ چـت،
يو برسڻ رت آپڻي، نيڻ هماري نـت.

بادل پرجي آيا آهن ۽ ڊولو ٻہ چت ۾ آيو اٿم؛ پر هو (بادل) وسن پنهنجيءَ مند ۾، منهنجا نيڻ وسن نت.

ڪبير: اونم آئي ٻدلي، برسڻ لـگي انـگار

شاهہ: ١. ميهن منڊائيتا وسڻا، سدا وسين تون (پرڀاتي)

٢. وسڻ اڪثر ان جڻن، جي تون سڪئين، ميهن!
ته هوند راتو ڏينهن، بس بوندڙون نہ ڪرين. (سارنگ)

٣. ساوڻ پسي سر تيون، سڄڻ ساريون مون. (”)

۴. وسي ساري رات، صبح جو ساهہ ڪڍي،
منجهيئي ميهن پرينءَ جو، تن ۾ هو يئي تات،
ته وهاڻي پرڀات، هوند بادل بس ئي نہ ڪري. (”)

٥. مون سر وُٺا جيڏيون، ڏکن سندا ميهن (سامونڊي)

٦. تون اَڇو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا. (کنڀات)

۴٩. سجڻيا! سانوڻ هيا، ڏر اُلـٿـي پـنـدار،
ورهہ-مها رس اُومٿيئہ، ڪي نا، کهون، سنيار.

سڄڻ! سانوڻ ٿيو آهي؛ ڏرتيءَ پندار ڪڍي پلٽيا آهن. ٻرهہ جا بيحد آلا ڪکر ٻہ اچي مٿيا آهن. چوانءِ ٿي، ڪجهہ تون ٻہ ياد ڪرينم! (ڏر=ڏرتي، مثلا: شاهہ: ”دم دم پٽي ڏر“)

ميران: جت جائون تت پاڻي پاڻي، هئي هئي پوم هري.

شاهہ: ١. مند ٿي، منڊل وڄيا، آيو جهڙ جهانئي،
هڪ ارزان ان ٿيو، ٻيو مڪڻ منجهہ مانئي. (سارنگ)

٢. اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر برسي بوند اپار،
وت جنين جي يار، سي اوڪاڻين نہ اکيون. ”

هيءَ آهي جو هڪ ڪن ۽ من مان نه ڪڍ جيس. چڪور جيا
سج جو ڪانڪي ٿي ويهجي. (درڻ=ڏينهن، ريءَ=راجا
ڏينهن جو راجا=سج).

٤٥. آڌا ڏُونگر، وڻ گهٽا، آڌا گهٽا پلاس،
سو ساجڻ ڪم ويسرءِ، جهه گڻ ننا نواس؟

آڏو ڏونگر آهن، وڻ ۽ گهٽا آهن. گهٽا پلاس (وڻن ج
قسم) آڏو آهن. سو ساجن ڪئن وسري جنهن منجهه گهڻ
گهٽا گڻ آهن؟ ('پلاس' جي معنيٰ راڪاس ۽ آهي).

شاهه: وَڏو ڪيم وڻان، اوچا ڏونگر م ٿيو (حسيني).

٤٦. جيوُن اي ڏُونگر سمهان، تيوُن جنهه سجڻ هنت
چمپا واڙي پمر جيئن، نيڻ لگاءِ رهنت

جئن هيءَ ڏونگر سمهون اٿم، تئن جي سڄڻ هجيم ت
اُنين نيڻ لڳائي رهانس جئن چمپا واڙيءَ ۾ ڀونر.

شاهه: ١. ڏونگر ڏورڻ ڏاڪرو، لئن ري ڪونهي لـل

٢. ڪنور پاروڻ پاتار ۾، ڀونر ڀري سج،
بنهين سندي ڳالهڙي، عشق اي اهج،
توءِ نه لهين اڄ، جي پيو پين پاڳهه. (ڪارايل

مند تي مندل وجيا

٤٧. پاوَس آيئه صاحبا! بولڻ لاڳا مور،
ڪنتا! تون گهر آونو، جوين ڪيدم جوڙ.

وسڻ جي رت آئي آهي، منهنجا صاحب! مور بولڻ ل
آهن. ڪانڌ! تون گهر نه تو اچيم؟ جوين ڏاڍو زور لڳايو اٿ

شاهه: ١. گهر ته گهرجين تون، مند مڙيئي مينهن جي. (سارنگ

٢. نه مون ڪانڌ نه قوت ڪي، جوين وَهي ويو. (ر

٥٣- بيجليان ڪنوَلائيان، آيئہ آپئہ ڏويہ،
ڪڏي ملون اُٺ سڄڻان، ڪس ڪنجڙُو ڪي ڪويہ.

٥٤- بيجليان جهڙڪائيان، آيئہ آپئہ ٽريئہ،
ڪڏي ملون اُٺ صاحبا، جو بستا پرديہ.

٥٥- بيجليان جهل مل ڪيان، آيئہ آپئہ چيار،
ڪڏ ري ملونءِ لي سڄڻان، لانبي بانهہ پسار.

٥٦- بيجليان چهلاوَهل، آيئہ آپئہ پنج،
جڻ ڏن والا لاڳسي، سا ڏڻ سيسيِ منجهہ.

٥٧- بيجليان چهلاوَهل، آيئہ آپئہ ڇيهہ،
ڪڏي ملوُن اُٺ صاحبا، اُوتارنتي سيهہ.

٥٨- بيجليان چهلاوَهل، آيئہ آپئہ سات،
ڪڏ ري ملوءِ نلي سجنا، بيجل سنگ اِم رات.

٥٩- بيجليان بهڪائيان، آپيہ آپيہ ڪوڙ،
ڪڏ ري ملوءِ نلي سڄڻان، ڪس ڪنجڙو ڪي چوڙ.

ڪڪر ڪڪر پنيان هڪ وڄ پيئي ڪنوي؛ ٻہ ٻہ پيئون ڀڪن، ٽي ٽي پيئون ٽمڪن؛ چار چار پيئون چمڪن؛ پنج پنج پيئون چهل ڀهل ڪن؛ ڇهہ ڇهہ پيئون جهرمر ڪن، ست ست پيئون وسن؛ ڪروڙين پيئون ڪرڪرات ڪن؛ آءٌ ڪجل جي ڪنار لڳائي، ڪنجڙيءَ جون کهيون ڪشي، ٻانهون ٻ گهيون پڪيڙي؛ ڪڏهن وڃي اُن ساڄن کي ملان، جو پرديس ٿو وسي، جو ٽي منهنجو ڏک پڙدو ڪندوءِ سيءُ لاهيندم؟ (آپيہ = آپ؛ يا آپيہ = پدريا = بادل. ڪنجڙُو ڪي = ڪنجڙيءَ جي. جس ڏڻ والا لاڳسي، سا ڏڻ سيئسي منجهہ =

٣. نيڻ نمندا پس، وس نہ ورن سهرين. "
٤. منڊ تي منڊل وڄيا، ڪوڙين سڄڻ ساري. "
٥٠- جڏهن ٿون صاحب ناويندہ، ميهان پهلي پور
وچڻہ وهيسي واهلا، دور س دوري دور
صاحب! تون جي مينهن جي ڦهڙين پور پر نہ آئين
وڃان واهہ وهي ويندا ۽ جيڪي دور آهن سي دور ئي
رهجي ويندا.
شاهہ: سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي. (سارنگ)
٥١- جڏهن ٿون صاحب ناويندہ، ساوڻ پهلي تيڄ،
چمڪ مريسي ماروي، ديکہ ڪونتا ويڄ.
صاحب! جي تون ساوڻ جي ڦهڙين ۽ تيڄ ڌاڻين نہ آئين
نہ هي ۽ ماروي وڄ کي ڪنوندو ڏسي سندس چمڪات ئي
مري ويندي.
ميران: نند نندن بلمائي، بدرا لي گهيري مائي،
اِت گهن گرجي اُت گهن لرجي، چمڪت بجون سوائي
اُمر گهمر چهن دس سي آيا، پون چلي پورائي
شاهہ: ١. ڦهڙي ڪيا پٽن پر، وڄڙين واڏاٽا،
سور اُنجا سومرا! مونکي اندر اڏاٽا. (مارئي)
٢. جڏهن ٿر وڄون وسيون، ٽڏهن آءُ سورن ساڻ. "
٣. اکين آب پريو، اُنهين ڪنوڻ ڪڻان. "

وڄون وسڻ آئيون

٥٢- بيجليان چهلاوهل، آيڻہ آيڻہ ايڪ
ڪدي ملون اُڻ سجڻان، ڪر ڪاجل کي ريک

ڪانگل تون منهنجي ٽلسي تہ نہ چُگہ. اُڏامي نروور وڃ. آءٌ پنهنجي پاسريءَ جو هڏو ويڙي ٿي ڏيانءِ، اهو کڻي وڃ ۽ هنجي ڏسندي اُتي ويهي کاءُ.

پانڌي پرينءَ پنوهار کي......

٦٢. پنٿي! ايڪ سنديسڙُو، لڳ ڍولئہ پهچاءِ،
تن من اُتر باليئہ، دکن واجئہ آءِ.

پانڌي! هڪڙو سنيهو ڍولا لڳہ پهچائج تہ "منهنجو تن من اُتر باري ڇڏيو آهي، تون ڏکڻ ٿي وڄندو اچ."

شاهہ: پانڌي! پرينءَ پنوهار کي چيم تنين چئيج (مارئي)

٦٣. پنٿي! ايڪ سنديسڙُو، لڳ ڍولئہ پهچاءِ،
ورهہ مهادو جل گيئہ، آگن بجهاوُ آءِ.

پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي پهچائج تہ "برهہ جو بن جلي رهيو آهي. تون اچي آگ اُجهاءِ.

شاهہ: ١: پانڌي پاراڻو، ڏجانءِ ڍاڻي ڍول کي (مومل راڻو)
٢: لائي جو ويا، سو مچ منجهين ٿو ٻري،
سو اُجهامي ڪئان، جنهن سور يندل سپرين. (رپ)

٦٤. پنٿي ايڪ سنديسڙُو، لڳ ڍولئہ پهچاءِ،
ورهہ-واگهہ ون-تن بسيئہ، سيهر گاجئہ آءِ.

پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي پهچائج تہ "ورهہ جو واگهہ تن جي بن اندر ٿو وسيم، تون شينهن جيان گجندو اچ.

شاهہ: ١. وٽ ڇڏي مون واگهہ، آري وئين عشق جو. (سسئي)

٦٥. پنٿي! ايڪ سنديسڙُو، لڳ ڍولئہ پهچاءِ،
جوبن کير سمند ر هوءِ، رتن ڄ ڪاڍءِ آءِ.

جنهن ڏينهن واءُ لڳندو تنهن ڏينهن سا استري هند وڃائي
سمهي رهندي؛ ڪروڙ=ڪوڙين، ڪوڙين).

ميران: گهومت گهٽا الر هوءِ آئي، دامن دمڪ ٻراءِ،
نس دن جوئون بات پيا ڪي، ڪب ري ملوگي آءِ.

شاهہ: ١. وڃون وسڻ آئيون، چوڌس ۾ چوڌار،
٢. وڃون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
٣. وڃون وسڻ آئيون، ٻهه ٻهه ٻڌائون ٻوڙ،
٤. وڃون وسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٽي ڪر،
٥. وڃون وسڻ آئيون، نهه نهه ڪيو نمن،
٦. يت ڀري پت پيئون، وڃن ڪيو واجو،
٧. يت ڀري پت پيئون، وڃن ڪيا ورن،
٨. يت ڀري پت پيئون، وڃن ڪيا ڏرم.
(سارنگ)

ڪانگل

٦٠. ڪنگا! ڏئون بڌائيان، پريتم ميلئه مجهه،
ڪاڍ ڪليجئه آپڻئه، پوجن ڏئنلي تجهه،

ميران: ١. ڪاڍ ڪليجو مئن ڏرون ري، ڪوا تولي جاءِ
جيان ديسان مهارو پئو بسئه ري، وي ديکيءِ تو ڪاءِ
٢. پريتم ڪون پتيان لکون، ڪئوا تون لي جاءِ

شاهہ: ١. آنديون ڪانگ قريب جون، اڄ واڌايون واهه (پور
٢. ڪانگل! سيئي ڪوٺ، پرين جي پرديس ليا. "
٣. ڪڏي ڪانگا تو ڏيان، هنئون ساڻ هٿن،
وڃي ڪاءُ ولات ۾، اڳيان عجيبن "

٦١. ڪنگا م چڻ ڪننجرءِ، اوڏي ترور جاءِ،
ليئه هماري پانسلي، لوبي ڏيکت ڪاءِ.

اڇي ۽ لوڇي

٦٨- سنياريان سنتاپ، ويساريان نہ ويسري،
كاليجا وچ كاپ، پرهر تون، ڦاٽي نهين!

ياد كريان تہ كشت ٿئيم. وسارڻ جي كريان تہ وسريم ئي كين. كليجي ۾ وڇوڙي جا كپ (وڍ) پيا پون پر ڦاٽي ئي نٿو. (پرهر=پرپرائي=وڇوڙو)

ميران: ورهہ بجهاوڻ آنتر آوو، تپت لگي تن ماهن.

شاهہ: ١. چيتاريان چڻكن، وساريان نہ وسري. (رپ)

٢. راڻو اكڙين، وساريان نہ وسري. (مومل راڻو)

٦٩- والنب! ايك هلوڙ دي، آءُ سكڻ نئہ آءِ،
بانهڙيان ٻيي ٽكيان، كاگہ اُڏاءِ اُڏاءِ.

ولب! هك اڇي لوڏ ڏينم. اڇي سگهين نہ اچ. تو ڏانهن كانگ اُڏائي اڏائي، ٻانهون ئي ٽكجي پيئون اٿم.

كبير: كاگ اُڏاوت موري ٻجا پرائي.

ميران: كاگ اُڏاوت دن گيا.

سورداس: پك چاتك بن بسن نہ پاوهن، وايس ڏلهہ نہ كات،
سوُر شيام، سنديسن كي ڊر، پٿك نہ اُهہ مگ جات.

شاهہ: ١. كورين پنبين كانگ، اُڏايم، اچيج تون. (مومل راڻو)

٢. لنهنجي ۽ تات طلب، كانگ اُڏايم كاك جا. ،،

٣. سدا سپيرين لئي، ويٺي كانگ اُڏايان. (آسا)

٧٠- يهہ تن جاري مس كرئن، ڌوُنئان جاهہ سرگـہ،
مجهہ پريہ بدل هوءِ كر، ورس بجهاوءِ آگـہ.

هيءَ تن جلائي مس كريان، يعني كوئلا كريان (مس

پانڌيءَ! هڪ سنيهو ڍولا کي وڃي پهچاءِ ته ”جوڻن کي
ساڳو تيو آهي، توڻ ڏسڻ کيڏ اچينس.“

٦٦- پنڌي! ايڪ سنديسڙو، پلماڻس نئه پيڪ،
آئم تجهه پاسئه اچئه، آلگ روڙا رڪ.

پانڌي! هڪ سنيهو پلماڻس کي وڃي چوءِ ته ”منهنجي
آتما تو وٽ آهي، باقي مونکي (منهنجي سرير کي) پلي
الڳ رک. (پيک = چوءِ. سنڌيءَ ۾ تي پيو آهي ”ٻڪڻ“=
اجايو ڳالهائڻ.)

شاهه: ١. نه وارث نه وَلهو، نه سڱ، نه سياڪو،
تو پچاڻا سپرين! آيم اولاڪو،
پانڌيا! پاراتو، ڏجان ڍاڻي ڍول کي. (مارئي

٢. پانڌي! پرينءَ پنوهار ڏي، نياپا کي ني. ”

٣. همت بت رهيو باقي، ساهه وني وئين سپرين. (بروو

٤. سوڍي ساهه نيون، همت ڪرنگهر سڪڻو. (مومل راڻو

٦٧- پنڌي! ايڪ سنديسڙو، کهجيئه سانت سلام
جب تي هم نم بيڇڙي، نيڻي نيند حرام

پانڌي! هڪ سنيهو ڍولا کي ستن سلامن سان وڃي چو
ته ”جڏهانڪر مان توکان (سپني بعد) وڇڙي آهيان تڏهانڪ
منهنجي نيڻن کي ننڊ ٿي حرام آهي.“

شاهه: ١. پانڌي پرينءَ پهنوار جا، جان تو وڃين وس،
ساري ڏيج سرتيين، سلامن سهس. (مارئي

٢. ڪڏهن تان ٻاجهه پئي، ساڄن منجهه سلام،
سڪ تنهنجي سپرين کيو ٿن تمام،
هنين حاج وهه تي، نيڻين ننڊ حرام. (معذوري

٧٣. جيئني جڳ من مانهه، پنجر جڳ ٽيئني پلئہ،
من وئراڳہ نہ ٿاهہ، والنئي ويچڙيان ٿئي.

جيڻرو هيءُ اندريون مَن (ٿو پکڙجي) ليترو جي هيءُ پيڙرو، هيءُ بدن پڇي سگهي نہ وليء جي وچوڙيءَ جو من ۾ وئراڳ ٿي نہ ٿئي. (پلئہ=پڇي)

شاهہ: سوڍي جي سرنيون! وڌيس وهہ وئراڳہ. (مومل راڻو)

٧٤. وهلئہ آئو ولها، ناگر چنر سجاڻ،
تنجهہ بن ذڻ ولکي ڦري، گڻ بن لال ڪمان.

ولها! تون وهلو اچ، تکو اچ، اي سجاڻ شهري! تو بن هيءَ اِستري (ڏٽي=مڙس ۽ ذڻ=استري) روئندي پيئي ڦري، جڻن گڻ (ساگاهہ) بنان لال ڪمان.

شاهہ: ١. وهلو ور وريا پرين. (مومل راڻو)
٢. ذڻ ذارڻ، ذار رهڻ، اِيءَ نہ سنگهارن ريت. (ڏهر)
٣. موت مٺيءَ جا ولها! (مومل راڻو)

٧٥. هوُن ڪملاڻي ڪنت بن، جاهہ وهوڙي ويل،
وڻجارا ري پاءِ جڻن، گيا ذوُنکتي ميلهہ.

آءُ ڪنت (ڪانڌ) بنان، ڪملي، وهاڻيءَ ويل پيئي جلان. وڻجاري جي باهہ جيان، هو مونکي ڦوڪي ڇڏي ويو.

ميران: هر روُنيا ڪملاسيان، هو مائي.

٧٦. جڻ ديسي سجڻ وسئہ، تڻ دس وجئہ واءُ،
اُئان لڳي مو لگسي، اُوهي لاکہ پساءِ.

جنهن ديس ۾ سڄڻ ٿو وسي، اُن طرف کان واءُ لڳي ۽ کيس لڳي پوءِ مونکي اچي لڳي تہ اِهو منهنجي لاءِ لکہ پساءُ ٿيندو.

اصل ڪوئلي مان ٺهندي هئي. مس = ڪوئلو)؛ سندس
د و ٺهون آسمان ڏي وڃي، اُن مان منهنجو پرين بادل ٺڄي
اچي وسي ۽ آگ بجهائيم.

ڪٻير: ١. يھ تن جالن ۽ مس ڪرئن، جيون ڌُنوان جاي سرگ
مت وئي رام ديا ڪرئي، برس بجهاوء آگ
٢. يھ تن جارئن مس ڪرئن، لکون رام ڪا نانءُ
ليکڻ ڪرون ڪرنڪ ڪي، لک لک رام پٺانءُ

٧١- آنکڙيان ڊنبر هئي، نيڻ گمايا رويہ،
سو ساجڻ پرديس مئن، رهيا وڏوُٺا هويہ.

اکيون لال ٽيون آهن. (ڊنبر=ڊبي لڳل=لال). نيڻ رو
روئي وڃائي ڇڏيا اٿم. هو ساجن پرديس ۾ وڏوُٺو (رتل)
رهي.

شاهہ: ١. ور وڏوُٺو ايٿن، جٿن جٿن پاڻ پسن. (ليلان چنيس
٢. ور وڏوُٺو ايٿن، جٿن پرپيتوء پاند. (مومل راڻ
٣. راڻا! نہ جاڻان، ڪٿن وڏوڙهہ، ولها! (مومل راڻ
٤. پرين پرجائي رت، جن وڏوُڙي ور ہ ٿيا. (ڪنياد

٧٢. سجڻ! هم تم ايک هئي، اؤر مليا اي ليکہ،
مجهہ تجهہ هنيڙۀ ايک هئي، پاوۓ ڪاڍي ديکہ.

سڄڻ! مان ۽ تون هڪ آهيون. اهو لکيو آهي جو ڏ
پاڻ ۾ مليا آهن؛ پر منهنجو ۽ تنهنجو هردو هڪ آهن، وٽ
تہ ڪڍي ڏس.

ميران: ١. اَب نهن بسرون، مهاري هردي لکيو هرنام.
٢. ميرا پيا ميري هيہ بست هيء نان مل آئي جا
شاهہ: ١. اڳئين انگ سندوم، وهي جيڏانهين وهو،
کهڙو ڏوهہ ڏيون، سو منهن آئيو سائين. (سس
٢. جون ۾ آهين تون. (يمن ڪليا

٨٠. ڏان ڪو آوءِ پوڳليه، سهه ڪو نرور جاءِ،
مارُو- نٽا سنديسڙا، بگڙ بڇاهون ڪاءِ.

سپڪو نرور وڃي پر ڪوبه پوڳل (واپس) ڪين اچي.
مارُو ديش جا سنيها تنکي وچ ۾ ڪو بگهڙ کائيو وڃي.

شاهه: هُتان آيو ڪونڪو، هِتان لڪه وڃن. (مومل راڻو)

٨١. آج نسهه مهي چالسيان، بهسيان پنٿي ويس،
جئه آويا نئه ملسيان، مُيا ج اُٺهج ڏيس.

ڍاڍي: اج رات روانا ٿينداسين؛ پانڌين جو ويس پهرينداسين. جيڪڏهن جيئرا هونداسين ته ملنداسين. مئاسين ته اُتي ئي (ختم ٿينداسين).

شاهه: ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نه ڪيو. (مومل راڻو)

ڏجانءِ ڍاڍي ڍول کي...

٨٢. ڍاڍي ايڪ سنديسڙو، پريتم ڪهيا جاءِ،
ساڌن بل ڪئلا ڀئي، ڀسم ڍنڍولس آءِ.

ڍاڍي هڪ سنيهو وڃي پريتم کي ته چئج اُها استري ٻري ڪوئلا ته ٿي ويئي آهي؛ باقي اچي رک ميڙ جانس.

ميران: جل بل ڀئي ڀسم ڪي ڍيڙي، اپني انگ لگاجا.

شاهه: ڏجانءِ ڍاڍي! ڍول کي، سنيهو ساري،
منکي قت فراق جو، ميندرا ماري؛
اچين جي واري، ڪرهو ڪميٽيءِ تي. (مومل راڻو)

نوٽ: شاهه ”ڍاڍي“ لفظ ڪتب آندو آهي. ڍاڍي=ڍيت جو رهواسي. ڍاڍي=هڪ گهٽ ذات جا ماڻهو:

سورداس: هئن تو ڏيرو گهر گهر ڪو ڍاڍي، سورداس مو نانءُ

نانڪ: هئن ڍاڍي ڪا نيچ ذات، هور اُتم ذات سدائندي.

شاهه: ١. ڏٽي! سو وارئين واءُ، جو ميڙائُو سڄڻين. (ديسي
٢. جڏهن پيئي چت، ڇپر هوت پنهون جي،
ڀري وينا ڀت، گندر لتا گولئين. (ڏهر

٧٧. مکه نيسانسان مُونکئي، نيٽي نير پرواهه،
سُولي سرکي سيجهڙي، تو وڻ جاٽي تاهه.

مکه مان آهون پيئُون نکرنس. نيٽن مان نير پيو وهيس
تو بنان، مارئي سيج کي سُوڙيءَ سمان ٿي جاڻي.

ميران: سُولي اُوپر سيج هماري، سوو ڪس بڌ هو

نوٽ: مارئي ڍولا جي وڇوڙي ۾ سيج کي سُوڙي
مثل سمجهي ٿي. شاهه، سر ڪلياڻ ۾، چئي ٿو ڪيس چوي ٿو
"سُوڙي جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو."

٧٨. تُنهين جه سڄڻ، مٽ تون، پريتم تون پرواڻ،
هنيڙءَ پيتڙ تُون وسئه، پاوئن جاڻ م جاڻ.

شاهه: ١. مون ۾ وسين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي. (يمن
٢. سو تان تونهين ساڻ، جنهن لاءِ جفائون ڪرين. (سسئي
٣. جو تون ڏورئين ڏُور، سو سدا آهي ساڻ تو. "
٤. مون ۾ تون مؤجود. "
٥. پيچ پريان ڪر پاڻ، ته تون ڏهائين لهين. "

٧٩. راجا جنهه جڻ پانوءِ، ڍولئه نرت نه هوءِ،
مالوٽي مارءِ ٿيئه، پوُگل پنت جکوءِ.

راجا جيڪو به جن (ماڻهو) پنهنجي ڍولا ڏسي
ڪين. پُوگل رستي جيڪو به ماڻهو اچي تنهنکي مالو
مارائي چڏي.

شاهه: ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، خون ڪلندي ڪن. (مومل راڻ

٨٧. ڏاڍي ڏجي ڍولئہ ملي، يون هي ڪهيا جاءِ،
آنکيان سيپ وڪاسيان، سوات جہ برسئہ آءِ.

ڪبير: ڪبير سيپ سمندر ڪي، کارا جل نهين لي،
پاني پيوي سوانت ڪا، سوڀا ساگر دي.

ميران: سيپ سوات جي جهيلتي، آسون جان سوئي.

شاهہ: ١- سپ سمنڊ ين سپجي، ندي ۽ پئي نہ نير
جئن هوُ اُبر آسري، تئن مون من ملير. (مارئي)
٢- سپ سمنڊ ين سپجي، اُبر آسا روس،
پارو پئي نہ پيڙي، منو نينهن لڳوس. (مارئي)
٣- سڪو سپن کان، سرتيون! ريت سڪڻ جي،
مگن جر مٿان، اوري ڪن نہ آسرو. (مارئي)
٤- ڍاڻي جي ڍول ملي، تہ کهڙي سنئين لهج
اکيان ڪاجل موهيان، تلڪ ڪسي پرپنگہ (ڍول مارئي)

ڍاڍين جو نرور ۾ سنگيت

٨٨. اَکٿ ڪهاڻي پريم ڪي، ڪٿسُون ڪهي نہ جاءِ،
گُونگا ڪا سپنا پيا، سمر سمر پڇتاءِ.

پريم جي ڪهاڻي چوڻ کان ٻاهر آهي؛ ڪنهنکي چئي نہ ٿي سگهجي. گونگي جي سپني مثل آهي. هو ياد ڪري ڪري پيو پڇتائيندو آهي (پر چئي ڪجهہ بہ نہ سگهندو آهي!)

ڪبير: اکٿ ڪهاڻي پريم ڪي؛ ڪڇُو ڪهي نہ جاءِ.
اکٿ ڪٿا يا ڪي ڪڇُو، ڪهت نهين ڪهہ آئي.

سورداس: گُونگا ڪيري سرڪرا، ٻئني هي مسڪاءِ.

شاهہ: ١- ڪاني لاڳي ڪرم ڪي، ڪسڪون ڪهي نہ جاءِ،
جئن گُونگي اُو سپنا پيا، تئن پڇت پڇت تن مانهہ.
(بيراڳہ)

٨٣. ڀاڀي ايڪ سنديسڙو، ڪهه ٻولا سمجهاءِ،
جوپيڻ آنديم ڦل رهيم، ساڪه نه ڪائڻه آءِ.

ڀاڀي! هڪ سنيهو نياپو ٻولا ڪي سمجهائي ڇئج تہ
"جوپين جو انب ڦليو آهي، تون ساڪه نه ٿو ڪائڻ اچين؟"
(ساڪه=وڻ پڪل انب)

شاهه: ١- ڀانڌيا! ڀاراپو، ڏجاڻ ڀائي! ٻول ڪي،
٢- اچي مشڪ ماڻ، نہ سوڀا! سڪياٽي ٿيان؛
٣- اچي چندن چوڙ، نہ سوڀا! سڪياٽي ٿيان. (مومل راڻو

٨٤. ڀاڀي ايڪ سنديسڙو، ٻولهه لڳه لي جاءِ،
ڪڻ پاڪيه، ڪرسڻ هڻيه، ڀوڳه ليئه گهرآءِ.

ڀاڀي! هڪ سنيهو ٻولا ڪي پهچائج تہ اَن پڪو آهي
کيت تيار ٿي آهي تون لائيءَ ڪاڻ نہ ٿو اچين؟

شاهه: ڀائي جي ٻول ملي، تہ ٻولائي ڪهيج،
ڪرسڻ پڪو، ڪڻ ڇڻيو، لائو آپ ڪريج. (ٻول مارئي

٨٥. ڀاڀي جي پريتم ملي، يُون داکويا جاءِ،
جو پيڻ چتر اُپاڙيه، راج نہ بئسه آءِ؟

ڀاڀي! جي پريتم ملئي تہ هئن چئجانس: "جوين جـ
چت مٿي ٿيو آهي. تون ويهي راج نہ ٿو اچي ڪرين؟

٨٦. ڀاڀي جي صاحب ملي، يُون داکويا جاءِ،
جو پيڻ ڪمل وڪاسيه، ڀمر نہ بئسه آءِ.

ڀاڀي! جي صاحب ملئي تہ هئن چئجانس: "جوين جـ
ڪنول ڦٽو آهي؛ تون ڀونر سمان نہ ٿو اچي ويهين.

شاهه: ڪونر ڀارون ڀاتار ۾، ڀونر ڀري آڪاس (ڪارايل

٢. مَن مُهانگي ڏيهه ۾، ڪ ڪاغذ ناهه قلم،
ڪ ڪاتب ڪونهي ڪوٽ ۾، ڪ لکندي ٿيئي شرم؟
(ابرو)

٣. آءٌ اڳ ۽ ياڻي، سنيهو سُٽي جيان. (مارئي)

٩٢. وايس ٻِيجهه نام، تي آڳل لاهه نوءِ؛
تهه تون هئي سڄاڻ، تهه تون وَهله موڪلو.

"وايس" لاءِ جيڪو ٻيو اکر آهي، (يعني ڪاڳ)، تنهن اڳيان "ل" ڏينس، (تهه ٿيندو ڪاڳ+ل=ڪاڳل=ڪاڳڙ)؛ پوءِ توکي ياد رهندو ۽ پوءِ تون تڪڙو ڪاڳڙ موڪليندين.

٩٣. سنديسا مت موڪلهه، پرينم تون آويس،
آنگاڙي هي گل گيان، نيڻ نه واچڻ ڏيس.

پرينم! سنيها نه موڪل، تون پاڻ اچ. آگر يون ئي ڳري ويئون اتم ۽ نيڻ پڙهڻ ئي نٿا ڏينم.

ميران: ١. گڻتيان گڻتيان گهس گئي ريکان آنگريان ڪي ساري.
٢. گڻتي گڻتي گهس گئي ري، ميري آنگليون ڪي ريکهه.

شاهه: لڙڪ نه لکڻ ڏينم، ڪريو پون قلم تي (مارئي).

٩٤. ڏُجڻ ويڻ نه سنڀري، منان نه ويساريهه،
ڪُنجهان لال ٻچانهه جيئن، ڪِڻ ڪِڻ چيتاريهه.

ڏُجڻ (دشمن) جيڪي وائڻ تا ڏين سي ياد نه ڪر. مارئيءَ کي من مان نه وسار. اُئين ياد ڪرينس جئن ڪُونج پنهنجي لال ٻچن کي ڪن ڪن پيئي ياد ڪندي آهي.

شاهه: هوءُ چوندي، تون م چؤ، وائون ورائي ويڻ. (يمن)

٩٥. سڄڻ ڏُجڻ کي کهي، پيڙڪ نه ڏيجهه گال،
هلوءِ هلوءِ چنديهه، جِم جل چنبءِ پال.

٢- لکان تہ لکي نہ سگھان، ھوتن ڏي کو حال (بروو

٨٩. ڍولا! ڍيلي ھر کيا، مُونکيا منھ وسار،
سنديسڙہ نہن پاڏوءَ جيوان کسڙہ آڌار؟

ڍولا! تو ھڙ (ڍِنگ) ڍي ڍلي کري ڇڏي. مونکي من
مان وساري ڇڏيئہ. سنديسا، نياپا کونہ ٿو ڀيڄين، کھڙي
آڌار جيان؟

ميران: آپ نہ آوي لکہ نھين ڀيجيءَ، باٽ پڙي للچاون کي

شاھہ: ١- ڍولا! ڍيل م مون (ليلان چنيسر
٢- مگر ڍول ڍلو ناتو ٽماٽين سين (ڏھر
٣- جا ھڙ اندر جيءَ ساھڙ ڏني ساھہ کي (سھڻي
٤- وڃي گوندر غم، جي پرلاو پروت مان لکو.
(بروو چونکو

٩٠. کاگل نھين ک مس نھين، نھين ک ليکنھار؟
سنديساھي ناويا، جيوُون کسڙہ آڌار؟

کاغذ نہ آھي يا مس نہ آھي يا لکڻ وارو نہ آھي
تنھنجو سنيھو ٿي کين ٿو اچي، کھڙي آڌار جيئان؟

٩١. کاگل نھين ک مس نھين، لکتان آلس ٿاءِ؟
کئہ اُٺ ديس سنديڙا، مُولئہ وڏءِ وکاءِ؟

کاغذ نہ اٿيئي يا مس نہ اٿيئي يا لکندي آلس ٿو ٿيئي
يا انھيءَ ديس جا سنيھا وڏي ملھہ وکامندا؟

ميران: جدکا پيا پرديس بست ھيءَ، لکہ لکہ ڀيجئہ پاتي،
ميرا پيا ميري ھيہ بست ھيءِ، ناکھون آلي جاتي.

شاھہ: ١. کاغذ نھين ک مس نھين، ک ديس تمھاري رہت،
لکڻ کھون آرس پيا، ک کتکا ڀئي پريت؟
(ڀيراڳ

٩٩. پوُگل هوُن تا آويا، پـوُگل مها نکئہ واس،
پنگل راجا تاس ٿوُ، ميلھيا ٿانڪئہ پـاس.

ڀائي: "اسين پوگل کان آيا آهيون. پوگل ۾ اسانجو واسو آهي. پنگل راجا تو وٽ موڪليو آهي.

١٠٠. ماروُٽي پنگل سدوُ، اَپڇر رءِ اُٺهار،
بالپڻئہ پرڻي پڇئہ، ٻوُل نہ ڪينهي سار؟

پنگل جي ڪنيا مارئي، اَپڇرا جي شڪل جهڙي، تون بالپڻ ۾ پرڻئين، پوء، ٻيل وچان بہ سندس سار ڪانہ لڌي اٿيئي؟

شاهہ: اُتر واءُ ڪوندي، پهلي موسم نينهن،
ٻالاپڻ رو نينهن، والا جم وسارئين. (ڍول مارئي)

١٠١. چند-مکي، هنسا-گمڻ، ڪومل ديرگهہ ڪيس،
ڪنچن-ورڻـــي ڪامڻي، ويگئہ آو ماليس.

سندس چندرما جهڙو مکہ ۽ هنس جهڙو هلڻ، ڪومل ڊگها وار، سون ورني ڪامڻي، جلدي اچي ملينس.

١٠٢. ڍولئہ من آرت هئي، سانڀيل اي ورتنت،
جـي دِڻَ ماروُ وِڻَ گيا، دئي نـہ گِيانَ گڻنت.

اِهو ورتانت ٻڌي، ڍولو من ۾، مارئيءَ جي آرتي ڪرڻ لڳو؛ ڪيس ساراهڻ لڳو؛ چوڻ لڳو تہ جيڪي ڏينهن مارئيءَ کان گذريا سي ڳاڻاٽي ۾ ئي ڪين ايندا، وئرٿ ويا.

ٻيران: آرتي تيري انتر ميري، آوو اپني جاڻ.
شاهہ: ١. ڪاجا تند تنبيل جي، سٽي سڻائين. (سورٺ)
٢. ماروُ منجهہ ملير، مونسين هت هڻن تيو. (مارئي)

سچڻ! ڏجڻ جي چئي ٿي، هڪدم نه ڳالهه کي ڦٽو ڪري
چلڻ جي؛ آهستي آهستي چلجيس، جئن پاڻي ڪناري ڪـ
هٽندو آهي. (هلوء=هولئه=هوريان=آهستي)

ميران: سنگرجي سوُن ٻاتيج ڪرتان، درجن لوگه ني ديني

شاهه ڪريم: سچڻ ڏجڻ نه ٿئي، جي رسي سؤ وار.

شاهه: ڪرين جي ڪوڙن سين، ريءَ سعيي ساڃاهه،
نه سيڪيو سيڪين هٿڙا، ڪر اُجهائين ٻاهه. (برو

۹۶. ڍولا! مَلس نه وِسرس، نَوِ آوس نا ليس،
مارو تنڪه ڪرنڪڙءِ، وايس اُوداويس.

ڍولا نه تو مليس نه تو وسريس؛ نه تو اچيس، نه
گهرائيس. ماروءَ جو ڪرنگهو، اُن تان اچي ڪانگـ
اُڏائڻا پوندء.

شاهه: ڪانگ ڪيم ڪيچ جا ماس چنجن ساڻ چوري (سسئي

۹۷. ڏکه ويسارڻ، مَن-هرڻ، جئه اي ناد نه کَنت،
هِيَڙءَ رَتن-تلاوَ جيئن، ڦوُٽي ڏهه دِس جنت.

ڏک وسارڻ؛ من کي شانت ڏيڻ لاء جي هيءَ را
(ناد=آواز) نه هجي ته هيءَ هردو رتن-تلاءَ جيان، ڏهـ
ڏسن ۾ ڦاٽي پوي.

شاهه: چارڻ! تنهنجي چنگ جو، آهه عجب اِيءَ
هٽي اُيو هـٽن سين، جيئرو رکيو جيءَ. (سورٺ

۹۸. ڪَوڻ ديس تئن آويا، ڪهان تمهارو واس،
ڪُڻ ڍولئه ڪُڻ ماروي، راگه ملهايا جاس؟

ڍولا: "اوهين ڪهڙي ديس کان آيا آهيو؛ ڪٿـ
اوهانجي واسو آهي؟ اُهو ڍولا ڪهڙو آهي، اُها ماروي ڪهڙ
آهي، جي راڳ ۾ پئي ملهايو؟

١٠٧- جِمَ جِمَ سڄڻ سنڀرءِ، تِمَ تِمَ لڳَنَ تير،
پنڪ هوءِ نہ جاءِ مَل، مَنان ٻنداڻا ڏير.

جتي جتي سڄڻ سنڀاريان، تتي تتي تير لڳنم. ۽ هڪڙو بہ وڇي ملانس ۽ من جو ڏيرج ٻڌان.

ميران: رمئيا بن يؤن، جِوڙوءُ دکہ پاوئي،
کهو ڪڻ ڌير ٻنداوئي؟

شاهہ: ١. ۽ هوڙن نہ اڏر ملان، مڇھ نت ماري پيڙ،
جيون جيون ساڄن سنڀران، تيون تيون لاڳن تير.
(بيراڳ)

٢. جڏهن پوي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناگهہ وڃن نڪريو. (ٻروو)

١٠٨- جل منهہ وسئہ ڪمودڻي، چندءُ وَسئہ اَگاس،
جيئہ جياهين ڪي من وسئہ، سئہ تياهين ڪي پاس.

ڪنول گل (جل جو ڪانڪي) جل ۾ وسي؛ چنڊ (آڪاس جي جوت) آڪاس ۾ وسي. جيڪو بہ جنهن جي من ۾ وسي سو تنهن وٽ آهي ئي آهي؛ آءُ جي مارئيءَ جي من ۾ وسانئو تہ وٽس آهيان ئي آهيان.

ڪبير: ڪمودني جلهر بسيءِ، چندا بسئہ آڪاس
جو جاهي ڪا ڀاوتا، سو تاهي ڪي پاس.

شاهہ: ١. ياد جنين هن يار، سي ياد هميشهہ يار ڪي. (يمن ڪلياڻ)
٢. مون ۾ تون موجود، آءُ اڳاهين آهيان. (سريراڳ)
٣. متان تئين ملور، ڪين اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪرڏ ور، حد ٻنهين جي هيڪڙي. (حسيني)
٤. مون منهين ۾ پسجي، مونکي مون جڳاءِ،
منهينجي ساڄاءِ، منهين منجهان مون ٿئي. (آسا)

١٠٣- مَن سينچاٽنَ جنَ هوءِ، پانڪان هُوءِ نه پراڻ،
جاءِ ملير جان ساڄڻان، ٻوهــي جنَ مهراڻ.

مَن جي سيچاٽو، باز هجي، پراڻ جي سندس ٻر هجن ته
مهراڻ کي ٻوهي ڏيئي وڃي ڪيس ملان.

شاهه: ١. نينهن، سيچاٽي، سينهن، تنهي قصد ڪباب سين
(سينهن ڪيڏارو

٢. پر هووَن، ته اُڏر ملان، مجهه نت نت ماري پيڙ
(بيراگ

٣. هنئڙو ٻري باز، چوري ڪيو چنبن ۾. (آسا

١٠٤- آڏا ڏُونگر، وَڻ گهڻا، تانهه مِلير جنَ ڪيم؟
اُولاڻي جنَ مُونث پِر، مَن سينچاٽنَ ايم.

آڏو برابر ڏونگر آهن ۽ گهڻا وڻ آهن، سو ڪٿي ملجيس
مَن کي باز سمان، مٿ ۾ پيڙي اُڏائي روانو ڪجيس.

١٠٥- اِهان س پنجر، مَن اُهان، جنَ جاٽنَلا لوءِ،
نيڻــان آڏا وينجهه وَن، مَنهه نه آڏا ڪوءِ.

هتي هيءُ پنجرو آهي، مَن نه هُتي آهي؛ لوڪ جنَ وٽي
تنَ سمجهن. نيڻن جي آڏو برابر گهاٽا وڻ آهن پر مَن جي
آڏو ڪي ڪينهي.

شاهه: هنيون منهنجو هُت، هِت مٽي ۽ ماهه. (مارئي

١٠٦- جنَ مَن پسرءِ چهَن ڏسَنَ، جِم جنَ ڪر پسرنت
دُور ٿکان هــي ساڄڻان، ڪننا گرهڻ ڪرنت

جنَ هيءُ مَن چوُطرف پکڙجي ٿو، تنَ جي هيءُ ڪر
هيءُ بانهون پکڙجن نه هي ساجن! دُور دُور تائين پکڙجي
اُهي تنهنجي گلي کي ڪٽي ليهيتين.

پوءِ، مالوڙي ٿي وينتي ڪريس ته ”پرين! آءٌ تنهنجي
داسي آهيان. چت اندر ڪا چنتا اٿيئي، سا مونکي ٻڌاءِ،
منهنجا پرين!“ (ول=ورِي. داڪهَ=چوءِ.)

۱۱۳- چِنتا ٻَنڌيهَ سَبَل جڳ، چنتا ڪٿهِ نه ٻڌ،
جو نر چنتا وس ڪرءِ، سو ماڻسَ نهه سڌ،

ڏولا: چنتا ساري جڳ کي ٻڌو آهي پر چنتا کي ڪنهن به
نه ٻڌو آهي. جو نر چنتا وس ڪريٿو سو اِنسان نه آهي، سُڌ
آهي، ڪامل آهي. (سبل=سبل=سڀ)

ڪبير: سنسا ڪايا سڪل جڳ، سنسا ڪنهن نه ڪت،
جي بيدي گر آشرا، تن سنسا چڙ چڙ ڪت.

۱۱۴- چنتا ڏائڻ جيان نران، ڏِنيان رڊ انگ نه ٿاءِ،
جڳ ذيرا مَن ذيروءِ، نڻ تن پِينڙ ڪاءِ.

مالوڙي: ”چنتا ڏائڻ جنهن نر کي لڳي، انجا انگ دريد
(پنتا) ڪين ٿين. جي ذيرج وارو ڪٽي ذيرج ڌاري ته به
سندس تن پيئي اندران اندران ڪائيندي.“

شاهه: چتر رهي نه چت، سُوران صبر نه ڪري،
سڄڻ ساري نت، ويڳاڻو ٿيو وجهلي.

ڏولا جا ٻهاڻا

۱۱۵- مالوڙي تُون من سمي، جائڻ سهُ وويڪ،
هرڻاڪي! هَسنڻ ڪهڻ، ڪرئُن ڊِساور ايڪ؟

ڏولا: مالوڙي! تون منهنجي من اندر سمايل، توکي منهنجي
وويڪ جي سڀ خبر آهي. مرگهه نئني! ڪلهي ڪلهي چوءِ ته
هڪ ڏيساور ڪري اچان؟ (هرڻاڪي=هرڻ جي اکين واري،
مرگهه نئني؛ دساور=ڏيساور.)

٥. اندر جنين اُج، پاڻي اُچو اُنکي. (سسئي)
٦. سڄڻ ساھ پساھ ۾، پرين پاڻ پساءِ. (آسا)
٧. منھن منجھائيءَ پاءِ، توھان ڌار نہ سپرين. (ڪارايل)
٨. جيڪي طالب تات جا، تات ۾ تنھين وتن. (سسئي)

مالوڙيءَ ۽ ڍولا

١٠٩- مالوڙي سِڻگار سِڄ، آئي والنيءَ پاس،
من سنڪوچي پدمڻي، پريتم ديکہ اُداس.

مالوڙي پاڻ سينگاري سجائي، پنھنجي والي (ڍولا) وٽ آئي. پريتم کي اُداس ڏسي، ھيءَ پدمڻي من ۾ شڪجڻ لڳي.

١١٠- مَنھ سنڪائي مالوڻ، پريہ ڪانءِ چلچِت،
ڪئہ مارو ڙي سُتُ سُٽي، ڪئہ ڪا نوَلي وَت؟

مالوڙيءَ جي من ۾ شنڪا ٿي تہ "پريتم جو ھئن چت چلائما آھي، جو آنڌ مانڌ ۾ آھي. ائين تہ نہ آھي تہ مارئيءَ بابت خبر پئجي وئي اٿس؟ يا ڪا نئين بات ٿي آھي؟

١١١- جيھا سڄڻ ڪالھہ ٿا، تيھا نانھين اَڄ،
مات ترسُولئہ، ناڪ سل، ڪوءِ وِٽنا ڪَجّ.

(سوچي ٿي تہ) "جھڙو سڄڻ ڪالھہ ھئو اھڙو اڄ نہ آھي. مٿي ۾ جڻ تہ ترشُول (ٽن ڇھبن وارا تير) ۽ نڪ ۾ سل ٿي پيا اٿس. ڪو ڪارج تہ ڪين بگڙيو آھي؟ (وٽنو=وڻاءَ ٿيو. وٽت ٿيو.)

شاھ: اڄ نہ اڳينءَ بار، ڪر ھو جئن ڪالھہ ھو. (ڪنڀات)

١١٢- وَل، مالوڙي وينوءِ، ھوُن پري! داسي تُجّھ،
ڪا چنتا چت آنتري، سا پري! داکئہ مُجّھ.

ڏولا: جي تون چوين تہ ايڊر جي ڏرتي اورانگهي (پرڪرما ڏيئي)، تو لاءِ مٽيو ڳهڙائي اچان. مالوڙي! ڇڏي وڃانءِ؟ (اُلڪڻ=اورانگهڻ؛ آيرڻ=مٽيو.)

۱۲۰- اِيڊر ڪي ڌر اُلڪڻ، هون تہ جاڻ نہ ديس،
گهر بنّا هي آيرڻ، مول مهنگا ليس.

اِيڊر طرف وڃڻ هينئر اُپ لڳڻ آهي، بدسوڻ آهي، مان توکي وڃڻ ڪين ڏينديس. (مٽيئي تي موهجي ڪين توکي وڃائينديس.) مٽيو گهر ويٺي ئي ڪٽي وٺنديس - ڪٽي مهانگي مله تي ملندو. (اُلڪڻ=اُپ لڳڻ)

شاهہ: ۱. ڳريو جهليو روءِ، مٽي مهري هٿڙا،
ڪوءِ سؤڊو سندو، جو تون ڏولا! سکيو. (ساموندي)
۲. مٽيو وڃهان مچ ۾، هائيءَ وڃهان هار. (ليلان چنيسر)

۱۲۱- ڪاڇي ڪرهہ بڌونيبا، گهڙيئہ جويڻ جاءِ،
هرڏاڪي! جنہ هس کهنہ، آڏس ايڪ وڪاءِ.

ڏولا: ڪچ جو بن ڏوهن وارو ڪرهو، جيڪو گهڙيءَ ۾ يوجن (۸ ميل) پنڌ ڪري، سو، مرگهہ نئني! ڪهي ڪلهي چوءِ تہ آڏيان؟ هڪ وکہ ۾ اچي اهو واپس پهچائيندم.

۱۲۲- صاحب! ڪڇ نہ جائيئہ، تهان پريرءِ درنگ،
پيپل نيڻ، سؤنڪ ڏڻ، پؤلهہ جائس سنگ.

مالوڙي: "ڪچ متان وڃين! اُهو پرائو راڄ آهي. اُتي جي ڪجل نئنين ۽ سندر اِسترين ڪي ڏسي، تون پاڃي سندن سنگ ۾ هليو ويندين!" (درنگ=دنگ=Boundaries)

مالوڻيءَ کي چوٽ

۱۲۳- سڻ سندر! سچنہ چوان، پانجنہ من کي پرنت،
مو مارؤ ملوا نڏي، ڪري ولگي ڪنت.

١١٦- ڳڀ نـرور اَٽ ڏيپنا، اُونچا محل اَواس،
ڳهـر ڪامڻ هرٽا ڪيا، ڪِسَمَ ڏساور جاس؟

مالوڙي: هيءُ نرور ڳڙهه نهايت چمڪندڙ؛ هن محل جو
ديواريون اونچيون؛ ڳهر اندر توڪي ڪامڻ هرٽاڪي، مـر
نئني! تون ڪئن ڏيساور تي ويندين؟

شاهه: ١- جي وٽجارو ڪانڌ، تان مون هڏ نه لائون لڏيون،
پرڏيهه مٿي سانگ، اَنئي پهر جن ڪيو. (سامونڊي
٢- وڃ نه ڦورائي، ايـڏي سـفر، سپرين. ("

١١٧- سَمَهَ سهسي ايڪو تري، سر موتيهر سُڌ،
ندي نواسَمَهَ اُتّـرءِ، آڻـون ايڪ اَونـڌ.

ڏولا: "توبو ٻڏجي سمنڊ ۾ اُتري، هڪ لک هڪ سؤ هـ
جو شڌ موتي آڻي ڏيانءِ." (موتيهر=مڪنا ڦل، موتي)

شاهه: ١- اِيءَ ڳت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيا ئون،
پيهي منجهه پاتار جـي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيـــرا لال هـــٿن سين (سريرا
٢- سمنڊ جي سيوين تنين ماڻڪ ميڙيا. ("
٣- سڀين وهن سير ۾ ماڻڪ، موتي، لال. ("

١١٨- مرجيوءَ پاڻي تـڻَمَ، سالهه! اُڳهنن ڪـاءِ،
ڏکه سهڻا، پهرا ڏيڻ، ڪنت ڏساور جـاءِ.

مالوڙي: "ڍولا! پاڻيءَ ۾ توبي ڪي، ڪي جانور اُڳهت سا
صفائيءَ سان ڪاڻي چڙ ٿيندا، چٽ ڪري چڙ ٿيندا. ڏک سـ
ءِ اوسيڙو رکڻ (آهي) جي ڪالڌ ڏيساور توهجي." (مرجيوو ــ ٻو

١١٩- اِيڊر ڪي ڏر اَئالڪئن، جمَه تون ڪهمَه نه جانهه،
اَئنٽ ڳهڙائون آيــرن، مالوڙي! ميلانـهـه؟

ميران: جت جائون تت پاٽي پاٽي، هو ٿي ٻوم هري
شاهه: ١- ڀري ٿل ترائيون، ڪري هڪل هوء (سارنگ)
٢- اُتن مينهن گهڻا، تين ٿوڪ ملير ۾ (مارئي)
٣- جيڪس وُٺا مينهن، موٺهان پوء ملير ۾،
ڪالهه سڄوئي ڏينهن، منهنجي اکڙين اُڪير ٿيو. (مارئي)

١٢٧- جڻ رُت بگهه پاوس لئه، ڏرڻ نه ميلهه پاءِ،
ٿڻ رت صاحب ولها! ڪوءِ دساور جاءِ؟

مالوڏي: "جنهن رت ۾ بگهه پکي ۽ برسات ڪارڻ، ڏرڻ تان پير نه ٿو ڇڏي (هلڻ جي نه ٿو ڪري) تنهن رت ۾ پيارا صاحب، ڪو ڏيساور ويندو آهي ڇا؟"

١٢٨. ساوڻ آيه صاحبا! پکه وِلنبي گار،
برڄ ولمبي بيلڙيان، نران ولنبي نار.

منهنجا صاحب! ساوڻ آيو آهي؛ (وات تي) پيرن ۾ گارو گپ چنبڙندو؛ هيڏانهن، هن مند ۾، وڻن کي وليون ويڙهيل هجن ۽ نرن کي ناريون چهٽيل هجن. (گار=گارو، گپ)

شاهه: مون جهر ڏنو اُپ ۾، ڍولا! لڏ م، لاهه. (سامونڊي)

١٢٩. پاوس ماس پرگتيه، پکه ولمبي گار،
ڌڻ ڪي آهي وينتي، پاوس پنٿ نوار.

ڍولا! پاوس جي رت پرگهٽي آهي؛ (وات تي) پير گپ ۾ پيا ويندء؛ هيء ڌڻ (استري) توکي اهائي وينتي ٿي ڪري ته ساوڻ ۾ وات وٺڻ نواري ڇڏ. (آهي=اهائي)

شاهه: گهر نه گهرجين تون، مند مڙيئي مينهن جي. (سارنگ)

١٣٠. ڏر نيلي، ڌڻ پوندري، گهر گهگهه گار،
مارو-ديس سهامڻه، ساوڻ سانجهي وار.

ڍولا: "سڻ سندري! (هاڻ) سچ تو ٻڌايانءِ: من ۾ جيڪ
شڪ اُٿيئي سو ٻيج، مونکي مارئيءَ کي ملڻ جي ڏاڍي ڪندڻ ڪند
تي پيئي آهي." (هيءَ ٻڌي مالوڻي، بيهوش ٿي ويئي)

۱۲۴- چانڊني پاڻي ڪُمڪُمڻ، وِيجهڻ وِيجهيا واءِ،
هئـي سُچيتي مالوِي، ڀـري آ گل وِللاءِ.

ڍولا مٿس گلن جو پاڻي ڇنڊيو ۽ وچڻي سان واءُ ڏنائينس
مالوڻي سچيت ٿـي ۽ پرينءَ اڳيان ورلاپ ڪرڻ لڳي
(ويجهڻ=وچڻو)

اوڀارو

۱۲۵- ٿـل ڏـٿا، لــوُ سامهين، داجـهولا ڀِهياهـ،
مهانڪئي ڪهيئي جئي ڪرءُ، گهر ٻئـا رهياهـ.

مالوڻي: "ٿر ملڪ ٿـل هوندءِ، سامهون لوُهه پيئي لڳندءِ
جهولو پيو پچائيندءِ. منهنجو چوڻ جـي ڪرين ته گهر ۾ ئي
وينو رهه." (ٿل=ٿر؛ لوُ=لوُهه؛ داجهولا=جهولا.)

شاهه: ۱- ڪوسا لهن ڪڪرا، ٻي دمدم لهي ڏر (سسئي
۲- لڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا ڏينهن لهن (ديسي
۳- ڏاڍي لڪ لڪن جي، پٿن پوءِ پچاءُ،
ڇپر ڪوسو واءُ، هـريا تـو نيـڻ ڪيا. (ديسي

ساوڻ

۱۲۶- ڀگه ڀگه پاڻي پنڌ سر، اُوپر اُنبر- چانهه،
ٻاوس ٻرڪنديئه ٻدمڻي! ڪهئه نه ڀوُگل جانهه.

ڍولا: وات تي، ڀگه ڀگه تي پاڻي آهي. مٿي انبر (آسما
چانيو پيو آهي. ٻدمڻي! برسات جي منڊ ۾ ڪهڙي آهي. تو
چوءُ نه ٻوُگل وڃان.

"بابيهو پيو 'پيوُ، پيوُ' ڪري، ڪوئل پيئي مڌر آواز سان
ڳائي؛ پريه! اهڙيءَ رت ۾ الڳ رهان، تنهن مان ڪهڙو
سواد ايندم؟" (ناد=آواز، راڳ)

ميران: دادر مور پپيها بوليُ، ڪويل سبد سڻاوي ري

شاهه: ١- مند تي، منڊل وڄيا، تاري ڪي تنوار (سارنگ)
٢- اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا برج سين،
ساز سرنگيون سرندا، وڄائي برچنگ. (")

١٣٤- جڻ رت بهُ بادل جهرءِ، نديان نير پرواهه،
تڻ رت صاحب ولها، مو ڪم ريڻ وهاءِ؟

"جنهن رت ۾ گهٽا بادل پيا وسن، ندين ۾ نير پيو وهي،
تنهن رت ۾، منهنجا پيارا صاحب! منهنجي رات ڪئن وهامندي؟"

١٣٥- نديان، نالا، نيجهرڻ، پاوس چڍيا پوُر،
ڪرهئه ڪچر تلڪسيئه، پنٿي! پوُگل دور.

"نديون، نالا ۽ جهرڻا، سيئي برسات پري پوري چڙهيا
آهن. ڪرهو ڪچر ۾ ترڪندءِ. پنٿي! (ويندڙ) پوگل ڏاڍو
پري آهي."

شاهه: سائينءَ ڪارڻ سپرين، وڃج م ڏُورين. (ليلا چنيسر)

شاهه: ١- گسر تئي م گس (ديسي)
٢- اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪر تو ڪري،
وسايو واتر ين تي، خالق ڪنب پري،
پاسارٻان پري، سانگه م وڃ سپرين. (سارنگ)

١٣٦- ڪالي ڪنٺل بادلي، ورس جه ميُاهئه واءِ،
پري وڻ لاگئه بوُندڙي، جاڻ ڪٽاري گهاءِ.

"ڪاريءَ ڪنار وارا بادل، تنکي جي واءُ هلائي تو، ت

ڊولا: ”مالوڻي! ڏرتي هاڻ پوک، سبب نيلي پيئي
ڏسجي پئي هوءِ استري (مارئي) اُتلو (وڇوڙي ۾) جهڪي
ٿي ويئي هوندي، جيتوڻيڪ گنوار ماڻهن جي گهرن ۾ خو
گهه مهه، شادماني لڳي پيئي هوندي. مالوڻي! ساوڻ ۾
سانجهيءَ سمي، مارو ديس ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي.“
(پونبري=ڪوماڻل)

شاهه: ١- هن مند مارو سنرا، ساٿيهه منجهه سڌ ير (مارئي
٢- اُنـن مينهن گهڻا، تين موڪ ملير ۾ ”

١٣١. باجهڙيان هرياليان، ٻڄ ٻڄ ٻيلان ڦول،
جتهه پير وُونٺه پادروئه مارو ديس اَمُول.

ڊولا: ”مالوڻي! ٻاجهرين جا ڪيت ساوا ٿي ويا آهن؛ و
وچ ۾ وليـن جا ڦول ڦليا آهن. چاڪاڻ ته ڪُر وُٺا آه
تنهن ڪري مارو ديس اَنمول هوندو، اَملهه هوندو.“
ميران: اب ٿو ٻيل ڦتل گئي، آئند ڦل هوءِ.
شاهه: ١- ٻاجهر پڪي ٻاجهه ٿي، لٿو ڏولائو. (مارئي
٢- وليون وڻ ڦلاريا، لڙ نڱيو اس. (”
٣- وليون وڻ ڦلاريون، ڪُر پڪا ڪي ڪي (”
٤- ماڻيان شال ملير ۾، منڊائتي مڪ (”
٥- وُٺا مينهن ملير ۾، سيءُ ڏٺه سوايو (”

١٣٢- جڻ رت ٻهه پاوس جهرءِ، ٻابهيئه بولنت،
تڻ رت صاحب ولها! ڪِوَ مندر ميلهنت؟

مالوڻي: ”جنهن رت ۾ گهٽي برسات وسي ۽ ٻابيهو ٻول
تنهن رت ۾، منهنجا پيارا صاحب! ڪو پنهنجو محل ڇڏي
١٣٣ ٻـابهيئه پـيُ پـيُ ڪريءِ، ڪوئـل سرنگئه ناد
پردِيه! تڻ رت آلگه رهان، ڏاهه سون ڪسئه سواد

١٤٠. ميهان وُٺان، اَن ٻهل، ٿل ٿابا، جـل ريس،
ڪرسڻ پاڪا، ڪڻ ڪرا، ته ڪئه هلڻ ڪريس؟

ڪڪر وسيا آهن. اَن گهڻو ٿيو آهي؛ پر ٿوري ٿڌي ٿي آهي، جل گهڻو ٿيو آهي. ڪيت پڪا آهن؛ اَن تيار ٿيو آهي؛ تنهن وقت ڪو هلڻ جي ڪري؟"

ميران: بادل ڏيکي ڏري هوسيام، مينءَ بادل ڏيکي ڏري،
ڪالي پيلي گهٽ اومنڊي، ورسيو ايڪ گهڙي،
جت جائون تت پاڻي پاڻي، هنئي پوم هري،
جاڪا پيا پرديس بست هيءَ، پيڃون ٻاهر ڪري.

(نوٽ: هيءُ پڃن ورڪا رت جي پين ڏوهن سان ٻه پينبو.)

شاهه: ١. ٻر وُٺا، ٻر وُٺا، وُٺيون ترايون،
پره جا پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
٢. پري پت تي آئيو، سارنگ سهج منجهاءِ،
سرها سبزا ٿيا، ڏامڻ ڏب ڪياءِ. (سارنگ.)

١٤١. آج ذرا-دس اُنميئه، محلان اُوپر ميهه،
باهر ٿاجهِ اُوگرءِ، پيڱا منجهه گهريهه.

ڀولا: اج برسات، محل تي ذراذر پيئي وسي. ٻاهر ڇڇهر يون پيبون آليون ٿين ۽ گهر اندر آءٌ پيو پچان"، (پنهنجن ۽ مالوٽيءَ جي ڳوڙهن سان.) پيٽيو دوها نمبر ١٠ سان.

ڪبير: ڪبير گرڄ ڪي بادلي، تيتر باني ڇانه،
باهر رهي تي اُوبري، پيگي مندر مانه.

ميران: جاڪا پيا پرديس بست هيءَ، پيڃون ٻاهر ڪري.

شاهه: ١. اَج پڻ اُتڙين ڪيا، ابر جئن آگم. (برو و)
٢. جئن سي ڪڪر اپ پر، تئن آگميون آهين،
جهڙ ڦڙ نه لاهين، وسن ساڻو ميڻهن جئن. (آسا)

وسن ٿا. پرينءَ بنان بوندرَ يون اِئين تيون لڳن، جڻ ته ڪٽاري
جا گهاوَ."

١٣٧- فَوج گهٽا، کڳ دامنِي، بُوند لڳَنَ سَرَ جيم،
پاوس پِئَہ وڻ، ولها! ڪهہ جيويجَنَہ ڪيم؟

"گجگوڙ آهي فوج مثل، وج آهي کڳ (تلوار) مثل، بو
بوند لڳي ٿي تير مثل؛ ولها! پاوس رت ۾، پيا بن، چ
ته ڪيئن جيئند يس؟"

ميران: گهمنت گهٽا اُلر هوءِ آئي، دامن دمڪ ڊراوئي
شاهہ: اُجهوءِ تون آئي، وڏو آهينم، ولها!
(ليلان چنيسر

١٣٨. چيارءِ پاسئہ گهڻ-گهٽئہ، ويجل ڪِوَءِ آڪاس،
هريالي رت نئہ پلِي، گهر سنپٽ، پيءُ پاس.

"چوطرف گجگوڙ لڳي پيئي آهي. آڪاس ۾ وج پيئ
ڪنوي. هريالي رت تڏهن پلي جڏهن گهر ۾ سمپتي هج
۽ پرين ساڻ هجي.

شاهہ: ١. سرهي سيج، پاسي پرين، مر ٿا مينهن وسن، (سارنگ
٢. پهري ڪيا پٽن ۾، وجڙين واڏاٽا، "

١٣٩. مهہ موران منڊب ڪرءِ، منمٿ آنگ نہ ما
هوُن ايڪاڙي ڪِم رهئن، مہ پڌاريئہ ما

"ڏرٽيءَ تي مور پنهنجي پڇ جا ڪنڊ پکيڙي منڊ
جوڙي (نچي رهيا آهن). انگن ۾ مدن ديوتا نٿو ماپي. آ
هيءَ برسات ۾ تو بنا ري؛ آءٌ اڪيلي ڪيئن رهي سگهنديس؟
(منمٿ = ڪام ديوتا.)

شاهہ: آيل! اِئن ۾ يانہ، ته ڪا آءٌ رهندي ٻرانءَ رڪ (سسئي

١٤٦- ڏِن ڇوٽا، موٽي ريڻ، ٿـاڍا نير پـوَن،
ٺَڻ رت نيهہ نہ ڇانڊيئہ، هي بالم، بڌ من ·

ڏينهن ننڍا، راتيون وڏيون، هوا جا تڏا وهڪرا پيا
وهـن · اهڙيءَ رت ۾، هي بالم، وڏا ماڻهو نينهن کو نہ
ڇڏ بو آهي·

١٤٧- اُتـر آ ج س اُتريئہ، پـرسـي واهليانءِ،
اُر اوڙي پـِري راڪيئہ، مُنڌان ڪاهليانءِ

اج اتر هلڻ شروع ٿيو آهي· سيءَ جـا واهہ پيا وَهن ·
نماڻيءَ نار کي ڇاتيءَ کان بہ اوري رکڻ گهرجي، منهنجا
پرين! (اُر=اُرهہ)

شاهہ: ١· لڳي اُتر واءُ، پولو هلڻ جي ڪري (ساموندي)
٢· سر سر يا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون· (،،)
٣· ٿي ڏياري ڏينہ، پولو هلڻ جي ڪري· (،،)

١٤٨- اُتر آج س اُتريئہ، سيءُ پـريسِي ٿـتّ،
سـوهـاڳڻ گهر آنـگڻڙيءِ، دوهـاڳڻڙيءِ گهٽّ ·

اج اُتر پيو اتري؛ سخت سيءُ پيو پوي· سهاڳڻ کي برابر
گهر اندر سـيءَ جي جاڻ پوڻي پر ڏهاڳڻ جي تہ بنهہ گهٽ
اندر سيءُ آهي·

شاهہ: ١· اتر اوتون ڏئي، نہ مون سور نہ ڪبڙو (رپ)
٢· ڪانڌ! تنهنجي پاندري، سيءَ مران سڀ رات(سارنگ)
٣· پرين! تنهنجي پاند، پولا! پڪي آهيان· (ڏهر)
٤· آئي اتر منڊ، هنيين اُڀ ڪونہ لهي · (ساموندي)

١٤٩- اُتـر آج س اُتـريئہ، پـالہُ پڙءِ تـرنـت،
مالوٽِي اِم وينوءِ، "هون ڪم جيوُون ڪنت؟"

٣. مٿي منجهان مينهن، پيو پاٽي جڻن وهي،
مون پانيون نينهن، جيئون جيري سنديون. (حسيني

٤. جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جت، ڇپها، ڇلڙ، ڇڪ،
اندر تو اُج مري، ساهه انهين جي سڪ. (مارئي

١٤٢. ڍولا! رهس نه واڙيئه، ملس ڏئي ڪئه ليڪ،
ٻوڳل هوس جه پراهڻئه، ڏسهرا لڳ ڏيڪ.

مالوڙي: ڍولا! جي رهين نه توءِ وڃڻ نه تو واري ڇڏين
جي ڪنهن لڪئي سبب توکي ساٿس اوس ماڻو آهي، جي
تنهنجا پراڻ ٻوڳل ۾ آهن ته ڏسهڙي تائين ڏس."

١٤٣. مالوڙي! ڍولئه کهئه، هو مها سيڪه ڪريهه،
اُونها لئه، ورڪا، ونهي، رهيا تجهه سنيهه.

ڍولا: مالوڙي هاڻ مونکي موڪل ڏي. اونهارو ۽ ور
رت ٻئي تنهنجي سنيهه ڪارڻ رهيس." (سيڪه ڪريهه =
موڪل ڏي).

شاهه: آئي اُنر منڊ، هي اُب ڪونه لهي. (سامونڊي

١٤٤. سيالئه ٿسي پڙءِ، اُونهالئه لوُ واءِ،
ورسالئه ٻئن چيڪٽي، چالڻ رت نه ڪاءِ.

مالوڙي: "سيارو ته سيءُ ٻوي؛ اونهارو ته لوُهه لڳي
برسات جي رت ۾ ٻوُنءِ ترڪٽي؛ وڃڻ جي رت ڪا
ڪانه ٿئي.

١٤٥. جڻ رت موتي نيپجي، سپ سمندان مانهه
تڻ رت ڍولئه اُهيئه؛ اِم ڪوماڻس جاءِ

جنهن رت ۾، سمنڊ اندر، سپ ۾ موتي نپجن، اهڙي
رت ۾ تو ڍولو اسهي! اِن ريت ڪو ماڻهو وڃڻو آهي
(اُهيئه = اسهي تو.)

ڏولا جي تياري

١٥٣- هَلوَءِ هَلوَءِ مَت ڪرءِ، هِيڙءِ سال م ڏيهہ،
جي ساڃي هِي هلسيئہ، سوُٽـان، پلاڻيهہ.

مالوڻي: ”هلان هلان (وڃان، وڃان) نہ ڪر؛ منهنجي هنيين ۾ سل نہ ڪر. جي سڀ پڄ هلڻو (وڃڻو) اٿيئي تہ پلا تڏهن پلاڻج جڏهن آءٌ ستي پيئي هجان.“

شاهہ: ١. لاهيندا ئي ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏکن، وهہ وڃهندا جندڙو. (ساموندي)
٢. ڇيري چندن ڪاٺ جئن، سوُر ڏنائم سال. (رامڪلي)
٣. هلڻهارا سپرين، رُوئان تان نہ رهن. (مومل راڻو)

١٥٤- ٿان سوُٽان، مهي چاليسان، ايهہ نِچِنتي هوءِ،
’رئبارِي!‘، ڍولئہ ڪهئہ، ’ڪرهو آ چئہ جوءِ.‘

ڍولا: ”تون ستل هونديئين تڏهن مان ويندس، اِهو ٻنان چنتا جي، اَوس، ٿيندو.“ ڍولا ريبارِي (اُٺن واري) کي چويٿو ”هڪ سٺو اُٺ گهر جيم.“

ڪرهو ۽ ڍولا

١٥٥- ’ڍولا‘! رئبارِي کهئہ، ’ڪرهئہ ايڪ سُچنگ،
نـاگـر بـيلِي نـت چـرءِ، پاڻِي ٻيوَءِ گنگ.

ريبارِي: ”ڍولا! هڪ ڪرهو ڏاڍو چڱو اٿم، اُهو سدائين ناگرول چري ۽ پاڻي ٻہ گنگا جو پئي.“

شاهہ: چندن جا چوُپا ڪري، چري نہ مصري سنگ،
انگين مٿي انگ، مٿي ڪي محبوب جا. (ڪنڀات)

١٥٦- دوُجا دو-وڙ، چو-وڙا، اُونٺ ڪناٺئہ ڪاڻ،
جِڻَ مُکہ ناگر بيليان، سو ڪرهئہ ڪيڪاڻ.

اڄ اڙ اڙيو آهي؛ ٽڪڙو ٽڪڙو ڀارو ڀيو پوي. مالوئي
جي هيءَ ويئتي آهي ته ”ڪانڌ! آءُ ڪئن جيئندي يس؟“
شاهه: سيه سيارو، پاڻي پارو، جت جهڙ، جهڪ ءَ جهولِ (سهڻي

هانگهه ۽ ڦڳڻ

١٥٠- ماهه مهارس مَيَنُ سپ، اَت اُلّاهءِ اَننگه،
مو مـن لاڳو مارُوَنُ، ديکڻ پُوُگل ڊ رنگه.

مانگهه ۾ مدن جو مهارس سيني کي هوندو آهي. هردي
۾ بيحد اُلاس هوندو آهي. منهنجو من به مارئيءَ سان لڳ
پيو آهي ۽ پُوُگل نگر ڏسڻ لاءِ خواهان آهي.

١٥١- ڦاڳڻ ماس سهاڻيهه، ڦاڳه رمڻه نـوَ ويس،
مـو من ڪرءِ اُماهيڻه، ديکڻ پُوُگل ڊيس.

يولا: ڦڳڻ جو مهڻو وڻندڙ آهي. ڦاڳه جا کيل، هر ڪ
نوان نوان ويس پهري کيليندو آهي. منهنجو من ڏاڍ
اتساهه ۾ آهي، پوڳل ديس ڏسڻ لاءِ.“

هيران: ڦاڳڻ ڦاڳا کيلهين وڻ راءِ جراوتِيءَ، هو.
شاهه: انگوريون ۽ ڪينڪيون ڦليون ڦڳڻ ماهه (بسنت

١٥٢- آوي سِوَ رت آن ڀايِ، ترِيان ڪرئه سنگار
جِڪّا هِيان نـه ڦاٿهين، دُور گيا پرتـار.

آئي آهي سيئي رتين ۾ هيءَ ڀلي رت، جنهن ۾ استريو
ڪن سينگار. پر جنهن استريءَ جو پر ٻن پري ويندو تنهن
هنيون ڪين ڦاٿندو؟

شاهه: ١. رتيان سڀ ڀليان، ڪائي نه بسنت لل
جي وڻ ٻاري ساريا، تنهين مٿي ڳل (بسنت
٢. وٽان مون م وڃ، منهنجو تونهين لون. (مومل راڻو

شاھہ: ١. ڪد يفي جي ڪرھا! ھيڊي پاڻيءَ حال،
چندن چارينءَ جال، جي مون رات رساٽئين. (ڪنڀات)
٢. ميا! تو مھار، سڄي پايان سون جي. "
٣. ڪرھل پائي لڄ، ڪھ نہ ويئينءَ انسين. (سامونڊي)

نوٽ: ڊاڪٽر گربخشاڻي "ڪرھل پائي لڄ" جي معنيٰ "اُٺ کي شرمائي" ڏني آھي (جلد پھريون، صفحہ ٤٨٩)، جا معنيٰ غلط آھي.

١٥٨. مو گل گھالئہ گھوگھرا، مو گل واھئہ لڄ،
ھون ڄ پايرءُ ڪرھائہ، مونڌ ملائون اَڄ.

اٺ: "منھنجي گلي ۾ وجھہ گھنگھٽا. منھنجي گلي ۾ وجھہ مھار. آءٌ ئي آھيان پلو ڪرھو جو اڄ ئي اڄ منڌ سان ملائيندو سانءِ."
شاھہ: ڳل ڳانا يعقوت جا، مونين ڳتيس مال. (ڪنڀات)

١٥٩. سڻ ڪرھا! ڍولئہ کھئہ، ساڃي آڪي جوءِ،
اَگّر جيھا جھونپڙا، ڏئہ آ سنگي موھہ.

ڍولا: "پڌ ڪرھا! جيڪي چوان تو سو سڄ اٿيئي: منھنجو سنگي ساٿي اھو ڪرھو ٿيندو جو جھوپڙن کي محل (اَگر) سمان سمجھندو. (مارئيءَ جي ديس ۾ ڪکائان محل ھئا.)

١٦٠. سڻ ڍولا! ڪرھئہ کھئہ، سام - ڏٺئہ موڪاج،
سرڍي پيٽ نہ ليٽيو، مونڌ نہ ميلون آڄ.

اٺ: پڌ ڍولا! ھيءَ ڪارج مونکي پنھنجي سواميءَ ھٿان مليو آھي. سانڍيٽي اُٺ (مھري اٺ) جي پيٽان ئي ڪين ليٽيو آھيان جي اڄ ئي اڄ منڌ سان نہ ملايانءِ. (سام=سوامي.)

ريباڙي : ”ٻيا اُٺ ٻه ـ ورا يا ڇڱا ورا (ڱڏا يا ڱڏيل سڏ
ذات جا)؛ ڪائين اُٺ ڪنارو (ڪنڌ جو ورڻ). جن جي وات
ناگو وُل (ناگر موٺ) پيل سي اُٺ آهن گهوڙن جهڙا.“

نوٽ : ڪيڪاڻ : ڪيڪيہ ديس جا گهوڙا سنا ڇڱا هـ
تنهنتان نالو پيو ’ڪيڪاڻ‘. ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنج
رسالي جي مقدمه (صفحه ١٣٤-١٣٥) ۾، خواه مخواه
سنڌي اديبن کي غلط ٺهرائي، ”ڪيڪان“ لفظ کي
”ڪي ڪان“ ڪيو آهي. سرڳواسي ڀيرومل چوندو هو
”ڪيڪاڻ“ ٺهيو آهي ”ڪهه ڪان“ يا ”ڪشيہ ڪان
مان ۽ معنيٰ اٿس ’اُهو گهوڙو جيڪو چهبڪن لائق آهي
پر اهو به غلط آهي. ”ڪيڪان“ پلن گهوڙن کي ڇڱو آه
۽ نه چهبوڪن لائق گهوڙن کي. ’ڪيڪيہ‘ ديس بابت
سمجهاڻيون ڏنل آهن: ٻهريـن تـہ ”ڪيڪئي“ جو ملڪ
يعني سنڌ جتي عربي گهوڙا ايندا هئا؛ ٻي تہ ”ڪوهه قا
جبل. (Caucasus Mountains)“

شاهہ: ١. ڪرهو نہ ڪيڪاڻ، ٻيرين آءُ نہ پڄڻي. (ڪنياد
٢. ڪرها! ڪر سڃاڻ، پيڪو ۽ پاهنجو. ”
٣. چندن چري آئيو، ٻي ول وجهي نہ وات. ”
٤. وليون واس ورنيون، چانگي کي چاري. (مومل را

١٥٧. ڪڻ مڪہ گهالون گهوگهرا، ڪڻ مڪہ واهون لڄ،
ڪوڻ پليرءِ ڪرهلئہ، موُنڌ مِلاوءِ اَڄ؟

ڏولا: ”کهڙي (اٺ) جي منهن ۾ گهنگهٽا وجها
کهڙي جي وات ۾ لڄ (ناڪيلي، مهار) وجهان؟ کهڙو ڪ
پلو آهي جو اڄ ٿي اڄ منڌ سان ملائيندم؟“

دادو: دادوُ ڪرهہ پلاڻ ڪر، ڪو چيش چڙهہ جاءِ.

داسي آهيان. هن ڪان پوءِ جي چڙهي روانو ٿيڻو هجيئي ته مان سمهان پوءِ ڇڏي وڃ.

ماروئڙيءَ جا ويڻ

١٦٦. ڏونگر- ڪيرا واهلا، اوچـــان، ڪيرا نيهه،
وهنان وَهـِمُهِ اُتاملا، جهڙڪ ڏڪـــاوءِ ڇيهه.

جبلن تان وهندڙ واهه، اوچي (ڪميڻن) ماڻهن جو نينهن، وهن ته اُتاولا وهن؛ پر ڇيهه ۽ جهٽ پٽ ڏيکارين.

شاهه: موڪي چوڪي نه ٿئي، اصل اوچي ذات (يمن ڪلياڻ)

١٦٧. پيهه ڪـــوتـــان را ايهوا، جيها ڪاتي ميهه،
آڏنبر اَت ڏاڪـــوَءِ، آس نـــه پوري تيهه.

ڪوئيءَ قسمت وارين جا پرين اهڙا جهڙا ڪتيءَ جا ڪڪر: ٻئي اڏمبر گهڻوئي ڏيکارين پر ٻنهي مان آس پوري ڪا نه ٿئي. نه هو وسن، نه هي وڙ ڪن.

١٦٨- ڍولا! پريتڙي ڪوُت ڪي، دونون پاسي ڏُکه،
ڪبجي ته ڪاتي پگن ڪوُن، رجهي ته ڇاتي مُکه.

ڍولا! ڪتي جي پريت، ٻنهين پاسي ڏکه؛ ڪجي ته پير ڪاٽي؛ ريجهي ته منهن چٽي.

١٦٩- ناتا نيهه نه ڇوڙهي، جا هوُئي سـا هوءِ،
پريت ڪري قرجايه جو، اوچي ڪهيمه سوءِ.

ڇا به ٿي وڃي پر نينهن جو ناتو نه ڇوڙجي. جيڪو پريت ڪري ٿري وڃي سو اوچي سڏجي. (اوچي=ڪميڻو)

شاهه: ١. سي چاولا ڇنجن، جي ڏرڏر لائن دوستني. (ٻروو)
٢. پلي ڪيئي پلا پرين، ايءَ نه ڇاتـوسون،
ته ڪو دوست دل وٺـي، پيري هٿنڊم پوُن:

ڪرهو ۽ مالوڙي

۱۶۱- ”ڪرها! سُڻ“ سندر ڪهئہ، ”مهر ڪرڻ مو آج؛
صاحب مهارو اُمهيئہ، هِوَ سگايِ نو لاج.“

سندر ي مالوڙي تي چوي تہ ”ڪرها! اج مون تي مهر
ڪر. منهنجو صاحب تو اُسهي. هاڻ سڀ لڄ توتي آهي.

۱۶۲- ڪرها نون سمجهاءِ ڪئہ، گهر آئِي ٻهه جاڻ؛
سالهہ ڪرهئہ منگاوِيئہ، آئيئہ ماڌ پلاڻ.

ڪرهي کي سمجهائي، هيءَ گهڻو جاڻندڙ، (لُڏي) گهر
آئي. سالهہ ڪرهو گهرايو ۽ پنهنجي مڏيءَ سان ڪيس
پلاڻ پاتائين.

۱۶۳- ڪرهئہ من ڪوڙءِ ٿيئہ، راکي يون هي پڳ...
ڍولئہ من چنتا هئي، ديڄئہ کي اڪ ڏڳ...

ڪرهي من ۾ ڪوڙ ڪيو ۽ پير اُئين ٿي پئي رکيائين
(جڻ تہ منڊو آهي). ڍولا جي من ۾ چنتا ٿي تہ ڪيس ڪ...
هڪ داغ ڏيارجي.

۱۶۴- صاحب! مهانڪا باپ ڪئہ، جئہ ڪرهان ڪئہ وَگ...
جئہ ڪرهئہ ڪوڙءِ هُوءِ، ڪوڙا رڪ آلگ...

مالوڙي: صاحب! منهنجي پيءُ وٽ اُنن جو وڳ آهي
جي تنهنجو ڪرهو منڊو ٿيو آهي تہ منڊي کي الڳ رکہ...

موڪل

۱۶۵- هوَ مالوڙي وينوءِ، هون پريہ! داسي توهہ...
هوَ ٿي چيس جہ چاليا، سُوٽي ميلهئہ مـوهـ...

هاڻي مالوڙي تي وينتي ڪريس تہ ”پرين! مان تنهنجـ...

ڪشٽا سڄائي، مهار هٿ ۾ ڪٽي، ڍولا چڙهيو. اُن جي گهنگهٽن جي آواز تي نار نند مان سڄاڳ ٿي.

نوٽ: سر ڪوهياريءَ جا "نند ويراڳي" بابت بيت، ڍولا مارُوُ ڪهاڻيءَ جي هن احوال سان پيئيو.

هالوڏيءَ جا ورلاپ

۱۷۴- ڏاوڻ، ڏاوڻ، هي سکي! ڪو ڏانوڻ ڪو لاج،
صاحب مهاڪئه چاليئه، جنهه ڪنهه راڪنه آج.

ڍوڙو! ڍوڙو! سکيون، ڪا دامن پڪڙيس، ڪا مهار پڪڙيس. منهنجو صاحب هليو ٿو وڃي، مون کو اڄ ڪيس ترسائي!

۱. وارو وڻي ويا. (سرديسي)
۲. سو ساهيڙيون سرتيون! ور نه منهنجي وس.
(ليلان چنيسر)

۱۷۵- ڍولئه چاليئه، هي سکي! واجيا ورهه-نساڻ،
پالکني وسهر پئي، مندر پيا مساڻ.

سکيون! ڍولا هليو ويو. برهه جا نغارا پيا وڄن. پلنگ-زهر ٿي پيو اٿم؛ مندر (محل) ئي مساڻ ٿي پيو اٿم.

ميران: ۱. پيا بن ميري سيج اَلوُني،
۲. سوُني سيج جِهر جيون لاڳي.

شاهه: ۱. توکي ساري سپرين! رنم منجهه رتول،
ڪاڪا ۽ تول، وسهه، مون وهه ٿيا. (مومل راڻو)
۲. کوهه پلنگ، بن ماريون، ڪٽڻ سي تيم ڪارا (سسئي)
۳. واجت وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب. (رامڪلي)
۴. وهڻ مون وهه ٿيو، ڪير سانديندي سکهه؟ (حسيني)

١٧٠- چوٽي نر کي پيٽ مين، رهي نہ موتي بات
آنڌ سير کي پات مين، کم هي سير سمات

چوٽي نر جي پيٽ ۾، موٽي بات رهي ڪانہ سگهندي
اڻ سيري ٿانو ۾، ڪٿن سير سمائبو؟

مالوڻيءَ کي ننڊ ۽ ڍولا روانو

١٧١- پندرهہ دن ٿي جاڳتي، پريہ سُون ويڻ کهنت
ايک ڏوس نند را سبل، سوُتي جاڻ نچنت

پندرهن ڏينهن تائين جاڳي پئي ۽ پريتم کي پئي و
ڏنائين؛ هڪ ڏينهن کيس گهڙي ننڊ اچي ويئي ۽ جڻ
بي چنتي ٿي سمهي پيئي هئي.

شاهہ: ١. سمهڻان ساڙ و، جيڏيون جيڏو ئي ٿيو،
پرين ساڻ پاڙو، منهنجو ننڊ نبيريو. (ڏه
٢. ننڊ ويرياڻي هوء، جيڏيون جم سمهو،
منان مون جڻن پوء، ورن ۾ واڪا ڪريو. (ڪوهيار
٣. آءٌ ستي، هو هليا، ويڙا ڪرهل ڪاهي. (د

١٧٢- ڍولئہ ڪرهہ چلا ويئہ، ڪر سنگار اپار،
”آسيان تئہ ملسيان، ولي، نرور ڪوٹ جهار.“

ڍولا، اپار سينگار ڪري، اٺ هلايو ۽ پري ڪان چيا
تہ ”نرور ڪوٽ! جي (واپس) آيس تہ ملندس، نہ
جهار، نمستي!“

١٧٣- سَج ڪَسٹا، ڪر لا گرهہ، چڙهيئہ سالهہ ڪما
ڪرهہ ڪرنڪئہ شروُڻ سڻ، نندرا جاڳي نا

١٧٩- سجڻ چاليا، هي سکي! واجيا ورهه نساڻ،
هاٿي چوڙي کس پڙي، ڏيلا هُيا سنڌاڻ.

سکيون! سڄڻ هليو ويو. ورهه جا نغارا پيا وڄن. هٿن مان چوڙيون کسڪي ويون، سنڌ ڍلا ٿي ويا.

شاهه: ١- لوهو لڳن ناهه کي، سنڌ مڙئي ساٿا. (ڪوهياري)
٢- هٿن ڇڏي حاج، ويٺي سار سنڌن مان. (آسا)

١٨٠- چال، سکي! تن مندرءِ، سڄڻ رهيئه جيڻ،
ڪو اِڪ ميڻئه ٻولڙءِ، لاڳو هو سئه ٽيڻ.

سکي! اُنهيءَ مندر (محل) ۾ مونسان گڏجي هل جنهن ۾ سڄڻ رهندو هو. ڪو منوا ڪر اُتي لڳو پيو هوندو.

شاهه: ١- وانءُ وڃي وائٺ، هيڙا ماڳه پرين جو،
چمڻو چم چائٺ، هوءِ جا سنڌي سڄڻين. (سامونڊي)
(وائنڻ=جاچي جوُچي ڏسڻ)
٢- پسيو آسڻ اُنجا، اوچنگارون اچن (رامڪلي)
٣- ماءُ! ماڙيندم اُنجا، اُڏيا ماڳه محل (رامڪلي)
٤- اکيون اوتارا، پسيو روئن پنهونءَ جا (سسئي)
٥- آيل ڍولئي ساڻ، هند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.
(سامونڊي)

١٨١- سيڻان! پانکان پريم کي، تڏن اب ڀري تانت،
نيڻ ڪُرنگئه جيوُن ڀهئه، لڳئه ڏينهن نهن رانت.

ساجن! تو هينئر پريم جون ٽڪڙيون ڀريون آهن (سو ٽڪڙو پيو وڃين)؛ منهنجا نيڻ ٻه هرڻ (ڪرنگي) جيان پيا ٽڪا ڏورن ۽ نه ڏينهن نه رات، لڳن ٿا.

شاهه: جئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هو پڳه نه ڏري پنئين، هو ڏڙ سو ڏري نه ساهه. (ديسي)

١٧٦- ڍولئہ چاليئہ، هي سکي! ٻجيا دمامان ڍول،
مالوٽي ٽڪني ٽجيا، ڪاجل، ٽلڪ، تنبول.

سکيون! ڍولا هليو ويو. ڍهل دمامان پيا وڄن، مالوٽيءَ ٽڪي (سهاڳ جا نشان) ٽجيا آهن: ڪجل، ٽلڪ ۽ پان.

ميران: ڪاجل ٽيڪي هم سب تياڳا، تياگيو چهه باندن جوڙو

شاهه: ١. اکيان ڪاجل موهيان، ٽلڪ ڪسي پرپنگ.
(ڍولا مارئي)
٢. گهر مهارا گهوريا، سرهو مون نہ سهاءِ. (مومل راڻو)
٣. ڍولي ڍيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهه ۾.
(ليلان چنيسر)

١٧٧- سڄڻ چاليا، هي سکي! واڄئہ واڄا رنگ،
جڻ واتئہ سڄڻ گيا، سا واتڙي سرنگ.

سکيون! سڄڻ هليو ويو. رنگ رنگ جا واڄا پيا وڄن. جنهن وات تان سڄڻ ويو، سا وات سرنگ، سٺي رنگ جي ٿي پيئي آهي.

شاهه: اڄ آريءَ جام جو، وڻ وڻ منجهان واس. (سسئي)

١٧٨- سڄڻ چاليا، هي سکي! نيٽي ڪيئو سوگ،
سر ساڙي، گل ڪنڇوءَ، هوءِ نڇوڙڻ جوگ.

سکيون! سڄڻ هليو ويو. نيڻن سڀ ڪجهه پسائي ڇڏ... آهي. مٿي جي ساڙي ۽ گلي جي ڪنڇڙي، نپوڙڻ لائق ٿي پيئيون آهن.

شاهه: ١. ويو ٻاروچو ڪري، هاڻي ڪريان ڪيئن. (حسيني
٢. اچا رات رتوم، ڪونڌ ڪوهياري ڪنهن جو،
پيهر پچايوم، سياڻي سورن سين.

ميران: تہ ڳڻونت ٻڙي ڳڻساڳر، مٿن هون جي اوڳڻهارا.
شاهہ: ١- سڪ تنهنجي سپرين، جڻن تران لڻن تار (سهڻي)
٢- ڳڻ ڳڻيان ڪيترا، تورن مٿو ناهہ ڪو. (رپ)

١٨٦- **سڄڻ ولي، ڳڻ رهي، ڳڻ ٻيي وَلِڙهار،**
سوُڪڻ لاڳي ٻيلڙي، گيا جہ سِينڄڻهار.

سڄڻ ويو، سندس ڳڻ رهيا؛ هاڻ ڳڻ بہ هلڻهارا ٿيا آهن.
هيءَ ول سڪڻ لڳي آهي ڇو تہ پاڻي ڇڻڪارڻ وارو ويو هليو اٿس.

شاهہ: ١- سيئي جوين ڏينهن، جڏهن ساٿي سفر هليا (سامونڊي)
٢- ساٿُ ڇليا تڳہ رهيا، تڳہ ٻيي ڇلڻهار،
آئي اُسڪي وار، جوساڃي ڪون جوناڪهي. (بيراڳہ)
٣- جايون، ڳل جبات وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا (مومل راڻو)

١٨٧- **اي واڙي، اي باوَڙي، اي سر- ڪيري پال،**
وَءِ ساڄڻ، وَءِ ڏِينهڙا، رهي سنيال سنيال.

هيءَ ڦلواڙي، هي تلاءُ، هيءُ تلاءَ جو ڪپ؛ هو ساجن ۽ اُهي ڏينهڙا، سنڀاري سنڀاري رهي آهيان.

شاهہ: پسيو آسڻ اُنجا، اچي نہ آرام. (رامڪلي)

١٨٨- **سوُنِي پَڙي رِڻيهہ، جويئہ دِس جاتان- تڏي،**
جاڳي هاٿ مليهہ، وِلَڪي هوُئي ولها!

سُتي پئي، پيئي رڙي. جنهن طرف پولا ويو اهو طرف پيئي ڏسي، پيئي جاڳي ۽ پيئي هٿ ملي چوي: "تہ ولها! تو بنان آءُ ڏاڍي وياڪل آهيان.

ميران: پيہ ڪو پنت نهارت، سڳلي رئڻ ٻهاني هو.
شاهہ: مٺي واڙين، نيڻ نهارا مون ڪيا. (ڏهر)

١٨٢- پرينم هُونئِي باهرِي، ڪوڙِي هيِ نہ لهانءِ،
جب ديکُون گهر آنگڻہ، لاکي مُول لهانءِ.

پرينم باهر آهي تہ ڪوڙِي نہ لهان؛ جي گهر اڱڻ هجي
تہ لکہ لهان.

شاهہ: جي گهر اچين مون، تہ مير يائي مان لهان (ليلان چنيسر

١٨٣- سجڻيا وَولاءِ ڪئہ، گڏڪي چڙدي لهڪَ،
پريا نينڻ ڪنور جئن، مُنڌا هئي ڍهڪَ.

سجڻ ويو اُن مهل آءٌ ڪڙي ڪڙي محل ۾ مٿي چڙهي
ويس. منهنجا نيڻ ڪنورن وانگر پرجي پيا. هيءَ منڌ ڏاڍي
ڏهڪايل هئي.

اسحاق: تيان مان جهڙڪَ، وهان پريان جي چڇ تي،
مان چون پرڪَ، بولي ٻاجهارو مونسين.

١٨٤- هيءَ ري جيو نلج ڏون، بڪسيئہ جات نہ نوهہ
پريہ بڇڙت نڪسيئہ نهين، رهيئہ لجاوڻ موهہ

هاء ري نرلجا پراڻ! توکان نڪتو ڇو ڪين تو تئي؟ پري
وڇڙيو تڏهن تون نڪتين ئي ڪين - رهئين مونکي لڄائڻ لاء

ميران: پند مان سُون پراڻ پت، نڪس يون نهين جات

شاهہ: ڪاڻيون، لونيون اکيون، ڪنيون ڪين ڪڇن،
منيون مانت نہ ڪن، هنيون رهن هوت ري (حسين

١٨٥- سجڻ گٺي سمندر نون، ترتر ڌڪي تيڻ،
اوگڻ ايڪ نہ سانيرءِ، رهون ولنيي جيڻ.

سجڻ! تون گڻن جو ساگر آهين. آءٌ منجهس تري تري
ٿڪجي پيئي آهيان. آءٌ توسان جڪڙيل آهيان، سو تنهنجو
هڪ اوگڻ بہ ياد نہ تو پويم.

٢- جيڪا ڪندي نينهن، مون جئن ٻاروچن سين
انگن چاڙهي انگ، روئندي سا رت ڦڙا. (حسيني)

١٩٢- تم مت جاڻو پريت گئه، دور وسايئه واس،
نيڻ وِڇوها پر گيا، پراڻ تمهاري پاس.

ڍولا! تون ائين نه سمجھ ته چاڪاڻ ته وڃي دور ديس وسايو اٿيئي تنهنڪري منهنجي پريت ويئي. نيڻن لاءِ برابر وڇوڙو آهي پر پراڻ جو تو وٽ آهن!

شاهه: جي چِٽڪن چت مر، سي ڪئن سڄڻ دور؟ (آسا)

١٩٣- ڍولا وليئه، هي سکي! جڻڪي ٿي هون داس،
ڍَهي ولويا گهي لِيا، مجھ ڪُون ڪر گيا چاس.

سکيون! ڍولا جنهنجي آءٌ داسي هيس سو هليو ويو. ڍهي ولوڙي، گيهه ڪاڻ ڪڍي ويو ۽ مونکي ڇاڄ بنائي ڇڏي ويو.

١٩٤- چوٿي ويکه نه آپڙان، لانبي لاج مريهه،
سيڻ وٿائو والري، لنبئه ساڏ کريهه.

ننڍيون وکون کڻي پهچي نه سگهان. لنبي وک کڻندي لڄ پيئي مران. وانهرو سيڻ ويا هليا ۽ پويان هيءَ لنبا شبد پيئي اچاري، ورلاپ پيئي ڪري.

١- ”نه پڄڻ لڄ مران“ (ڪيڏارو)
٢- واڪئو واڪئو وک، پا ٻوهيو پير کڻي. (ديسي)

١٩٥- ساڏ کري کم دور هيءِ، پُل پُل ٿڪي پانوَ،
سيٽي گهاتا وئيا، وئر جه هوئا واوَ.

شبد ڪرڻ، آواز ڪرڻ کان دور آهي. هلندي هلندي

١٨٩- رُونِي چڙهي رڙيھ، جويئہ ڏسِ جانان ٽٽي،
اُپِـي هــاٿ مليھ، ولـکِي هــوئـي، ولها!

رونـي مٿي چڙهـي ۽ پيئي رڙيون ڪري. جنهن طرف
ڍولا ويو ان طرف پيئي نهاري. اُپي ٿي پنهنجا هٿ پيئي
(افسوس کان) ملي؛ ولها! ڏايي ويا ڪل اُٿيئي!

ميران: پنت نهارون ڊونگر ڀارون، اُوپي مارگہ جوء.

شاه: ١- اکيون پار پرين جي، گام نهارن گس. (مارئي)
٢- روئڻ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري (حسيني)
٣- آيل ڍولي ساڻ، هوند گڏ لڳي ڳالهيون ڪريان.
(ساموندي)

١٩٠- ڀلي پريت لڳاءِ ڪي، پڇي چورايو چِت،
راهي ڪيرا رُوپ جُون، ٽيُون مَهن گھوڙا چت.

ڀرين برابر مون سان پريت لڳائہ پر پوء (هن نموني)
منهنجو چت چورائہ. تون نہ راهيءَ، ياتريءَ جو رُوپ اختيار
ڪري نڪتين پر منهنجي گهٽ اندر گهوڙا هڻي وئين.

شاه: ڪہ تو ڪنين نہ سنا، جي گهٽ اندر گهوڙا؟ (ڪلياڻ)

١٩١- جو مئن اِنهج جاڻتي، پريت ڪِيئہ دکہ هوءِ،
ديس ڍهائي ڦيرتي، پريت ڪرو مت ڪوءِ.

جي مونکي اِها جاڻ هجي ها تہ پريت ڪرڻ مان ڏک ٿيندو
آهي تہ ديس ۾ ڍنڍورو ڏيار يان ها تہ ڪوبہ پريت نہ ڪري.

ميران: جو مئن ائسا جاڻتي ري، پريت ڪيان دکہ هوءِ
نگر ڍنڍورا ڦيرتي ري، پريت ڪرو مت ڪوءِ

شاه: ١- جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جڏن پوندي ماري.
(حسيني)

١٩٩- "سالهہ کنڌر! سوُڙ کهڻہ، مالوڙي مُکہ جوءِ،
"پراڻ تجيسي پدمڻي، لَڳيڻ ديسيڻہ لوءِ."

چتونءَ کي جيڪي مالوڙيءَ مکہ ۾ وڌو آهي سو وڃي
اُو سالهہ کمار (ٻولا) کي چئي ٻڌائي تہ "تنهنجيءَ پدمڻيءَ
پراڻ تجيا آهن، لوڪ توکي نند ڀيندا. (نہ تہ موٽي هل)."

٢٠٠- سوُرا، سگڻ جہ پنکيا! مهانکئہ کهيڻہ کريج،
نوَ مڻ چندڻ، مڻ اگر، مالوڙي داگيج.

ٻولا: "سوڙا! سڳڻ وارا پنکي! منهنجو چوڻ ڪر؛ نو
مڻ چندن جا ۽ هڪ مڻ اگر جو وٺي وڃي مالوڙيءَ (جي
مڙهہ) کي چکيا تي چاڙهہ."

ميران: اگر چندن کي چتا بڻائون، اپني انگ جلا جا.

٢٠١- سوڙا، سگڻ ج پنکيا! مهانکئہ کهيڻہ کريهہ،
سائـي ديجهو سجڻان، مهان سامهان جو ايهہ.

ٻولا: چتون! سڳڻا پنکي، منهنجو چوڻ ڪر؛ سڄڻ ها بت
جيڪو شوڪ مونکي ظاهر ڪرڻو آهي، سو مون بدران
تون ڪج."

٢٠٢- ٿي سڌاوءِ، سِڌ ڪرءِ، پوُجئہ ٿانکي آس،
ويچڙتان هيِ مـاڻسان، ميلئہ ڏيئہ اُلهاس.

چتون: "اُنـي وڃي، اُني جي ماڻهن جي خواهش سڌ
ڪري؛ پنهنجي آس پوُري ڪري پوءِ اچي وڇڙيلن ماڻهن
سان ملي کين الاس ڏي، خوشي ڏي."

٢٠٣- رهہ، نيماڻي! مان ڪر، سيڻان ويڻ نہ ڪٿ،
جيان پَگـ ديڌا پاگرهہ، واگـ اُوانهي هٿ.

چتون: "رهہ نماڻي! مان ڪر؛ سڄڻ کي ويڻ نہ

پير تڪجي پيا آهن. پر پتم گهات اُڪري ويو هليو، واءِ ج
ويري ٻٽيو! (ساد = شبد = آواز)

شاهه: ١. چوٽون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ جا پير (ديسي
٢. آءُ اورانهون سهرين؛ وچ م اڳاهون
ٽڪي ڪٽي ترڻ پر، ٻاڪاريو ٻانهون. (سسئي
٣. واءَ وڄايم سو، پنيءَ جنهن پيڙ ڪريان. (سسئي

١٩٦- چندا! تون ڪِڻ ڪانڌ ڪيئه، مو ڪنڌ ڪري ڪرتار
پرٖيتم پوُرءُ اُوگسي، آونتئه اَوتار

چنڊ! تون ڇو ٽڪرو ٿيو آهين؟ مونکي ته ڪرتار ٽڪر
ڪيو آهي. تون پوئم رات ورِي سڄو اُڀرندين. باقي آءُ
وري ٻيءَ حياتيءَ ۾ ئي سڄي ٿي جمنديس.

شاهه: ڪڏهن اُڀرين سنهڙو، ڪڏهن اُڀرين ڳڄ (ڪنيات

چٽونءَ جي چترائي.

١٩٧- "سڻ سوڙا!" سندر ڪهئه، "پنکي! پڙ گن پال
پريتم پوُگل پنٿ سر، ڪِم هي پاڇؤ وال

مالوڻي: "سوڙا! سر سان ڳائيندڙ پنکي! تون پاڙي
جو ننگ پال؛ پريتم آهي پوُگل جي رستي تي، ڪئن ب
وٽي واپس ورائيندس. (پڙ = پاڙو؛ گن = نگ = ننگ)

شاهه: ١. ويا جي ولات، سي اُڏامي آڻ پرين. (پورب
٢. ڪانگل! سيئي ڪوٺ، پرين جي پرڏيهه ويا. (")

١٩٨- "سوُوا! ايڪ سنديڙءُ، وار سريسي تُجهه،
پريتم وانسئه جاءِ نئه، مُئي سٽاوي مُجهه.

مالوڻي: چٽون! هڪ سنيهو آهي جو تون ئي ڏ
سگهندين. پريتم وٽ وڃي سڻائينس ته مالوڻي مئي آهي.

مونکي چڏي، پاڻ ڪڏي وئين پوءِ. (هٿ=پلو، وڻ=ٻنان پرهر ياهه=ڇڏي وئين).

شاهه: ١. پلي ڪيئي، پلا پرين! هئن نه مناسب هوءِ،
لاءِ ٿي ڇت چرپو ڪري، پاڻ ڪڏي وئين پوءِ،
توٽي حب نه هوءِ، نه ٻه هوت نه ڪجن
هيڏيون. (پرو)

٢. ٻولا ڪهاڙيان، ٻولا ٿيو ٻوڏ چئين؟ (ليلان چنيسر)

٢٠٦. بانوَل ڪانءِ نه سرجيان، مارو منجهه ٿلانهه،
پريتم بايت ڪانبڙي، قل سبونت ڪرانهه.

ورڌاتا! مونکي مارو ديس جي تر ۾ ٻٻر جو وڻ ڪري چو ڪين سرجيئي، اتي پريتم ڪا ڪام (ڇڙي) وڍي ها ۽ ويڍيندي پنهنجا هٿ ڇهيم ها ۽ اهو قل مليم ها. (ٻانول=ٻٻر)

شاهه: ڪالي لکي م تئي، مر منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا. (ڪلياڻ)

٢٠٧. سانول ڪانءِ نه سرجيان، آنبر لاگه رهنت،
واٽ چلنتان چلنتان سالهه پرو، اُوپر ڇانهه ڪرنت.

ورڌاتا: مونکي ساوڻ جو بادل ڪري چو ڪين پيدا ڪيئي ته مان انبر ۾، آڪاس ۾ لڳل رهان ها ۽ پيارو سالهه جنهن واٽ تان لنگهي ها تنهن مٿان ڇانو ڪري بيهانس ها. (سانول=ساوڻ جو بادل)

شاهه: ١. بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪرين. (سارنگ)
٢. ٻولي ٻڪي آهيان، هيس اگهاڙي آءٌ،
رکي پنهنجو ناءُ، ڪکر ڪيا ئر ڪاڪ جو. (مومل راڻو)

٢٠٨. سڄڻ آلگا تان لگئه، جان لگه نيٽي دنَّ،
جب نيٽان هوُن بيڇڙي، تب اُڙ منجهه پئنتَّ.

ڏي. (اهو ڪرتار) جنهن سندس پير پاڪري ڇني رکيا آهن، واڳه به انهيءَ جي هٿ ۾ آهي (اهوئي واپس ورائيندس)."
شاهه: ١. اٽ ڪانهي ٻي واهه، واڳون ڏڻين جي هٿ ۾ (دهسي)
٢. واڳه ڏڻين جي هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪرهل ڪاهيان.
(ڪنيات)
٣. ويڻ ۾ ورائيج نه سيءَ در سهاڳي ٽين (يمن ڪلياڻ)

مالوڙيءَ جا آخرين ورلاپ

٢٠٤- صاحب! تنجهه سنيهڙءَ، پريت- نٽي پٽ جاءِ،
جل ڪَڻ هِي جاڻنَه نهين، مَڇّه مرءِ کَڻ مانءِ.

مالوڙي: "صاحب! تنهنجو سينهه، پريت- پڻي جي پت ٿو وڃائي- مڇ (جل بنان) ڪن ۾ مري وڃي، پر انهي جل کي ڪن ماتر به لکه ڪا نه پوي!"
ميران: پاني پيڙ نه جاڻئي، مِين تلڦ مر جاءِ.
شاهه: هٿ سڪڻ بي عدد، هٿ پريڻءَ پرواهه ناهه ڪا (آسا)

نوٽ: هندي ڪوتائن ۾ پريڻءَ جي وڇوڙي سان مڇيءَ پاڻيءَ کان ڌار جي تشبيهه گهڻو ڪتب آندل آهي. شاهه سر ڏهر ۾ مڇيءَ ۽ پاڻيءَ جي تمثيل پنهنجي نموني ۾ ڪتب آندي آهي.

متو آهين مڇ، تلهو ٿسو ٿوُنسا هڻين،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاڻيءَ پيا ڏيهڙا.

٢٠٥- هٿ وِڻ پيارا سڄڻان، چل ڪر چيترياهه؛
ٻهلي لاد لُداءِ ڪر، پساچُم پرهرياهه.

پيارا سڄڻ! تون منهنجو پلو ڪو نه ٿو ڇاهين. چل ڪري جدا ٿي وڃين. ٻهرين لاڏ سان لڏائي، (چت چريو ڪري

۲۱۱. ڏيسَ وِرنگئہ، ڍولڻا! ڏُکِ ھُيا اِھان آءِ،
مـن گمتا پـاميا نھين، اُونڪنالا ڪـاءِ.

ڪرھو: ڍولڻا! ھيءُ ڏيس ڏاڍو اُڻانگو آھي. ھتي اچي ڏاڍو ڏکي ٿيو آھيان. دل گھريو (ڪاچ) مليئيَ ڪونہ ٿو، (رڳو) اڪ ڪنڊيرڙي، ڪرڙ پيو کاان.

۲۱۲. ڪرھا! نيروُ جئہ چرءِ، ڪنڊالئہ نئہ ٿوڪ،
ناگرويل ڪھان لھئہ، ڻارا ٿو بـڙ جوگ؟

ڍولا: ڪرھا! تون چر نيروُ، ڪنڊا ۽ ٿوڪ، (جيڪي ھٿ اچيئي). تنھنجي توبري لائـق آھي ناگرول، اھا ڪٿان لھندين؟

شاھہ: وليون واس ورنيون، چانگي کي چاري. (مومل راڻو)

۲۱۳. ڪرھا! نيرو سوءِ چر، واڻ چلنئہ پوُر،
دِراکہ وِجئرا نيرتي، سو ڏڻ رھيءِ س دوُر!

ڪرھا! اِھو نيروُ چر جيڪو واٽ تي ھلندي ھٿ اچيئي. اھا ڏڻ (ڏياڻي) جيڪا ڌاکہ ۽ بيجورا ڪارائيندي سا اڃا پري رھي.

شاھہ: آڪون، ڌاکون، سرڪنڊ شاخون، جت چوکا چندن ڪونر. (مومل راڻو)

۲۱۴. سڻ ڍولا! ڪرھئہ ڪھئہ، مو من موتيِ آس،
ڪئرا ڪونپل نوَ چرُون، لنگھڻ پڙءِ پڇاس.

ڪرھو: ٻڌ ڍولا! منھنجي مـن ۾ ہ موتي آس اٿيئي، ڪنڊن وارن وڻن جا چوُپا آءٌ ناحق ٿو چرانءِ، توڻي ڪٿي پنجاھہ لنگھڻ ڪيڏا پونم.

ڪبير: جاڻئن جي ھرڪئن پڇئن، مو من موتي آس.

سڄڻ الڳ ٿيسين تو لڳي، جيسين نيڻ ڪيس ڏسن ٿا؛ جڏهن نيڻن کان وڇڙي ٿو تڏهن ته اُره (ڇاتيءَ ۾) پيهي ٿو وڃي.

شاهه: ١. ڪيئن سڄڻ تو سپرين، نهاري نيڻن،
پرين سي پسن، ٻئي جنين ٻوٽيون. (آسا)
٢. جو اکيون اوڏو آهه، سو پرين پرانهون م چوءِ. (سسئي)
٣. رهيا آهن روح ۾، نت جنين جا نيڻ. (ڪنڀات)
٤. سي سڄڻ هون نه ڏار، جي هينئڙي ۾ حل ٿيا. (سهڻي)
٥. تون ئي رهيو روح ۾، تون ئي اکين ٻهار. "
٦. سو ٿان توهين ساڻ، جنهن لاءِ جفائون ڪرين. (سسئي)
٧. نانئين نيڻ نهار، ته تو ۾ ڏيرو دوست جو. "
٨. ڇرن، ڇٽڪن ڇت ۾، سي ڪئن سڄڻ دور؟ (مارئي)
٩. اکين ۾ ٿي ويهه، ته توکي واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه ڏسان ڪي ٻيو. (آسا)

ڪرهو ۽ ڍولا اڙاولي گهاٽ وٽ

٢٠٩. مالوٽي اِلٽ وِڏ گهٽنءَ، وِرهه وِڪل وِلپنت،
ڍولئه پوُگل پنت سر، آٽند اَڏڪ ڪڙنت.

مالوٽي، انهيءَ رات، برهه ۾ گهٽو وياڪل، ورلاپ پيئي ڪري. (هوڏانهن) ڍولو پوگل جي وات تي، وڏي آنند ۾ پيو وڃي!

٢١٠. ڪرها! پاٽي ڪَنجِ ٻِيءَ، تِراسا گهٽا سهيس،
چيلِريَئه ڍُوڪس نهين، پِريا ڪيٿ لهيس؟

ڪرها! (هتي) پاٽي ڪٿي پيءُ؛ (اڳتي هلي) ڏُهٽي اُ سهٽي اٿيئي. چيلڙ (ڍٻا) تن اڳيان توں ڍڪين ڪين، پر لاءِ ڪٿان لهندين؟

٢١٩- ڍولا! مـوڙا آوِيَئہ، گَئہ بـالاپـڻ ويس،
اب ڏڻ هوئِي ڪورڙي، جائي ڪها ڪريس؟

چارڻ: ڍولا موڙو آيو آهين، دير ڪري ڇڏي اٿيئي؛ ٻالپڻ جا ڏينهن ويا؛ هاڻ اِها ڏڻ، (استري) ٿي وئي آهي ڪوڙيءَ، ورڻ، سو وٽس وڃي ڇا ڪندين؟

٢٢٠- ڪرها! ڪهہ ڪاسُون ڪران، جو اِي هئَي ڄڪاهہ،
ٺـرور- ڪيرا ماڻسان، ڪاسُون ڪهسبان جاهہ؟

ڍولا: ڪرها! ڇئہ، ڇا ڪريان، هيءَ جا ويڻن ٿي آهي؟ ٺرور جي ماڻهن کي (واپس) هلي ڇا چئبو؟

ويسو ۽ مارئي روپ ورڻن

٢٢١- ڏُرجنِ- ڪيرا بولڙا، مت پانتر جئہ ڪوير،
اَڻ-هُنتي، هُنتي ڪهئہ، سگلي ساچ نہ هوير.

ويسو: ڏرجن (خراب ماڻهن) جي چوڻ تي متان ڪو پاترجي، گمراهہ ٿئي! اڻ هونديءَ کي اهڙا انسان هوندي ڪوٺيندا ۽ جيڪي چوندا ان ۾ سچ اصل نہ هوندو.

٢٢٢- ڏئي ورس ري ماروي، ٿِرهَن ورسان رءُ ڪنٿ،
اُڻَ رءُ جوبن بهہ گَيَئہ، ٿون ڪئَن جوپنوَنٿ؟

ويسو: ڏيڍ ورهيہ جي (هئي) مارئي، (جڏهن) ٿن ورهين جو هئو سندس ڪانڌ. جي هن جو جوبن ڍهي ويو تہ ٿون ڪئن جوپنونٿ چئبين؟

٢٢٣- مارُو گهُونگهٽ ڍڪ ڪَئَن، ايتا سهت پُٽند،
ڪيِر، پِمر، ڪوڪل، ڪمل، چندر، گينَد، مينَد.

٢١٥- ڪرها! لنب- ڪراڙئا، بي بي آنڱل ڪُنَّ،
رات جه چِينهي ويلڙي، تنڻ لاڪيٽي پَنَّ؟

ڍولا: ”لنبي ڳچيءَ وارا اُٺ! ٻه ٻه آڱرا تنهنجا ڪن رات جيڪا ول چٽيءَ تنهنجا پن ڪين لاڪيٽا هئا؟“

شاهه: ڊو ڊستي ڊو ٻير، سيني سگهر رڪ جي،
ماءِ منهنجي ڪرهي، ٽازي ڦلن هير. (ڪيامت

٢١٦- ڪرها ديس سهامڻيءَ، جي مُون ساسرواڙ،
آنب سَريکئه آڪ ڳڻ، جال ڪَرِيران جهاڙ.

ڍولا: ”ڪرها! منهنجو نه جيڪو ساهڙو ديس آهي سو ڏاڍو وڻندڙ اٿيئي؛ اتي جي اڪن کي تون انب ڪري سمجهج؛ اتي جي جار کي تون جهاڙ (وڻ) ڪري ڄاڻج.

٢١٧- اُجّل- ڏنتا گهوٽڙا! ڪرهئه چڍيئه جاهه،
ٽمّن گهر منڌ ڪ نيهوڙي، جي ڪارڻ سي ڪاهه؟

چارڻ: ”سفيد ۽ صاف ڏندن وارا گهوٽڙا! اُٺ تي چڙهي پيو وڃين؛ گهر ۾ ڪا نينهن واري منڌ اٿيئي جا جنهن ڪارڻ سيءُ سهندو پيو وڃين؟“

٢١٨- جئه رُنڪان مارو هُئي، چوڊئه پڙيئه تاس،
ٽئه هُنتي چندءُ ڪِيئه، لئه رَچِيئه آڪاس.

ڍولا: ”هائو! اها منڌ خبر اٿيئي ڪير آهي ۽ ڪٿي ٻڌي؟ هڪ وڻ تان چوڏو هيٺ ڪريو؛ ور ڏاتا ڪيس ڪٽي منجهانس چنڊ جوڙي، آٽي آڪاس ۾ ڪڙو ڪيو؛ اهو چنڊ اٿيئي منهنجي مارئي!“

نوٽ:- ٻوئين بيت جي پهرين مصرع سان، ٻئي هڪ
ڍولا-مارو دوهي جي هيٺين ٽڪ کي ڪجهه ملي ٿي:-
"ڍنڍيءِ سڙُ تا سِپ جيئُون، ڪنجي ڪيءِ ساهه."

٢٢٧- پِيَ پِيَ ناهه، نسَنڪ پِيِ، آنگ سُون آڳ لڳاءِ،
ڪِلِي جه ڪاچِي ڪيتڪي، پِهرُ نه پاڳي آءِ.

هوءِ ڏينيوءَ (پيپ يا پِڙ) جهڙو ڏينيو ڪين اٿيئي؛ بلڪل
ڍِ پن ڏينين جي ماناري جيان اٿيئي؛ انگ کي لڳئه ته
آگ سلگائي ڇڏيندءِ؛ گلن جي ڪچي ٽاري، تنهنکي ڏوڙ
، متان ڏينيو نه اُڏامي اچي وڃئي!

شاهه: ١- نين سقيلا سپرين، پونر پرون پارا. (ٻروو)
٢- رمون ناهه نسنگ، رمون اُراُرسين لاءِ،
قلان پري ٽارڙي، پورا پگي نه جاءِ. (ڍول مارئي)
٣- جنهن تڙ ڏورون ڏُون، ڇتا چندن چڪ ڪيو،
اڇن پنور پنيوليا، پاٽيءَ تنهن پون،
راول رنو رون، ڪا وه لڳي واسئين. (مومل راڻو)

٢٢٨- مارُو اَت گهڻ پتلِي، پانَ قرڪئه کاءِ،
ناهه ڏڙ کيِ پيڙنان، متَ مُڏ کڙڪئه جاءِ.

مارئي تمام گهڻي پتلي اٿيئي؛ جڏ ته پان جو پتو پيو
ڪي؛ ڏرتيءَ تي پيڙ سان نه هل، متان منڌ ڇڄي اُڏامي
وڃي!

شاهه: ١- سيپ پتائي پاتلي، ڏوہو ڏاج نه ڪاءِ،
ڪريهر جئسي ڪامڻي، هات لڳي مرجاءِ. (ڍول مارئي)
٢- ڍولا! مارو اَئسي پاتلي، جئسي رين ڪجور،
منهن ميٺي، گڙ گٽي، توڪئن ڇڏي دور؟ (")

مارئي نه تون رڳو ڪٽي گهونگهٽ ۾ ڏسين ته به هيتر
گهڻا گڻ جيڪر منجهس ڏسين: چتونءَ (ڪير) جا، پونر جا
ڪويل جا، ڪنول جا، چنڊ جا، هاٿيءَ جا، شينهن جا.

٢٢٤- پرمَنَ رنجن ڪارڻه، پيرم ۾ داڪس ڪوءِ،
جيهي ڏيٺي مارئي، تيها آکڻه موهه.

ڍولا: ”پرائي من کي خوش ڪرڻ لاءِ، ڪنهن کي به ير
واري، غلط ڳالهه نه چوڻ گهرجي. جهڙي تو مارئي ڏٺي
هجي، تهڙي مونکي چئي ٻڌاءِ.“

٢٢٥- گت گنگا، مت سرستي، سيتا سيل سڀاءِ،
مِلان سرهر- مارئي، اَور نه دوجي ڪاءِ.

سندس گت (هلڻ) گنگانديءَ جهڙو؛ مت سرسوتي
جهڙي؛ سيل سڀاءُ سيتا جهڙو؛ ٻين استرين جي پيٽ ۾
مارئيءَ جهڙي ٻي ڪا آهي ئي ڪانه..

٢٢٦- ڏينبوءُ لنڪ، مرال گيهه، پڪ- سر ايهي واڻ،
ڍولا! ايهي مارئي، جيها هنج نواڻ.

چيله ڏينبوءَ جهڙي (سنهي) هلڻ هنسڻيءَ جهڙو، واڻ
پڪ (ڪويل) جي سر جهڙي؛ ڍولا! مارئي اهڙي اتيئي
جهڙو نياڻ (حوض) ۾ هنج.

شاهه: ١- سنئين لڪ، نڪ سنئين، ڪجل ڀنڻ نيڻ، (سامونڊي
٢- ڏيبوءَ لڪ، مڏاڙ ڪر، لسڪر جيسي لڪ،
سر وسسو، نيسرو، مارئيءَ پاسي لڪ. (ڍول مارئي
٣- ارسو نگانهه سپيان، ڏند نه ٻنيهه ٻاڻ،
ڍول تمهاري مارئي، جئن سان هنج نياڻ. (ڍول مارئي

شاهه: اُر اُر سو لگا ٿهه سپيان، نيڻ نه منجهو منجهه،
ڍول تماري مارئي، هٽي ڪٽندا هنجه. (ڍول مارئي)

٢٣٣- اُر گيهه ور، نئه پگه پهر، هالنتي گيهه هنجه،
مارو پاريواهه جيون، آنکي رتا منجهه.

ها تيءَ (گيهه = گج) جي منهن ۾ جيڪو ور، گول آهي، تنهن سمان آهي، سندس اُرهه (ڇاتي)؛ پير اٿس پوٺر جهڙا (ڇوجو هلي ٿي ته پيرن ۾ پيل ڇير پوٺر جيان گونجي)؛ ڍولا- مارئي اهڙي مٺي اٿيئي جهڙي مٺي ڊک.

شاهه: گنير گت سکن، چلڻ جي چاهه پئي. (سارنگ)

٢٣٤- تيتا مارو مانهه گڻ، جيتا تارا آڀَّ،
اُچل- چِتّا ساجڻان، ڪهه ڪِيئَن داکئه سپّ؟

جيترا آڀ ۾ تارا آهن، اوترا آهن مارئيءَ ۾ گڻ. چنچل چت وارا، قوِٽا گهرٽا ساجن! چؤ، سيپئي ورنن ڪري ٻڌايانءِ؟

٢٣٥- ايڪڻ جِيڀ ڪسا ڪهون، مارو روپ اَپار،
جي هر دِيئَه نه پانميئه، اُديئه اِڻ سنسار.

جيڀ اٿم هڪ ۽ مارئيءَ جا روپ آهن اپار، سو سيپئي ڪئن ورنن ڪريان؟ جي پرماتما هن سنسار ۾، پنهنجيءَ رضا سان (اهڙي چيز) ڏئي تڏهن ئي نصيب ٿئي.

سوُر داس: رسنا ايڪ، انيڪ سيام- گن، ڪهن لگ ڪرونءِ بکانوُ

شاهه: پريم! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي، ڪهڙا چوان. (ڪنياٽ)

٢٣٦- ويسوُ! سڻ، ڍولئه ڪهئه، هِوَ ڪڙ پوُگل جات،
ديهه وَڏائي دِن ٿڪئه، مهي آئيسان رات.

ڍولا: ويسوُ! ٻڌ؛ هينئر ڪڙي ٿڙي پوُگل وج. ڏينهن

٢٢٩- سندر سوَن-ورن تس، آهر اَللّٰا رنگه،
کيسر لنکي، کبڻ-کت، ڪومل نيتر ڪرنگه.

سندر = سون ورني، لب سندس لال جهڙا گلال؛ چيله
سندس شينهن سمان ڪيڻ ڪت واري؛ نيتر سندس ڪومل
جهڙا ڪرنگي جا، هرڻ جا.

شاهه: سون ورنيون سوڍيون. (مومل راڻو)

٢٣٠- آدي تان هون اُوجلي، مارُوئي مکه ورن،
جهيڻا ڪپڙ پهرئه، جاڻ جهنڪئه سوورن.

سڄ ڪان به وڌيڪ اُوجل آهي مارُئيءَ جي مکه جو رنگه.
جهيڻا ڪپڙا پهري ته جڻ پنيان سون پيو ٻهڪي. (سون = س
= سنو ۽ ورن = رنگ).

شاهه: "سون ورنيون سوڍيون" (مومل راڻو)

٢٣١- تل پُورا، وَن جهنڪرا، نهين س چنپئه جاءِ،
گُٽي سگندي ماروي، مهڪي سهه وڙاهه.

تر ملڪ، واريءَ سبب ٿئي پورو؛ اتي وڻ ٿين جهنگلي
بوٽن سمان؛ چمپا گل جي لئه اتي جاءِ ئي ڪانه آهي؛
مارُئيءَ جي گٽن جي سگند ئي اهڙي آهي جو سارو وڙاه
خوشبودار ٿي پيو آهي.

شاهه: اڄي آڙيءَ جام جو، وڻ وڻ منجهان واس. (سسئي

٢٣٢- اهر، پيوهر، دءِ نيڻ، ميئا جيها مکه،
ڍولا! ايهي مارئي، جاڻي ميڻي دَکه.

سندس چپ، ڪنچ ۽ ٻئي نيڻ، ماکيءَ جهڙا مٺا آهن
ڍولا! مارُئي اهڙي مٺي ائين جهڙي ڊاک.

شاهہ: ١. ڪرها! توکي ڪام، مون سڄو پسي سڄيي،
مان پروري مام، ساڳاهي سئين ۽ وهين. (ڪنڀات)

٢٤٠- ڪرها! وامن روُپ ڪر، ڇهن چالٽي پگہ پوُر،
توُن ٿا ڪئہ، هوُن اُسنئہ، پئن پاري، گهر دوُر.

پولا: ڪرها، واءُ جو روُپ ڌار ۽ چار ئي پير دٻائيندو هل
تون برابر ٽڪو آهين، پر آءٌ نہ اڃي اوُسنو آهيان (پارو ئي
ويو آهيان)؛ اڃا پون ۽ گهٽي آهي ۽ گهر دور آهي.

شاهہ: ١. رات سهائي، پون سئين، پرت نئين، پنڌ پور،
ميا! محبوبن جي، هلي وان ۽ حضور. (ڪنڀات)
٢. رات سهائي پون سئين، پٽين وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، ڪرها! مور م ڪنڌ،
بندط سوئي بند، جو پهچائي پرين ڪي. (ڪنڀات)

٢٤١- ڪرها! لنبي ويکہ پر، پوَنان جيوُن وَهہ جاهہ،
جهنپ ولنئہ ديوَلئہ، ڌڻ جـــا ڳنڌي جانهہ.

ڪرها! لنبيون وکون پر؛ واءُ جيان وهندو هل؛ جيسين
ڏيا پيا برن ۽ ڌڻ پيئي جاڳي، تيسين هل (۽ هلي رس).

شاهہ: ١. ڪرها ڪسر چڏ، وکہ وتندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، بيو وڃہ لاٽي ڪاءِ،
ايهين اُت اناءِ، جتن هوندي رات هت مڙوُن (ڪنڀات)
٢. ڪسر ڇڏ ڪنوانت! وکون وجهہ وجهنديون،
سئين سپيرين جي، ونگي پان ۽ م وات،
ڇڏ جهوري، ڏي جهات، تہ هندي ۽ رات هت مڙوُن (،،)
٣. هاهر ڪندو هل، تہ ڪجايون ڪرن ڪي (،،)
٤. چندن چاريئن جال، جي مون رات رساٽئين. (،،)

پُوري ٿيڻ کان اڳي وڃي (منهنجي اچڻ جي) واڌائي ڏين
مان رات ٽائين اچي ويندس.

ڪرهي کي چوڻو هلائڻ

٢٣٧- سڙ-نسڙ واهِ م ڪنبڙي، رانگان ڏيهه م ڇوُر،
ٻهُن ڏِيهان ٻِڄِ مارئي، مو-ٿي ڪيتي ڏوُر؟

ڪرهو: سٽي سٽي ڪامون (لڪڙيون) نه واهينم؛ منهنجو
رانون نه ڇوُر ڪر؛ ٻن ڏينهن (ملڪن) وچ م جي هجي مارئي
ته ٻه مونکان گهڻو ڏوُر ڇنبي؟

شاهه: ا. ڪامون سهه م ڪرها! ٻانٽا ڪيم هڻاءِ،
پرين سي پرچاءِ، جن وڏوُڙي وِرهِ ٿيا. (ڪنيات

٢٣٨- ڪرها، ڪاڇي ڪاليا، پڻن پاري، گهر ڏوُر،
هنڙا ڪانءِ نه ڪنڇيا، راهه ڪلفته سوُر؟

ٻولا: ڪرها؛ ڪڇ جي ڪاريءَ اُن جا پٽ؛ ٻونءِ پارِ
(ساجن جو) گهر ڏور؛ راهوءَ جنهن مهل سڄ ڪي ڪان
شروع ٿي ڪيو، اُن مهل هن پنهنجا هٿ نه ٿي روڪيا
(جڏهن اونڌهه نه ٿئي ها)

شاهه: ويو سج وڻن ٽان، راسيون رٽائين،
مونکي مار يائين، آيل! اونڌاهي ڪري. (حسيني

٢٣٩- ٻولا واهه م ڪنبڙي، ڏسئي ايڪڻ پوُر،
جي ساجڻ وِيهين ڳڙي، ويهين ڳڙءِ نه ڏوُر.

اُٺ: ٻولا! ڪنبڙي، ڪام، هڪ ڏفعي ٿيهه ڏ
پيڙا نه واهينم، جي ٻه ساجن ويهن شهرن جي پنڌ تي هج
ته ٻه ويهه شهر ڏور آهن ڇا؟

ڪبير: ڪبير سپنهه هر مليا، سُوتان ليا جگاءِ،
آنکه نه موچئن ڊر پتا، سپنا هوئي جاءِ.

٢٤٥- رات جه بادل سگهڻ گهڻ، ويڄ چمڪڻه هوءِ،
اِنَ سمُهيبئه، هـي سکي! سالهه جگايو مـوءِ.

سکيون! رات جڏهن بادلن ۾ سنهو آواز هئو ۽ وڄ پئي چمڪي، ان سمي، سالهه اچي مونکي جاڳايو.

٢٤٦- سوهڻ يائي ڦـر گيا، مُنَن سَرَ پـريا روءِ،
آوَ سوهاگڻ نيندري، وَل پريه ديکُون سوءِ.

سپنو اچي وري هليو ويو؛ مون روئي تلاءَ ڀري ڇڏيا.
ايءِ سهاڳڻ ننڊ! اچ ته اُهو پرين وري ڏسان.

٢٤٧- جد جاگُون تد ايڪلي، جب سوئُون، تب بيل،
سوهڻا! تي مني چيتري، ويجي بيجي هيل.

جڏهين جاڳان تـڏهن هيڪلي، جـڏهن سمهان تڏهن هجان ٻيلهه؛ سپنا! تون نوان نوان کيل ڪري مونکي نڳي رهيو آهين.

شاهه ڪريم: آيل سهڻو رڏ، سهڻي ڪا ۾ وسهي،
ستي هيڙا گڏ، جان جاڳان تان ناهه پرين.

شاهه: ستي لدم سهڻو، کٿيءَ ۾ خاصو،
وُتا مينهن ملير ۾، ٿيو تر تر تماشو،
چوريان جان پاسو، تا جسو زنجيرن ۾. (مارئي)

٢٤٨- سوهڻا! هوُن ڪئه داهوي، تو تئه دهيئه آگه،
سوَ جوڻ ساجڻ وَسئه، سوُئي تي گل لگه.

سپنا! آءٌ توکي ڏنيا ئيندي يس؛ توکي آگه ڏيارينديس،

مارئيءَ جو ٻيو سپنو

٢٤٢- موٺي جڙي جہ هاٺ، سُرهہ - سُگندي واڻلي،
سوُٺي مانجهہ رات، جاڳوُن ڏولوُن جاڳوي.

مارئي، هڪ موتين جڙيل، سرهي سگندي ٽيل منڊي پائي ستي آهي. آڌيءَ رات جو ائين ٿي سمجهي تہ جڻ ڏولا کيس جاڳائي رهيو آهي.

ميران: سوٺي کو سپنا آويا جي، سپنا وسوا ٻيس.
شاهہ: پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾ (برو و)

٢٤٣- سپنڻہ پريتم مجهہ مليا، هوُن گل لاگي روءِ،
ڈرپت پلڪ نہ کولهي، مَتہِ وڇوهڻہ هوءِ.

سپني ۾ پريتم مليم؛ روئي وڃي گلي لڳي سانس؛ ڊپ کان پلڪ (اُڇڙ) ئي نہ پيئي کوليان، متان وڇڙجي وڃيم.

شاهہ: ستي خواب لڌومر، ڇان هيس هوت حضور ۾،
گهٽيون گهمندي ڏول سين، نئون نينهن لڳوم،
جاڳي جان ڏٺوم، تہ پاڻان قُت فراق جو. (ليلان چنيسر)

٢٤٤- سپنڻہ پريتم مجهہ مليا، هوُن گل لڳي ڏاءِ،
ڈرپت پلڪ نہ ڇوڙهي، مت سپنڻہ هڻہ جاءِ.

سپني ۾ پريتم مليم؛ ڊوڙي وڃي گلي لڳي سانس ڊپ کان، پلڪ ئي نہ پيئي کوليان، متان سپنو، سپنو ئي رهجي وڃي.

ميران: ١- ان نئڻن ميرا صاحب بستا، ڈرتي پلڪ نہ ڈائوَ
٢- سپني مين هر درس ڈينهون، ٿن جاڳيو جائ

اگر ئماٽـي ڇـا ڪري؟ اِهو ڪانءُ آهي جو نرلڇو پيو لنوي؛ نہ تہ، سؤ ڪوهن تي ساڄن وسي، سو ڪئن ڇوان تہ اج اچي ٿو؟

شاهہ: ١. ٿان ڪي لڳج ڪانگ! ڪڏهن ايندا مان گهر ين. (سامونڊي)

٢. آنديون ڪانگ قريب جون، اج واڌيون واهہ. (پورب)

ڍولا نرور پرسان

٢٥٣- سانجهي ويلا سامهل، ڪنئل ٿئي آڳـاس،
ڍولئہ ڪرهــہ ڪنبائيو، آيئہ پوُگل پـــاس.

سانجهيءَ ويل، سامهون آڪاس ۾ وج چمڪي؛ ڍولو ڪرهي کي ڪانبڙيون هڻي ڪنبائي پهچائي، اچي پوُگل کي ويجهو ٿيو.

شاهہ: مونکي ڪوڙ خوش ڪيو، جا ڪڪر ۾ ڪاري. (سارنگ)

٢٥٤- اُونـڊا پـــاڻي ڪوُهري، ديسڙہ تارا جيم،
اُوسارنتا ٿاڪئيءِ، ڪهہُ، ڪاڍ سبئہ ڪيم؟

ڍولا- ”ڪوهہ ۾ پاڻي تمام هيٺ پاتار ۾ آهي؛ تارن جي چمڪاٽ تي تو پاڻي ڏسڻ ۾ اچي. ڇڪي ڇڪي ٿڪجي پوندين؛ پڌاءِ ڪئن ڪيدندين؟

شاهہ: ١. آڌيءَ اٿين تي، جيلانهہ پاڻي پاتار ۾
وارو ويسرين کي، ڏينهان ڪونہ ڏي. (مارئي)

٢٥٥- ٿُسر جاوءُ گهر آپڻي، مهاري ڪيهي تــات،
ديهي-ديهہ اُسارسيان، پرسيان مانجهہ رات.

ڳوناٽو: تـون وڃ پنهنجي گهر؛ منهنجي ڇو تو تات ڪرين؟ مان ڪٽي سڀ ڏينهن ڇڪيان، آڌيءَ رات ٿاٻين پريان!“

ساجن وسي سو يوجڻ پري، ۽ آءٌ ستي پيئي هيس ڪيس گلو لڳائي!

٢٤٩- سهڻا! ننڊ مراوسون، هيئڙي ڊرائون ڇيڪ،
جڏ سؤئون ته ڏوءِ جڻ، جڏ جاڳون ته ايڪ.

سپنا! توکي مارائيندس؛ توکي هيين برسل ڪرائيندس. سمهان ته ڏسان ٻه ڄڻا آهيون، جاڳان ته هڪ ئي هڪ!

٢٥٠- سهڻي ڦر سمجهايئڙه، سُهڻئه ڏوس نه ڪوءِ،
سوءُ جويڻ صاحب وسئه، آڻ ملائه توءِ.

پوءِ سکيون تيون سمجهائينس ته ”مارئي! سپني کي ڏوش ڇاڪاڻ ٿي ڏين؟ هو ته پاڻ، سو يوجڻن ٿي وسندڙ صاحب کي تو توسان آڻي ملائي.“

شاهه: سپنا تم سلطان هو، اُتم تيري ذات،
سو ڪوهين ساجن بسي، مجهه آڻ ملاوين رات. (بيراڳ)

٢٥١- سهڻي! صاحب آوسيئڙه، مو من هئي سڄاڻ،
آڳم واڏائو هيا، اَنڱ نِڏا اهناڻ.

سکيون! منهنجو صاحب اچي رهيو آهي. منهنجي من ۾ اها سڻي خبر پيئي آهي. منهنجا انگ ڦرڪي اهڃاڻ ڏيئي رهيا آهن.

شاهه: ١- آڳم اي نه انڱ، جهڙو پسڻ پرين ء جو. (سارنگ)
٢- آڳم ڪيو اچن، سڄڻ سانوڻ ميڻهن جئن،
پاسي تن وسن، جي سڀ جمانڊ رڪيا (سارنگ)

٢٥٢- آنڪه نماڻي ڪيا ڪري، ڪئوا لوءِ نِلجّ،
سوءُ جوين صاحب وسئه، سو ڪِم آوءِ اَج.

٢٥٨ ب - بالُون، بابا، ديسڙءِ، جهان پاڻي سيوار،
نـا پڻهاري جهُولرءِ، نــا کُوءِ لُڏڪار.

هڪ مارُوئڙي: بابا اوهانجي (مالوا) ديس کي ٻاريون، جتي پاڻيءَ تي سيندور چڙهيل هجي؛ جتي کي به پاڻهياريون کوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ، نُولا ناهي، لڄ سان ڳائيندڙيون نہ ٻڌجن.

٢٥٨ ب - بالون، بابا، ديسڙءِ، پاڻي-سندي تانت،
پاڻي-ڪيرءِ ڪارڻہ، ٻري چنڊڻ اڌ رات.

اُف: بابا اوهانجي ديس کي ٻاريون، جتي پاڻيءَ جي تات لڳي پيئي آهي، جتي پاڻيءَ جي ڪارڻ اڌ رات جو پنهنجو پريتم ڇڏڻو پوي.

٢٥٨ پ - بالون، بابا، ديسڙءِ، جهان ڦيڪريا لوڳہ،
ايڪ نہ ڏيسئہ گوريان، گهر-گهر ڏيسئہ سوڳہ.

پي مارُوئڙي: بابا اوهانجي ديس کي ٻاريون، جتي جا لوڪ ڦڪا، اُپوڳا ٿين، جتي هڪڙي گوري بہ نہ ڏسجي، جتي گهر گهر ۾ شوڪ ٿي ڇانيل هجي.

٢٥٨ ت - ڀهرڻ-اوڍڻ ڪنبلان، سانئي پُرسي نِير،
آپــڻ لـــوڪ اُپانڪرا، گادر-ڇاگلِ کير.

اُف: توهانجي ديس ۾ ڀهرڻ اوڍڻ لاءِ رڳو ڪنبل ملي، جتي ست پـڙهہ اُونهو هجي کوهن ۾ پاڻي، جتي جا لوڪ اُپ ڏي، برسات ڪاڻ نهاري سدائين ڪرا آهن، ٻيتا آهن، برسات لاءِ پيا هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ هلن، جتي کير ملي ٻڪرين جو ۽ سو بہ گڏيل.

(ڇاگل = ٻڪري، ڇاڳر = ٻڪريءَ جي مان نهيل ساندارين)

ڪرهو ۽ مارئي

٢٥٦- مارُو-مارُو ٿـان ڪرو، مـارو ڍيڍڙيانهہ،
پـاڻـيِ پيتو ڍولئا! مـاريو ڪانڀڙيانهہ.

ڪرهو: ”ڍولا! تون پيو مارُو-مارُو ڪرين؛ پر مارُوئڙيون کي ڍيڍياڻيون ٿيون ڏسجن. رڳو پاڻي پيتو اٿم تہ ڪامون هڻي ماري ڇڏيو اٿن.“

٢٥٧- ڪرها! پاڻي ڪَنڄُ پيءُ، جو ڍولارو هويہ،
پڙلي واهي ڪانڀڙي، وَلي نہ واهڻَ ڪوءِ.

مارئي: ڪرها! پاڻي ڪشي ڪاٺي پيءُ، جي تون ڍولا جو اُٺ آهين. ڍُل ۾ توتي ڪانڀڙيون واهيون اٿن، وري ڪو بہ ڪين واهيندءِ.

٢٥٨- ڍولا! مارو ديس ۾، پـاڻي نيِٺ ڪيڏايہ،
پـيـو اميٺو ڏيسڙو، سيوَج جل پيِوايہ.

ڪرهو: ”ڍولا! مارو ديس ۾ پاڻي ڏاڍو مشڪل ٿو نڪري. ڀلو آهي اسانجو ديس جتي جيترو پاڻي پيئڻو هجيئي اوترو ملندءِ؟

شاهہ: جي پياري پاڻ، تہ ڪرهو تي پاڻي پئي،
اڳي لن نياڻ، اڻ ڪونيو ڪونہ گهري. (يمن)

ڪرهو ۽ مارُوئڙيون

٢٥٨ الف-بالئن، بابا، ڏيسڙءُ، پاڻي جهان ڪُوانهہ،
آڌي رات کُهڪَّڙا، جيئن ماڻسان مُوانهہ.

اُٺ: بابا اوهانجي (مارواڙ) ديس کي ٻاريون، جلايون، جتي جو پاڻي کُوهن ۾؛ جنتي آڌي رات لـائين ٿيئون ڌانهون ڪڙکون هڻن، جڻ تہ ڪي ماڻهو مئا آهن.

سکيون! صاحب آيو آهي جنھنجي چاھنا ھيم. منھنجو هردو وڏي ھماليہ جبل جيڏو ٿي پيو آهي ۽ ھن تن ـ پڃري ۾ ماپجي نہ ٿو سگھي.

شاھہ: ١ـ جنين لايو نيڻين نينھن، سي پرين پيھي گھر آئيا. (سارنگ)

٢ـ ڳالھيون پٽ ورن ۾، وڏي وڻ تيون. (رپ)

٢٦٣ـ سجڻ مايا سجڻان، ٿـن من نيڻ ٺرنت،
اَڻ پيبيئہ پيٽنگہ جيئن، نيڻين ڇاڪ چڙنت.

مارئي: سجڻ سجڻن کي ملن ٿا تن، من ۽ نيڻ ٺريو وڃن، اَڻ پيتي نشي جي، اکين تي خمار چڙھيو وڃي!

شاھہ: ١ـ جيلانھن منھن ميڻا، تيلانھن نشا چارھيا ئون نينھن جا. (رام ڪلي)

٢ـ جئن جئن پرين پسن، تئن تئن نشا نينھن جا (آسا)

ڍولا جو مارئيءَ کي ڏسڻ

٢٦٤ـ جِڻ ڪارڻ ٿل لنگھيا، نيان چِتّ نہ ڪوءِ،
ساجن ڪيھا ڪوُوَـسر، ڪرھئہ ترسيئہ ٿوءِ؟

ڍولا: جنھن ڪارڻ ٿر لنگھيو آھيان، سا تہ ڪا چِت ۾ ئي نہ ٿي اچي. ڪرھا! تو جو ڪوُھہ تي تراس لاتي اُتـي ساجن ڪھڙو آهي؟

٢٦٥ـ سيّي لو وَل واليان، نان جاڻون ڏڻ ڪايہ،
اُوجـل دنتي مـاروَڻ، پدم جڙاوي پايہ.

ڍولا: ”سيپئي ڏس تہ ورن وار يون؛ نہ ڄاڻان تہ منھنجي اِستري ڪھڙي آهي. ماروئڙيون تہ سيپئي آھن اوجل ڏندن

شاهہ: سنجن سانيڪن ني، وڏيءَ وير وهون (مارئي)
(سانيڪا: سٽ پڙهہ اُونها کوهہ. سنجڻ=پاڻي ڀرڻ)

٢٥٩- جهوڪي ڪرها بڌسيئہ، جوتون ڍولو هويہ،
جي مين جاڻت ولها، ڪويہ نہ مارت تويہ.

مارئي: تون ڍولا جو اُت آهين؛ جهڪي ويهہ؛ مونکي جي جاڻ هجي تہ تون ولهي جو اُت آهين تہ توکي ڪير بہ نہ ماري ها.

٢٦٠- اُونچا پاڙي کُوهرءِ، تلي چڍيجئہ نِٽَ،
مارئي ڪئہ کارئہ، ديس آديِنا دِنَّ.

کوهن جو پاڻي تہ مٿي تڪليف سان تو چڙهي. مارئيءَ جي ڪارڻ نہ ڏسڻ جهڙو ديس ڏسڻو پيو اٿم.

مارئيءَ جو ڍولا کي ڏسڻ

٢٦١- صاحب آيا، هي سکي! ڪڄا سهہ سريانهہ،
پوُنم-ڪيري چندجيوُن، دِس چياري قليانهہ.

مارئي: سکيون! صاحب اڄي ويو آهي. منهنجا ڪارج سڀ سريا. آهن پورنماسيءَ جي چند جيان، چارئي ڏسيون قليون آهن.

١- ڪورين ڪاج سريام، اڻ ستو ڪونہ رهيو (ڪاموڏ)
٢- اڄ سڄڻ گهر آيم جيڏيون،
الله اميدون پڄايم جيڏيون. (بسنت)

٢٦٢- سکئي! صاحب آويا، جانهکي هوُنتي چاءِ،
هِيرَڙو هيمانگر ييئہ، تن-پنجري نان ماءِ.

بادل وسي رهيا آهن. چار اکيون هڪ ٻئي ۾ کپي ويئون
۽ پريتمن نينهن ۾ نميون.

ڍولا جو نرور ۾ اچڻ

٢٦٩- اڻ سمئيئه آويئه، ويسو تٿهين وار؛
پنگل راجا نون کهئه، آيئه سالهه کمار.

انهيءَ سمي، انهيءَ وار، ويسو اچي ويو ۽ راجا پنگل کي ٻڌائين ته ”سالهه کمار آيو آهي.“

٢٧٠- راجا راڻي هرکيا، هرکيئه نگر اپار،
سالهه کنور پڌاريئه، هرکي مارو نار.

راجا ۽ راڻي، هرکيا، خوش ٿيا؛ سارو نگر هرش ۾ ڀرجي ويو. سالهه کمار پڌاريو ته مارواڙ جون ناريون سڀ آنند ۾ پيئون.

٢٧١- گهمر- گهمنئه گهوگهرءِ، پگ سونيري پال،
مارو چالي مندري، جاڻ چتو چنچال.

پيرن جا سونا پلڙا، گهنگهٽا، پيا گهڻ گهڻ ڪن، جو مارئي مندر (محل جي هڪ صفحي) ڏي هلي آهي؛ جڻ ته ڦوهاري چتڙ جي چمڪات پيئي ٿئي.

٢٧٢- سوئي سجڻ آويا، جانهکي جوتي وات،
ٿانيا ناچئه، گهر هنسئه، کيلڻ لاگي کات.

سوئي سجڻ آيو، جنهن جي وات پي نهاريائين. ٿنبا ٿا نچن، گهر ٿو کلي، کٽ ٿي کيڏڻ لڳي.

٢٧٣- مارو ٻئٺي سيج سر، پري مک ديکئه تاس،
ڀو نم کيري چند جيون، مندر هوءِ اجاس.

واريون؛ سنڌن ڀڳا ڀڳا پڌمن کي ٿو ڀڪائي، يا پڌمن سان ٿو ڪلهو هڻي." (لو=ڏسو. انگريزيءَ ۾ به چئبو آهي "Lo")

شاهه: ١- نازمنجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ. (ٻروو)
٢- تنهنجا قدم پڌمن پاريان. (سورٺ)

٢٦٦- سّپي لو وَل واليان، سِپِهين کي گَلِ هار،
ايڪڙ مارُوُ باهري، ٻِيجي سگلن جُهار.

ڍولا: سپيئي ڏس ته ورن واريون. سپني جي گلي ۾ هار، هس. هڪ ماروئڙي منجهانئن ٻاهر ٿي ٿي ڏيءَ ٻيون سپيئي کيس جهار ٿيون ڪن، (سلامُس هيڻاهين ٿيون هلن)، جنهن ٻار تي، ڍولا پنهنجي مارئي سڃاڻي ٿو.

شاهه: ١- سپيئي سهاڳڻيون، سڀن ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڍول ڏنهين جي ڍار، هيڻا ٿيهون هلن جي. (ليلان چنيسر)
٢- سپيئي سهاڳڻيون، سڀن ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول ڏنهين جي گس، هيڻا ٿيهون هلن جي. (ليلان چنيسر)

٢٦٧- جڻسون سُپني ديکني، پرکت پئي پِروَ آءِ،
ٻ رتي آنکه نه مُوندهي، مت سپنئه هيه جاءِ.

جنهن پرينءَ کي سپني ۾ پي ڏٺم، سو اڄي پرگهٽ ٿيو آهي. ٻ پ ڪان اکيون ٿي نه ٿي منديان (پوُريان)، متان سپنو ٿي وڃي!

٢٦٨- ڍولئه جاڻيئه ٻِيجاي، مارُوُ جاڻيئه ميهه،
چيار آنکه ايکٺ هئي، سَبڪي ڏوِيو نيهه.

ڍولا پاڻيو ته وڄ چمڪي رهي آهي؛ مارئيءَ پاڻيو ته

رات جي چوٿين پهر، ڪڪڙ بانگ ڏني آهي. زال پنهنجي ڪنجڙي پيٺي سنڀالي ۽ مڙس پنهنجين مڇن جا وار پيو سنڀالي.

٢٧٩- پنجمڻي پرهرئي ڏيهرئي، سائڻ ڏيئه ٻهار،
رم-جهم، رم-جهم هڻه رهي، هڻه ٽڻ-ٽري جهار.

ڏينهن جي پنجين پهر، هيءَ زال (ڇڇري پيل هار جي داڻن ميڙڻ لاءِ) ٻهاري ٿي ڏئي؛ پيرن ۾ پيل پايل جي رم-جهم، رم-جهم ٿي لڳي ۽ (پٽ ۾ وينئي) زال مڙس هڪ ٻئي کي جهارين ٿا.

٢٨٠- ڇٺمه پرهرئن ڏوس ڪي، هڻي ڄه جهيڻ وار،
ڏَن چاوَل، مَن لاپسي، نيڻ ڄه گهي کي ڌار.

ڏينهن جي ڇهين پهر، کاڻ جي ويل ٿي آهي. تن اٿن چانورن سمان (ڇرڪ)؛ من اٿن لاپسي مناڻيءَ سمان (ڳنڍيل) ۽ نيڻ اٿن گيهه جي ڌارا مثل (خوشيءَ جا نيڻ گهاٽا ٿين، ڏوهن ڪين).

٢٨١- سٽم پرهڻن ڏوس ڪي، ڌڻ واڙيسان جاءِ،
آڻه ڏراڪه وجوريان، ڌڻ ڇيلمه پرءِ ڪاءِ.

ڏينهن جي ستين پهر، ڌڻ واڙيءَ ۾ ٿي وڃي، اُتان ڊاکه ۽ بيجورا ٿي آڻي؛ هوءَ ڇلي ٿي ۽ هو کائيٿو.

٢٨٢- آٺم پرهـــر سنجها سمڻه، ڌڻ نوئي سڻگار،
پان ڪجل پاکر ڪرءِ، ڦولان کي گل هار.

سنجها جي اٺين پهر، ڌڻ سينگار ٿي ڪري.

٢٨٣- پرهرئي-پرهر ڄه اُنريون، ڏوَلا ساکه پريس،
ڌڻ جيئني، پروَ هاريمه، وَيلها مِلڻ ڪريس.

مارئي سيج تي ويٺي آهي؛ اُتي پرين سنڌس منهن پيو
ڏسي. پونم جي چنڊ جيان، منڊر پيو چمڪي.

٢٧٤- هون بلهاري سڄڻان، سڄڻ مو بلهار،
هون سڄڻ پگ پانهي، سڄڻ مو گل هار،

آءٌ سڄڻ تان بلهار، سڄڻ مون تان بلهار. آءٌ سڄڻ جي
پيرن ۾ پائڻ جي جٽي لائق، سڄڻ منهنجي ڳلي جو هار.
شاهه: هوءَ جا پائن پير ۾، آءٌ تنهن جُتيءَ نه جيهي (سسئي)

آنند جا اٺ پهر

٢٧٥- پهلي پهري رين کي، ڏيا انبر ڏول،
ڏڻ ڪستوري هُنه رهي، پرو چمپا ٿول.

رات جي پهرئين پهر، آڪاس ۾ ديپڪ لڳي رهيا آهن
هيءَ پريتمان ڪستوري تي رهي آهي ۽ هوُ پريتم چمپا جو گل

٢٧٦- دُوجه پوهري رين کي، مليت گُڦا گنڌ،
ڏڻ پالي، پيه پاڪريه، وهن پلا پڙ يند.

رات جي ٻئي پهر ۾، (اڪيون) جوڻي پاڻ ۾ مليا؛ ڏڻ
پيدل ۽ پرين پاڪري تي سوار هو؛ ٻئي پريم جي پڌ ۾ پڙ هئا

٢٧٧- ترِيجي پوهري رين کي، مليا نيها-نيهه،
ڏڻ نهن ڏرتي هُنه رهي، ڪنت سهاوي ميهه.

رات جي ٽئين پهر، انهن جو انين مليا آهن. استري آهي
ڀوميءَ سمان، ڪانت آهي ميگهه سمان.

٢٦٨- چوٿي پهرئي رين کي، ڪوڪڙ ميلي رالي،
ڏڻ سنيالڻه ڪنجوي، پري موچان را بال.

ول. ڀيهڻ مارئيءَ کي ڀيتوءِ سندي ڀئي چلي رهي!" (ميل=ميلهه=جدا ٿي ويئي)

٢٨٨- وِسارِيان نه وِسرِءِ، چِتاريان نــاوَنِ،
مارو سايرـلهر جِيئُن، هوَڙي ڊِرو ڪاڍِنِ.

ڊولا: وساريان ته وسري نه ٿي؛ ياد ڪريان ته موٽي نه ٿي اچي: مارئيءَ سمنڊ جي لهرن جيان، منهنجي هردي ۾ ڀيئي سل ڪري.

٢٨٩- سوهڙ سهه ڀيلا ڪيا، ٿـڻ ويـلا ٿـڻ وار،
نــر ناري سهه بلبلئه، هيءِ، هيءِ، سرجڻهار!

انهيءَ وبل، اُني جو اُتي، سڀ ڳائيندڙ ڀيرا ٿيا. نرءِ ناريون سيئي ٻاڏائڻ لڳا ته "هاءِ، هاءِ، وڏاٿا! (هي ڇا ٿيو؟)"

مارئيءَ کي جيارڻ

٢٩٠- اِڪ جوڳِـــي آڻــنــد-مڻه، آويئه نڪهج واٽ،
جساڻـــو شري ڀـٽ ڀيڄيا، ڀانڄڻ سالهه اُڇاٽ.

هڪ آنند مڻ جوڳي انهيءَ ئي واٽ تان اچي لنگهيو. جڻ ته شري ڀٽ شو مهراج ئي ڪيس ڊولا جي اُڇاٽ ڀڃڻ، دک دور ڪرڻ لاءِ موڪليو هو.

ميزان: تم آيا بن سکه نهن ميري، دل ۾ بهت اُڇاٽ

٢٩١- نر ناري سُون ڪِيُون جلئه، نر سُون نار جلنت،
"سالهه-ڪنور"، جوڳِي ڪهئه، "آهلئه ڪيم مرنت؟"

جوڳي: "نر ڪئن ٿو ناريءَ سان جلي؟ ناري سو نـر سـان جلندي آهي. سالهه ڪمار! اهڙي نموني ڪئن ٿو مرين؟"

٢٩٢- "جوڳِي! سن،" ڊولئه ڪهئه، "تو نوُن ڪيهي ٿات،"
ٿي ڀنڻي، هئو ڀنت سر، ۾ ڪر ڀرائـي بـــات.

پوءِ تان پھر جنھن پيو اُتري، لھي، (ان مُرڳا تو ٿئي) تنھنجي ساک ڏيئو ٿي پري سگھندو، ڇو تہ سندن ملڪ جي ويلا اِھو ڏيئو ٿي تو جوڙي، اھو ٿي بڌائيندو تہ ڏڻ ڪٿيو ڪين پوءِ ھاريو؟

ڍولا ۽ مارئي جو پُوگل ڇڏڻ

٢٨٤- پنرہ ڏن لڳہ ساسرءِ، رھيئہ سالھہ ڪمار،
پُوگل پِگتان نوَ-نوي، ڪِيڏي ھِرڪہ اَپار.

سالھہ ڪمار (ڍولا) ساھرِي گھر پندرھن ڏينھن رھيو. پوگل نواسين سندس قسم قسم جي شيوا ڪئي ۽ گھڻيون خوشيون ملهايون. (پگتان=شيوائون، ھرڪہ=ھرش)

٢٨٥- سوَن-جڙت سنگار بھہ، ماروَڻي مُڪلاءِ،
گيہ، ھينوَر، داسِي بھت، ڏِينھي پنگل راءِ.

سونا جڙاءِ مٽيا گھڻا (ڏيئي) مارئي کي موڪل ڏنائون. ھاٿي، گھوڙا، گھڻيون داسيون راجا پنگل ڏنيون.

مارئيءَ جو موَت

٢٨٦- نِس پر سوُتي سندري، والنبِ ڪنٺ وِلگہ،
موھڻ-ويلي مارئي، پِيڏي ناگــہ پُينگہ.

(وات ٿي) رات جو پنھنجي پياري (ڍولا) جي ڪنٺ لڳي، ھيءَ سندري ستي پيئي ھئي. ھن موھن لتا وَل جھڙي مارئيءَ کي (پيھڻ) بلا ڦوُڪي، پيئو.

٢٨٧- واھي ٿِي گرٽ ويلڙي، واھي ٿِي رس ويل،
بيٺئہ پيدي ماروي، چاليا سوُتـي ميل.

ڍولا: "ھوءَ ني ھئي گڻن جي ول، ھوءَ ني ھئي رس ڀري

مارئي هاڻ اڪيلا اٿيئي. اهڙو موقعو وري ڪو نه ملندءِ.

۲۹۷- ايهي پلي نه ڪرهلا، ڪلهليا ڪيڪاڻ،
ڪا، پرين! راڱان پراڻ - ڪر، ڪائن اچنتي هاڻ؟

مارئي: "ڪرها! هيءَ سنٽي ڳالهه نه ٿي جو ڪيڪاڻ (گهوڙا) پيا ڪاهل ڪن، گهوڙن جي پيٽي هٽڪار اچي. پرين! ڇا آهي؟ هي اُت پنهنجي راڻن جي خوف کان پيو پڇي ڪين ڪا اوچتي هاڃي رسٽي آهي؟" (هاڻ=هاڃي)

۲۹۸- ڪٿن ناڪر آلڳا وهڻ، آوءُ امل ڪرانهه،
مهي پڻ جاسيان نرورءِ، ايڪڻ سات ڪڙانهه.

اُومر رايه: "ڇو، ناڪر؟ الڳ پيا هلو. اچو ته جل پاڻي ڪريون. مونکي ٻه نرور وڇٽو آهي. گڏ جي هلنداسين." (امل ڪرڻ=جل پاڻي پين. امل=آفيم)

۲۹۹- پيهر سندي ٻُومٽي، اُومر هُندءِ سٽ،
ماروئڙي نوُن تنت مٿن، ڪهه سمجهاوءِ ڪٽ.

مارئيءَ جي پهر جي هڪ ٻومٽي، اُومرا جي سٽ ۾ هوندي هئي. تند وڄائي مارئيءَ کي (راڳ ۾) ڇڻي تي سمجهائي.

۳۰۰- ٿل مٿئه اُوجاسڙءُ، ٿي اِڻ ڪيهڻه رنگ،
ذڻ ليجئه، پري مارجئه، چانڊ وِداڻه سنگه.

ٻوُمٽي: ٿر جي پٽن مٿي هيءُ هڪ اُجاڙ هند، اتي هيءُ کهڙو رنگ تو ٿئي؟ اِستري ٿي ڪهي ۽ پرين تو مارجي. اِهو وذُ ٽو، ڪروڌي سنگ ڇڏ.

۳۰۱- ماروئڙي تون اُت چنر، هيبئه ڇيت، ڳمار،
جئه ڪنڌا سوُن ڪامڙءُ، ڪرهئه ڪانبي مار.

ڍولا: ”جوڳي، ٻڌ! توکي ڪهڙي ڳالهه پيئي آهي؟ وانهڙو هئين، تيئن وانهڙو ٿي؛ پرائي ڳالهه نه ڪر.“

٢٩٣- جوڳڻ جوڳي سُون ڪهئه، سانيل، ناٿ سمٿّ،
ڪا جيوانڙئه مارئي، هوُن پڻ اِٺهج سٿّ.

جوڳڻ تي جوڳيءَ کي چيو ته ”ناٿ! تون سمرٿ آهين. تون هي ويچار ڪر: يا ته مارئيءَ کي جيار، يا ته آءٌ به تي هن سٿ (چِکيا) لئي چڙهانءِ.“

٢٩٤- هُئي سُڄيتي مارئي، ڍولئه من آنند،
جاڻ اَنڌاري ريڻ مَن، پرگٽيئه پوُنم چند.

مارئي (جوڳيءَ امرت ڇنڊڻ کانپوءِ) سچيت ٿي. ڍولا جي من ۾ آنند ٿيو، جڻ ته انڌاري رات ۾ پونم چنڊ پرگهٽيو.

شاهه: چوڏهينءَ ماهه چنڊ جئن، ڪيو ساميءَ سهائو،
لٿو اونداهو، جوڳيءَ سنديءَ جوت سان.
(مومل راڻو)

٢٩٥- ڍولئه- مارُو آپڻا، سب سڻگار اُتار،
جوگڻ جوگي نوُن ديا، تِنڻ ويلا تِنڻ وار.

ڍولا ۽ مارئي، ٻنهين پنهنجا زيور لاهي، جوڳيءَ ۽ جوڳڻ کي اتي جو اتي ڏنا.

اُومرا جي آخرين حرڪت

٢٩٦- هيرا گيا اُومرا- ڪنهِن، ڪهجئه ايهي بات،
ڍولئه مارُو ايڪلا، لهس نه ايهي ڌات.

چارڻ ويو اُومرا وٽ ۽ هيءَ ڳالهه ڪيائينس ته ڍولا ۽

شاهه: سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا تين نه ڪڏهين (ڪليات)

٣٠٦- ملڻ، سندر، ڪيئنا ڪهان، مارو ديس وڪاڻ،
مارو ٽي مليان پڇئه، جاٽيئه جنم پرواڻ.

ڍولا: ”مالوٽي! سندري! ٻڌ جيڪي چوانٿو مارو ديس جي واڪاڻ ۾. مارئي ملي اٿم تنهن کان پوءِ جڻ نه نئون جنم پاتو اٿم.“

٣٠٧- مالوَ ديس وڪاڻيا، مارو ڪيا وڪاڻ،
مارو سوهاڳڻ ٿئي، سندر، سگڻ، سڄاڻ.

مارئيءَ پاڻ مالوا ديس جي واڪاڻ ڪئي. ائين، مارئي سهاڳڻ، سندر، سگڻي ۽ سڄاڻ ٿي.

٣٠٨- جهگرو پاڳئه گوريان، ڍولئه پوري سڱه،
مارو رُلياڻت هئي، پامي پريه پرڪه.

ڍولا اهڙو ورتاءُ ڪيو جو ٻنهي گورين وچ مان جهگڙو پڄي ويو. ڍولي ٻنهين جي پوري ساک پري. مارئي رلي ملي ويئي ۽ پرينءَ سندس پوري پرک ڪرائي.

٣٠٩- آڻند اَنت، اُڇاهه اَنت، نرور مانهه ڍول،
سَسينهي سيڏان - نٽان، ڪلجڳ رهيا ٻول.

گهڻو آنند، گهڻو اُتساهه آهي جو نرور ۾ ڍول تو رهي. سڄڻ سنبهين، پريتمن جي هيءَ وارتا، ڪلجگ ۾ ٻڌائڻ لاءِ رهجي ويئي آهي.

شاهه: سنرسين سگهه ڪري، پرڪنديون پياس،
ڪير برهمڻ، ڪن جي، ڪير جاٽي ڪٽياس،
هند نه سِند سياس، هن پُٺئين ڪيس پڌري. (معذوري)

ماروئي! تون تمام سياڻي آهين. ڳنوار! هنڌين سان چيٽ،
جي ڪانڌ سان ڪم اٿيئي ته ڪرهي کي ڪام (چڙهي) مار.

ڍولا-مارو واپس نرور

٣٠٢- ڍولئه نرور آويئه، منگل ڳاوء نار،
اُڇو هوء آئيه گهري، هرکيئه نگر اپار.

ڍولو نرور آيو. ناريون منگل ڳايا. گهر آيو ته اُتسو ٿيا.
نگر ڏاڍي هرش ۾ آيو.

٣٠٣- مارؤٽي، نئه مالوڻ، ڍولئه ڏٺ پرتار،
ايڪڻ مندر رنگه رمئه، ڪي جوڙي ڪرتار!

ماروئي ۽ مالوڻي، ٻن جو پتار ڍولو، هڪ مندر ۾ سيبئي
رميا آهن، گذارين ٿا. ڪرتار اِها جوڙي.

٣٠٤- مارؤ ديس اُپنيا، تهانڪا دنت سُپيت،
ڪوُنجه بچي گو رنگيان، ڪنجر جيها نيت.

ڍولا: جيڪي مارؤ ديس ۾ اُپنيون آهن، تنجا ڏند سفيد،
هؤ ڪونج جي ٻچن وانگر، رنگ ۾ رنگيون. هنن جا نيتر
جهڙا ڪنجن پکيء جي اکين جهڙا يا خنجر جهڙا.

شاهه: ١. سر ڏنڌاري صاف ڪر، صابڻ ساڻ سپيت. (سريراڳ)
٢. اکيون ٻرڻم ننهنجون، ڪتاري جي ڪار. (آسا)
٣. آما پڪا آميسان، رس وهي نيڻان،
گوري گرجن سپ پڪا، وڻ پڪا وٽيان. (ڍولا ماروئي)

٣٠٥- مارو ديس اُپنيا، سَر جيئن پَڌريا،
ڪوڙا ڪدي نه بولهي، مِٺا بولڻياهه.

ڍولا: جيڪي مارؤ ديس ۾ اُپنيون آهن سي جڻ ته
پڌري پٽ ۾ تلاءُ آهن. ڪوڙو ڪڏهن نه ٻولين، مٺائين منو ٻولين.

ضميمو - سهايڪ ڪتاب

هن ڪتاب جوڙڻ ۾ هيٺين ڪتابن جي سهايتا ورتي اٿم:-

١- هندي:-

١. ڍولا-مارو دوها، ڪاشي ناگري پرچارڻي سڀا
٢. ڍولا-مارو دوهن جا مختلف ڇاپا ۽ قلمي نسخا
٣. ڪبير گرنٿاولي ۽ ڪبير جا دوها
٤. ميران بائي "پداولي"
٥. سور ساگر
٦. راجستاني دوها
٧. راجپوتاني ڪا اتهاس - اوجها
٨. پراڻي هندي - گليري
٩. هندي ساهتيه ڪا اتهاس - شُڪل
١٠. ڊنگل ڪاويه
١١. راجستاني وياڪرڻ ۽ ڪوش

٢- سنڌي:

١. شاه جا مختلف رسالا
٢. سرها گل - دائود پوٽو
٣. سنڌي شعر - جهمٽمل ڀاوناڻي
٤. سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخ - ميمڻ
٦. ڊڪشنريون - پرمانند

٣- انگريزي

1. Annals & antiquities of Rajasthan—Tod
2. Sind, the unhappy Valley—Abbot
3. Linguistic Survey of India—Grierson
4. Modern Veracular Literature of Hindusim—Grierson
5. Hindi Literature—Keay
6. Advanced History of India—Majumder

هندستان ساهتيه مالا (پيو سال)

۱. **سڌارٿ** - هرمن هيس. ترجمان: پروفيسر ايسرداس واڌومل رائسنگهاڻي. ۹ آرٽ پليٽس سان، ۲-۸-۰ روپيه.

۲. **گوپيءَ جو هردو** - ڪماري ريحانا طيبجي. ترجمان: ڪماري موهني آڏواڻي. ۱-۰-۰ روپيه.

۳. **دوست ڪئن ڪجن ۽ دليون ڪئن کٽجن** - ڊيل ڪارنيگي. ترجمان: پروفيسر رام پنجواڻي. ۳-۰-۰ روپيه.

۴. **ڀڳوت گيتا** - شري راجگوپال آچاري. ترجمان: ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي. ۸ آنه.

۵. **ڦل چونڊ** - گرديو ٽئگور. ترجمان: شري ايڇ. ڊي. ماڙيوالا. ۱-۸-۰ روپيه.

۶. **گهر ۽ دنيا** - گرديو ٽئگور. ترجمان: شري روچيرام گنگارام سڌاڻي، ايم. اي. ۲-۸-۰ روپيه.

۷. **ڀڳ درشن** - ليکڪ: شري نارائڻ سامتاڻي، ايم. اي. پنجن آرٽ پليٽس سان، ۲-۸-۰ روپيه.

۸. **سدائين جوان، سدائين نروگو** - ليکڪا: شريمتي اندرا ديوي. ۳۲ تصويرن سان، ۳-۰-۰ روپيه.

۹. **ڍولا مارو** - پروفيسر جهمٽمل خوبچند پاوناڻي. ۵ آرٽ پليٽس سان ۲-۰-۰ روپيه.

۱۰. **ڪوماڻون جا آدم خور** - جم ڪاربيٽ. ترجمان: پروفيسر چيتن ماڙيوالا ۲-۸-۰ روپيه.

چندي جا اگهه

بمبئي شهر ۾ بنا ٽپال	۱۵-۳-۹	روپيه
بمبئي راڄ ۾ ٽپال رستي	۱۸-۴-۶	روپيه
بمبئي راڄ کان ٻاهر	۱۸-۰-۰	روپيه
ولايت ٽپال خرچ سميت	۲۲-۸-۰	روپيه

هندستان ساهتيه مالا جو نئون سال

"هندستان ساهتيه مالا" ڏياريءَ جي شبھ وار تي نئين
۾ پير ڌري ٿي. گذريل ٻن سالن ۾ ١١ اُتم هاڪارا
پيش ڪيا ويا جي ساهتيه جي درشٽيءَ کان اوچ
لئق آهن. نئين سال ۾ ٻه ٢٤٠٠ ڪرائون صفحن جا
ر پستڪ ... يندا. حال ڪجهه ريت ڪتابن جو سلسلو
ن رٿيو ويو آهي:

ڏيڪ آنند مارڳ، وڏيڪ صحت مارڳ - گيلارب هاسر
۾ نبيڙو جيءُ گھٽو' جو نامور رچيندڙ)، صفحا اٽڪل ٣٠٠

راماڻ - شري راجگوپال آچاريه، ترجمان: پروفيسر تاراچند
ال، صفحا اٽڪل ٤٠٠

سائين دلپت جي ٻاڏي - مڪمل ۽ ڏکين اکرن جي
ي سميت، صفحا اٽڪل ٣٥٠

پنچتنتر - سنسڪرت پستڪ جو مڪمل ترجمو، انوادڪ:
بسر نارائڻداس ٻنيجا، صفحا اٽڪل ٤٠٠

گپت ڀارت جي کوج - ليکڪ: پال برنٽن، انوادڪا:
اري آء - ايڇ - شوداساڻي، صفحا اٽڪل ٤٠٠

جيون ماتر - (شاه صاحب جو سرُ ڏهر)، ليکڪ: شري
ند امرڏنمل، صفحا اٽڪل ١٠٠

ڪ گهر - (ناٽڪ) - ليکڪ: گرديو ٽئگور، انوادڪ:
آسانند مامتورا، صفحا اٽڪل ٨٠

اجا اشوڪ جي آمر ڪهاڻي - ليکڪ: هلدا سياگمن،
و ٽئگور جي مهاڳ سان، صفحا اٽڪل ٣٠٠

گيتانجلي - گرديو ٽئگور - ترجمان: پروفيسر منگهار
اڻي، صفحا اٽڪل ١٢٥

منهنجي جيون ڪهاڻي - ليکڪا: هيلن ڪيلر.

هڪ ٻن پستڪن جي ڇپڻ لاءِ پڻ ڪوشش هلندڙ آهي.
چندي جا اڳھ ساڳيا آهن جي هن جي مهڙ ۾ ڏنل آهن.
يندا هڪ ئي قسط ۾ موڪلڻ گهرجن.

ستان ساهتيه مالا، ١٣ حمام سٽريٽ، فورٽ، بمبئي-١.